
سپ رنگ سانول
(مضمون، مقالا، ڪهاڻيون، انٽرويو، شاعري ، شخصيتن تي مشتمل ادبي مجموعو)
ليکڪ: هاشم شورو
آفتابِ ادب پبليڪيشن ڪونڙي


سپ
رنگ
سانول
ليکڪ:
هاشم شورو
آفتابِ ادب پبليڪيشن ڪونڙي

# سپ رنگ سانول

(انٽرويو مضمون، ڪهاڻيون، شاعري ۽ شخصيتن تي مشتمل ادبي مجموعو)

ليکڪ:

## هاشم شورو

آفتابِ ادب پبليڪيشن ڪوٽڙي

سنڌ سلامت ڪتاب گھر





## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (106) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ”سپ رنگ سانول“ ليکڪ، ادب دوست ۽ سوشل ميڊيا جي متحرڪ دوست محترم **هاشم شوري** صاحب جي لکيل تاثراتن، شخصيتن جي خاڪن، ڪهاڻين، شاعري ۽ آٽوگراف ڪليڪشن تي مشتمل آهي.

هي ڪتاب آفتابِ ادب پبليڪيشن ڪوٽڙي پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو آهي. لک ٿورا سائين **هاشم شوري** صاحب جا جنهن هن جي سافٽ سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

Book No.3

سمورا حق اداري/ ليکڪ وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب | : | سپ رنگ سانول |
| ليکڪ | : | هاشم شورو |
| موضوع | : | انٽرويو مضمون، ڪهاڻيون، شاعري ۽ شخصيتن تي مشتمل ادبي مجموعو |
| ڪمپوزنگ | : | صفدر حسين کوهارو |
| پهريون ڇاپو | : | مئي 2015ع |
| ملهه | : | 160رپيا |
| ڇپائيندڙ | : | آفتابِ ادب پبليڪيشن ڪوٽڙي |






# ارپنا

هي ڪتاب ارپيان ٿو
پنهنجي پياري ڏاڏيءَ **زليخا** کي
جنهن جي علم جي شعور
جي ڪري ان لائق ٿيس جو
هي ڪتاب لکي سگهيو آهيان.
۽
هڪ بي شخصيت سائين **رحيم خان ”جرس“ جوکيو**
جنهن منهنجي ادبي آبياري ڪئي.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| **اداري پاران** | | 10 |
| **مهاڳ** | | |
| ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه... | اياز عالم ابڙو | 11 |
| **پنهنجي پاران** | | 13 |
| هاشم شورو جي انفراديت جو اهڃاڻ- سپ رنگ سانول | منل جسڪاڻي | 20 |
| ڪتاب سپ رنگ سانول- هڪ اڪر | نورحسين ڪلهوڙو | 25 |
| نئون جنم وٺندڙ ڪهاڻيڪار هاشم شورو | بهزاد سنڌي | 31 |
| منهنجو بابا جاني | سنڌو شورو | 35 |
| سنڌي ادب ۾ بي بها اضافو- سپ رنگ سانول | راحيل قاضي | 38 |
| سنڌي ادب جي اُفق تي اُڀرندڙ ستارو- هاشم شورو | اصغر علي ڪوهارو | 39 |
| هاشم جي طبيعت ۾ ادب جو عشق | محبوب سنڌي | 40 |
| **خيال اُڏارون** | | |
| مختصر تاثر | | 41 |
| **انٽرويو** | | |
| يادگيرين جا حسين پل | فهيم فدا شورو | 43 |
| **شخصيتون** | | |
| 1. عبدالڪريم بلوچ | | 65 |
| 2. لڇمڻ ڪومل | | 70 |
| 3. گل محمد ڪتري | | 73 |
| 4. اياز عالم ابڙو | | 76 |







| | |
|---|---|
| **ڪهاڻيون** | |
| 1. مسيحا | 81 |
| 2. پيلا گل پلاند ۾ | 89 |
| 3. وحشي جذبن جو موت | 97 |
| 4. پرم پورا پورا | 102 |
| 5. ماسي ڏني (ترجمو) | 107 |
| **آٽوگراف ڊائري** | |
| **ساڃاهه وندن ڪان مليل آٽوگراف (يادگيريون)** | 112 |

1. تاج بلوچ
2. سليمان شيخ
3. شيخ اياز
4. عابده پروين
5. رخسانه ابڙو
6. محمد ابراهيم جويو
7. قمر شهباز
8. ظفر حسن
9. تنوير جوڻيجو
10. قاضي خادم
11. عبدالقادر جوڻيجو
12. علڻ فقير
13. خيرالنساءَ جعفري
14. تاج جويو
15. نذيرناز
16. علي بابا

17. حميد سنڌيءَ
18.ماهتاب محبوب
19. شرجيل
20. طارق اشرف
21عبدالڪريم بلوچ
22. قمر سومرو
23. رشيد ڀٽي
24. سرفراز راڄڙ
25. پرواني ڀٽي
26. نورالهديٰ شاهه
27. فهميده حسين
28. لڇمڻ ڪومل
29. مصطفيٰ قريشيءَ
30. گردواس واڌواڻيءَ
31. علي احمد بروهيءَ
32.روبينه قريشي
33. محمد خان مجيدي
34. نصير مرزا
**شاعري** 132
تاثرات هاشم شورو لاءِ — غلام رسول غرق 146





# اداري پاران

اداري آفتابِ ادب پبليڪيشن ڪوٽڙيءَ پاران هي شايع ٿيندڙ ٽيون ڪتاب آهي. ان کان اڳ اداري جا ٻه اهم ڇپيل ڪتاب جن ۾ محترم اياز لطيف پليجو سنڌ جو ناميارو قانوندان ۽ معزز شخصيت رهيو آهي. جنهن جو ڪتاب ”قانون سڀني لاءِ“ ڇپي چڪا آهيون. ٻيو ڪتاب ”سنڌي ڊرامہ جي تاريخ“ (مختصر تحقيقي جائزو) سنڌ جي نامياري محقق آفتاب حسين کوهارو جو ڇپايو ويو جيڪو ٻه ادبي دنيا ۾ پنهنجي ڌاڪ ڄمائي چڪو آهي. ۽ هي ٽيون ڪتاب سنڌ جي نامياري، سينئر ۽ هردلعزيز شخصيت جي مالڪ سائين محترم هاشم شورو جو ڪتاب ”سپ رنگ سانول“ ڇپائي رهيا آهيون. هي ڪتاب انٽرويو، مضمون، ڪهاڻيون، شاعري ۽ ادبي شخصيتن تي مشتمل هڪ اهم مجموعو آهي. جيڪو انشاءَالله پنهنجي معيار ۽ مواد کان تمام اهميت جوڳو ڪتاب آهي.

اداري پاران اسان ليکڪ کي اڳواٽ مبارڪباد ٿا پيش ڪريون ته هن پنهنجي ادبي پورهيي منجهان پنهنجون ناياب تحريرن تي مشتمل ادبي گنڌڪو اداري کي ڇپائي جي لاءِ پيش ڪيو هن ڪتاب کي شايع ڪرائڻ لاءِ ادارو نهايت ئي شڪرگذار آهي محترم هاشم شورو صاحب جن جو جنهن اهڙو علمي ۽ ادبي ڪتاب اسان جي اداري کي ڇپجڻ جو شرف بخشيو آهي. ان دعا سان ته الله تبارڪ وتعاليٰ ليکڪ کي صحتيابي بخشي ته جيئن هو ادب جي آبياريءَ لاءِ اجان به وڌيڪ ڪتاب لکي هن اداري کي شايع ڪرڻ لاءِ ڏيندو رهندو ۽ پڙهندڙ جو ساٿ رهيو ته ايندڙ وقت ۾ به اهڙي قسم جا ٻيا ڪيترائي علمي، ادبي ۽ سماجي نوعيت جا ڪتاب پڻ شايع ڪندا رهنداسين.

سنڌ سلامت، ساٿ سلامت
اڱارو 14 اپريل 2015ع

## مهاڳ

# ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه...

هاشم شورو ادب ۽ ثقافت جي گهڻ رخي پيچرن جو پانڌيئڙو شاعر، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، هدايتڪار، ريڊيو، ٽي وي ۽ اسٽيج جو اداڪار صداڪار سٺو نثر نويس، انهن مڙني ڏارائن ڪي پاسيرو رکي سندس حياتيءَ جي حوال تي نظر وجهبي ته هڪ بينڪ آفيسر ڪان ويندي پنهنجي شورا برادري جي مکيه عهديدار هئڻ ڪري پلي ته سنجيدگي سان سلهاڙيل هجي پر ان جي ابتڙ هي پنهنجي ذات پات وارو ليڪو اورانگهي ، سوا ۽ ڪنهن لوڀ لالچ ، ذاتي مفاد، رنگ نسل ، ۽ مذهب جي انسانيت ناتي، گهڻو واڳيل نظر آيو. نه هندو نه مسلمان، نه شورو نه شاهاڻي. سنجيده سياءُ، مانيٽي طبع ۽ متحرڪ شخصيت جو مالڪ. هاشم مونکي ڪنهن ٻي يڳ جو ماڻهو لڳو.

انڊس سولائيزيشن جي قدامت تي ڪم ڪندڙ دنيا جي وڏن جاڪوڙي محققن ۽ انٿروپايولوجسٽس پنهنجي تحقيقي اپياس ۾ سنڌو سڀيتا جي آگاٽن جو جيڪو هڏ ڪاٺ ۽ نڪ نقشو چٽيو آهي، هاشم مونکي انهن مان ڪنهن جو پٽڪيل وجود لڳندو آهي، پورو پڪو ۽ سچو" دراوڙ" ، ڪوڪمي ڪاسبي، ڪوواڍو، رازو معمار، چڪ تي ويٺل ڪنيار، يا ڪنهن ضرب خاني ۾ روڪڙا جوڙيندڙ يا اناج جي انبار جا جوال ڀرائي ، ڏيڳا ڏڪائي، سنڌوءِ بندر ڏانهن گاڏي ڊوڙائيندڙ ڪيچلو چوڪر، وکري وڻجارو يا وڏي "غوراب" جو معلم، مهندار، سونهون، ميد (ملاح) يا ڪنهن هوڙي جا سڙه سنوان ڪندڙ ساٿي ڇورو، گاڏيو تاريندڙ نوجوان سانورو بانورو، سانول سنگهار يا ڪنهن پتڻ آرپار ناو ڊوڙايندڙ ناکئو يا ٻتيلو ڪاهي سير سان سينو ساهي مڇي ماريندڙ مهاڻو جيڪو "مهين شهر" جو رهواسي هو.

جنهن هن ڪل جڳ ۾ جنم ورتي وقت ۽ حالتن سان مهاڏو اٽڪائي جيڪو چاهيو سو وڏي ويڙهاند ڪان پوءِ ماڻيو ان حوالي سان جياپي جي جنگ ۾ اڄ به هو ميد ملاح يا پروهت ( پريسٽ ڪنگ) وارا پارٽا رکندڙ مهين واسي هن دور ۾ پنهنجي الڳ سوچ ۽ ساڃاه رکي ٿو جياپي جي





پهرين ڏاڪي ڪان هلندي هن دور تائين محنت مزدوري ڪان ويندي اعليٰ تعليم پرائڻ ۽ آفيسر ٿيڻ تائين ، مصروف زندگي مان ڪي پل ڪڍي ادب ۽ آرٽ جي آبياري ڪرڻ، ادب جي مختلف ڏارائن ۾ ڪي لاڀائتيون لکڻيون سرجڻ ، ناٽڪ ڪلا جي الڳ الڳ ماڌيم سا نڀاءُ ڪرڻ، شاعري جي صنفن سان طبع آزمائي ڪرڻ سان گڏو گڏ رٽائر ٿيڻ تائين اڄ به ائين لڳندو آهي ته هاشم آفيس ويندو آهي يا آفيس ويل هجي ۽ اهو غلط به ناهي، رٽائر ٿيڻ بعد به هو نهايت ئي متحرڪ نظر آيو.

پنهنجي اڄهي جي سار سنوار ۽ گهر جي پيڙه پختي ڪرڻ جي ذميواري ڪي نڀائيندي هن جڻ ته فل ٽائيم پارٽ ارپيو ۽ ان لاءِ هاشم ڪو به شارٽ ڪٽ استعمال نه ڪيو هوندو. هر حال ۾ خوش... لڪا ئي نه پوندي ته ڪا ويڌن آهي. ڏک ۽ ڏجهن مان مزو پيو ماڻيندو. پر ٻئي ڪنهن ڪي ڏکيو ڏسندو ته ڪوشش ڪري وس آهر واهر ڪندو. واندڪائيءِ ڪي ڪڏهين وندر نه ٻڻايائين، زندگيءِ جو زهر ڪاڳرن تي اوڳاڇي ڇڏيندو ۽ اهو عمل سندس لکڻين ۾ پڌرو آهي.

ڪنهن پورهيت جي گهر جنم وٺندڙ هاشم شورو مونکي مها ڪوي ٽئگور جي انهن سٽن جيان به لڳندو آهي ته : الهندڙسج چيو: ڪو آهي ، جيڪو مون ڪان پوءِ روشني ڦهلائي؟ ...!

ڏور ڪنهن جهڳيءَ ۾ ٽمڪندڙ ڏيئي چيو: "مان ڪوشش ڪندس"......!

پنهنجي حياتي جي اٽانگي سفر ۾ هاشم شوري جي اها ڪوشش جاري رهي/آهي ۽ رهندي.

**اياز عالم ابڙو**

# پنهنجي پاران

جڏهن منهنجي شعور واري اک کلي، تہ مون پاڻ کي غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ گهراڻي ۾ ڏٺو. منهنجو والد ڪوٽڙي اسٽيشن تي قلي هو . روز ڪمائيندو هو ۽ روز خرچ ٿيندو هو. هوائي روزي هوندي هئي ، ڪڏهن ملندي هئي تہ ڪڏهن بک تي بہ گذاريندا هئاسين.

منهنجي ڪٽنب ۾ منهنجي والده، والد، چاچو ۽ ڏاڏي هوندا هئا. چاچو الاابالي طبيعت جو هوندو هو موڊ ٿيندو هئس تہ مزدوريءَ تي ويندو هو نہ تہ سڄو ڏينهن صديق جي هوٽل تي تاس پيو کيڏندو هو . هو ڏاڏي مرحومہ جو دادلو هوندو هو . منهنجي ڏاڏي مرحومہ تنهن وقت جي مشهور دائي هوندي هئي ۽ اها بہ چاچي کي پئسو ڏوڪڙ پئي ڏيندي هئي . ڏاڏي مرحومہ جو مون ۾ ساهہ هوندو هو. مونکي تمام گهڻو پيائيندي هئي، گهر ۾ آئون اڪيلو ئي ننڍو ٻار هئس.

ڏاڏي مرحومہ کي علم جو وڏو شعور هو . هوءَ چوندي هئي تہ آئون پنهنجي پوٽي کي بابو بڻائيندس، مونکي سڏيندي ئي بابو هئي، بابا چوندو هو تہ ٿورو وڏو ٿئي تہ ڪنهن ورڪشاپ ۾ چڙهي اچبس جيئن ڪو هنر سکي پوي، پر ڏاڏيءَ چيو نہ منهنجو پوٽو پڙهندو بابو ٿيندو. انهيءَ ڳالهہ تي گهر ۾ اڪثر ڏاڏيءَ مرحومہ جو ۽ بابا جو جهيڙو پيو هلندو هو . جڏهن منهنجي عمر پنج سال ٿي تہ ڏاڏي منهنجي آڱر جهلي مونکي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرائي آئي ۽ روز اسڪول جو هڪ پئسو خرچي ملندي هئي جيڪا تمام گهٽي هئي. پوءِ اهڙي طرح پرائمري پاس ڪري جڏهن هاءِ اسڪول پڙهڻ جو مرحلو آيو تہ بابا وري ڦڏو ڪيو تہ مونسان گڏ ڪم تي هلي، پڙهي ڇا ڪندو، مون وٽ هن جي پڙهائڻ لاءِ پئسا ناهن،





پر ڏاڏي مرحومہ منهنجي ۽ بابا جي وچ ۾ ڊال بڻجي بيهي رهي ۽ چيائين بابو پڙهندو ۽ ضرور پڙهندو، هن جو سڄو خرچ مان پاڻ ڪنديس، توکان ڪجهہ بہ نہ وٺندو. گهڻي هڻ وٺ کان پوءِ بابا خاموش ٿي ويو ۽ پنهنجي مرحومہ ڏاڏيءَ جي مهربانين سان هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيس، ڏاڏيءَ کي ڪنهن سياڻي صلاح ڏني تہ هيڊ ماسٽر کي هڪ درخواست ڏي تہ اسين انتهائي غريب آهيون، اسڪول جو خرچ نٿا پري سگهون ۽ منهنجو پوٽو پڙهڻ چاهي ٿو، غريب ٻارن جي فنڊ مان منهنجي پوٽي جي في معاف ڪئي وڃي، هيڊ ماسٽر مونکي سڏايو ۽ ڪجهہ سوال ڪيا، جنهن کان پوءِ منهنجي في معاف ٿي، آخر 1973ع تي مون مئٽرڪ پاس ڪئي.

اها هئي منهنجي ڏاڏيءَ مرحومہ جو تعليم بابت شعور، جيڪا پاڻ مڪمل اڻپڙهيل ۽ ڳوٺاڻي عورت هئي،آئون پنهنجي رب جو نهايت شڪرگذار آهيان جو مونکي اهڙي ڏاڏي ملي جيڪا شعور جي مڪمل بلندين تي پهتل هئي ۽ وري منهنجو پيءُ جيڪو مڪمل منهنجي ڏاڏيءَ مرحومہ جي ابتڙ آهي. تڏهن تہ چوندا آهن ڪٿي چور سچا، ڪٿي ڍور سچا. منهنجي ڏاڏي مرحومہ 1974ع ۾ وفات ڪري وئي جهڙي منهنجي ساري ڪائنات اوندهہ ۾ ٻڏي وئي هجي . هن وقت آئون پنهنجي ڏاڏي مرحومہ کي ڏاڍو مس ڪندو آهيان، تہ جيئن اڄ منهنجون ڪاميابيون، منهنجا ٻار اکين سان ڏسي ها، منهنجي ٻارن جي تعليم ۽ تعليم جي ميدان ۾ ڪاميابيون جيڪر ڏسي ها تہ جڏهن مون مئٽرڪ پاس ڪئي تہ منهنجو هڪ مائٽ ايريگيشن ورڪشاپ ۾ ايس ڊي او جو واقفڪار هو تنهن ايس ڊي او کي منهنجي نوڪريءَ لاءِ چيو، تنهن مهرباني ڪري مونکي بلڊوزر جو گريسر ڪري رکيو. روز ويندو هئس بلڊوزر جي صفائي وغيره مرمت جو ڪم ڪندو هئس. ائين ڏهن ٻارهن ڏينهن کان پوءِ سب انجينئر جو پٽيوالو مون کي سڏڻ آيو تہ جوکيو صاحب ٿو سڏي. آئون پريشان ٿي ويس، صاحب ڇو ٿو سڏي، ڪٿي مونکان ڪا غلطي ٿي آهي ڇا؟ خير مان ويس ، هڪ سنهڙو سيپڪڙو پر رعبدار سب انجينئر سامهون ڪرسيءَ تي ويٺو هو . مون سلام ڪيو . سامهون پيل ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيائين، مون سمجهو نہ تہ ڇيائين ويهہ پٽ ، آئون ويهي رهيس.

ڪير مڙس آهين ؟

چيم ، شورو آهيان سائين.

ڪيترو پڙهيل آهين ؟

سائين هاڻي مئٽرڪ ڪئي آهي ، هن سال.

اچا......اونهون ساهه کڻي چپ ٿي ويو.

مون توکي ان لاءِ گهرايو آهي تہ تون منهنجي آفيس ۾ ڪم ڪرين، پر جيڪڏهن تون ميڪينڪ جو ڪم سکڻ چاهين تہ تنهنجي مرضي، جيڪڏهن تون آفيس ۾ ڪم ڪرڻ چاهين تہ سياڻي کان صاف ڪپڙا پائي اچجان ۽ اچي آفيس ۾ ڪم ڪجان، پر عهدو تنهنجو گريسر ئي رهندو. جي ڪو عهدو خالي ٿيو تہ توکي ڪلارڪ بہ ڪري سگهجي ٿو .اهو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو اهم موڙ ثابت ٿيو.

هي صاحب سائين رحيم خان جوکيو ۽ تخلص جرس آهي، جيڪو تن ڏينهن ۾ سب انجينئر هوندا هئا ايريگيشن ورڪشاپ ڪوٽڙيءَ ۾ . هي صاحب انتهائي شريف النفس انسان آهن، هن ماڻهوءَ جي طفيل منهنجو پير ادب جي ميدان تي پيو. پاڻ سنڌي ادب جو وڏو ڄاڻو، تاريخ جو ماهر ۽ انسان دوست ادب دوست آهي.

ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ جوکيو صاحب پڇيو، ادب پڙهندو آهين، چيم ادب تہ ايترو نہ پڙهيو اٿم پر اردوءَ جا جاسوسي ناول ، ابن صفي ۽ عمران سيريز جا ڪتاب ۽ ڪجهہ ڊائيجيسٽ ضرور پڙهيا اٿم، پاڻ چيائين سنڌي ادب پڙهندي ؟ مون ها ڪئي ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن سائين ڪجهہ سهڻي جا پرچا کڻي آيو ۽ چيائين پڙهي ٻڌائجان. مونکي پڙهڻ جو اڳئي شوق سو ڏاڍو دلچسپيءَ سان پڙهيم، ائين سائين جوکيو صاحب سان ادب جو مضبوط ناتو جڙي ويو. سائين مونکي ڪتاب ڏيندو ويو آئون پڙهندو ويس، ائين مون کي سنڌيءَ جي وڏن ڪهاڻيڪارن کي پڙهڻ جو موقعو مليو، جن ۾ علي بابا، امر جليل، قاضي خادم، خيرالنساءُ جعفري، نورالهديٰ شاهہ، آغا سليم، ماهتاب محبوب، تنوير جوڻيجو، غلام نبي مغل، عبدلقادر جوڻيجو، شوڪت شورو، رشيد ڀٽي، اياز عالم ابڙو، طارق عالم ابڙو ۽ ٻيا گهڻا.





سهڻي، روح رهاڻ ۽ ملير ڊائيجيسٽ، سوجهرو ۽ ٻيا بہ ڪافي ماهوار رسالا هوندا هئا جن جو شدت سان انتظار رهندو هو ۽ ان سان گڏ حيدرآباد جي ادبي گڏجاڻين، ڪتابن جي مهورتن ۽ ڪنهن نہ ڪنهن اديب سان ملهايل شام ۾ ضرور شرڪت ڪبي هئي. الله پاڪ جوکيو صاحب کي عمر خضري عطا ڪري، جو هن صاحب مونکي سنڌي ادب سان روشناس ڪرايو ۽ اهو چوندي مونکي فخر محسوس ٿو ٿئي تہ مونکي اڳتي پڙهڻ لاءِ پاڻ آماده ڪيائون ۽ منهنجي پڙهڻ جو گهڻو خرچ بہ پاڻ ڪيو هئائون ۽ ٽيوشن بہ ڏيندا هئا، جنهن ڪري مان سنڌي ادب ۽ سوشيالاجيءَ ۾ ماسٽرس ڪئي.

اهڙي طرح ادب سان اهڙي جند جڙي جو هر شوق ختم ٿي ويا .پوءِ دوستن جي اسرار تي ينگ رائيٽرز گلڊ ٺاهي ويئي جنهن جي پليٽ فارم تان ڪافي ادبي گڏجاڻيون ڪيون سين ، وري سنڌي ادبي سنگت سان لاڳاپجي وياسين ، ۽ اڄ ڏينهن تائين سنڌي ادبي سنگت سان واڳيل آهيون. سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان زبردست گڏجاڻيون ٿيڻ لڳيون، جن ۾ مرحوم اسير ملاح، گل ملاح، اختر رند، شهيد سومرو، قمر عباسي، مرحوم امير بخش خاصخيلي، علام رسول غرق، قمر چانڊيو، منير سومرو، عالم سومرو، نصير سومرو ، مرحوم گلشير ڀٽي، سرور شيخ، تنوير شيخ، مرحوم اڪبر شورو مرحوم اڪرم ٻورڙائي ، علي بابا، وغيره تمام گهڻا سرگرم هوندا هيا. علي بابا ۽ عبدالڪريم بلوچ سان شامون ملهايون ۽ مشاعره ڪندا رهندا هئاسين. سپ کان اهم ڳالهہ 1974 ۾ اسان ڪجهہ دوستن جن ۾ آئون ، الطاف صديقي، عالم سومرو، منير سومرو ۽ قمر چانڊيو گڏجي شاهہ لطيف لائبيريري قائم ڪئي، جنهنجو پهريون لائبريري انچارج آئون هئس. لائيبريري لاءِ اسان ميونسپل ڪميٽيءَ کان چار اخبارون منظور ڪرايون، اسين سپ دوست گڏجي لائبيريري جي مسواڙ ڀريندا هئاسين .پاڙي ۽ ٻئي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان پئسو بہ نہ ورتو اسان ڳوٺ جي ماڻهن کي اخبارن تي ايڏو تہ هيرائي ڇڏيو جو شام جوپنجين بجي جيئين ئي لائبيريري کلندي هئي تہ ماڻهو انتظار ۾ هوندا هئا . هن لائبريري لاءِ اسان کي ڪتابن جا عطيہ بہ مليا، سائين ڊاڪٽرشيرمحمد شاهہ صاحب ، اسان کي ڪافي ڪتاب عطيہ ڪيا ، ڀيڻ خير النساءِ

جعفريءَ بہ اسان جي ڪتابن جي حوالي سان ڪافي مدد ڪئي. سائين تاجل بيوس بہ ناز سنائيءَ معرفت ڪتاب موڪليا هئا.

مونکي فخر آهي تہ مون هن لائبريريءَ کي پنهنجي عروج تائين پهچايو پر بدقسمتي اهڙي جو منهنجي نوڪري اسٽيٽ بئنڪ ڪراچيءَ ۾ ٿي، تنهن ڪري ڪجهہ دوستن کي لائبريريءَ جي چارج 1986ع ۾ ڏئي ڪراچيءَ هليو ويس، پوءِ دوستن جي عدم دلچسپيءَ جي ڪري ماڻهو قيمتي ۽ اڻلڀ ڪتاب کڻي ويا ۽ فرنيچر بہ کڻي ويا.

تنهن وقت ۾ ادب پڙهڻ جو ايڏو جنون هوندو هو جو ڪتاب بازار ۾ ايندو ئي مس هو تہ وتبو هو ۽ ان ئي ڏينهن پڙهبو هو. سائين سراج جو جڳ مشهور ناول " پڙاڏو سوئي سڏ" مون سائين رسول بخش درس وٽ جهمپير ۾ سندس اوطاق تي ڏٺو هو جتان کڻي اچي پڙهيو . سنڌ جي چوٽيءَ جي اديبن سان بہ سنا لاڳاپا هئا . جيئن ادي خيرالنساءِ جعفري، سائين نثارحسيني، آپا زيب نظاماڻي، سائين تاج جويو، سائين شوڪت شورو، سائين علي بابا، سائين طارق عالم ابڙو، سائين اياز عالم ابڙو، سائين مرحوم طارق اشرف ، سائين مدد علي سنڌي ۽ ٻيا .

منهنجي شادي 1981ع ۾ ٿي منهنجي ٻارن جو تعداد ست آهي، پر منهنجو هڪ پٽ سارنگ 22 ورهين جي عمر ۾ بلڊ ڪينسرجهڙي موذي مرض ۾ 25 جولائي 2008ع تي وفات ڪري ويو جنهجو ڏک جهڙ نيڻون نہ لهي جي چواڻي آهي، وڏو پٽ رابيل ماشاالله بئنڪ ۾ آفيسر آهي ۽ ٻيو پٽ هالار اڃان پڙهي پيو.

نياڻيون ماشاالله چار ئي اعليٰ تعليم يافتہ آهن. جڏهن کان اسٽيٽ بئنڪ ۾ نوڪري ملي اتي ادبي ماحول نہ هئڻ ڪري هڪ خال محسوس ٿيو بئنڪ جي نوڪريءَ ۾ ايتري تہ مصروفيت رهي ٿي جو پڙهڻ لاءِ وقت ڪڍڻ ڏاڍو مشڪل آهي، پر ان هوندي بہ سنڌي بلوچ ويلفئرايسوسي ايشن سياست ۾ اچڻ ٿيو چونڊيون ڪٽيون سين ۽ هڪ ميگزين جي ادارت ڪئي جنهن جو نالو "پرين پچار" هو ڪراچيءَ ۾ دوست رزاق سهتو منهنجو ڪليگ هئو جيڪو چوندو هو تہ هر آچر تي ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ٿين ٿيون، پر آئون ڪوٽڙي هليو ويندو هئس انڪري گڏجاڻين ۾ شرڪت نہ ڪري سگهيس.





اهڙي طرح 24 سال ڪراچيءَ ۾ گذاري 01_01_2004ع تي منهنجي ٽرانسفر اسٽيٽ بئنڪ حيدرآباد ۾ ٿي ۽ هاڻي تازو جڏهن مان پنهنجي نوڪريءَ مان ريٽائر ڪيو تہ ڪجهہ دوستن خاص ڪري آفتاب ڪوهارو ۽ عبدالله بروهيءَ ٻڌايو تہ نوجوان محبوب سنڌيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ڪيمبرج اسڪول شاهہ لطيف چوڪ وٽ ٿين ٿيون اوهان سينئر دوست بہ شرڪت ڪيو تہ اسان کي ڏاڍي خوشي ٿيندي، پوءِ مون هنن دوستن کي ڳولهي وچي هٿ ڪيو تقريبن نوان دوست هئا، جن ۾ محبوب سنڌي، بهزاد سنڌي، صائب ميمڻ، آفتاب ڪوهارو ايڊووڪيٽ، نور حسين ڪلهوڙو، زين ٽنيو راحيل قاضي ايڊووڪيٽ، علي دوست لاڪو ۽ ٻيا. باقي پراڻن دوستن ۾ عبدالله بروهي، عاشق اوڍاڻو غلام رسول غرق جهڙا دوست هن ادبي اوطاق ۾ شامل هئا، انهن دوستن سان گڏ بہ سنا راڳي دوست اصغر ڪوهارو ۽ سرور سخيراڻي بہ مليا، جيڪي هر گڏجاڻيءَ ۾ پنهنجي مڌر آواز / آلاپن سان گيت ٻڌائي ماحول کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيندا آهن.

هن ڪتاب ڇپائڻ جو سجو ڪريڊٽ پياري آفتاب حسين جو آهي، جنهن مون کي ڪتاب ڇپائڻ جو اتساهہ ڏياريو.

چيائين سائين ڪتاب چو نٿا ڇپايو؟

مون چيو خواهش منهنجي بہ آهي پر هڪ تہ مون وٽ ايترومواد ئي ناهي، ٻيو مونکي خبرئي ناهي تہ ڪتاب ڇپجڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي.

آفتاب چيو توهان مونکي مواد ڏيو ٻيو سجو ڪم منهنجو آهي.

مون ڪجهہ ڪهاڻيون، ڪجهہ شاعري، شخصيتن تي لکيل تاثر، آفتاب کي ڏنا، جنهن چيو سائين ماشاءَالله تمام بهترين ڪتاب تيار ٿي ويندو.

مون چيو بس پوءِ تيار ڪري ڇپائي ڏيو اها سموري ذميواري مان اوهان کي سونپيان ٿو.

اهو سچ آهي تہ جيڪڏهن پيارو آفتاب نہ هجي ها تہ شايد منهنجو هي ڪتاب جيڪو اڄ توهانجي هٿن ۾ آهي اهو شايد مان ڇپرائي نہ سگهان ها.

منهنجو پيارو دوست سائين مٺل جسڪاڻي پڻ پنهنجي تاثراتي ليک سان نوازيو. سندس وڏا وڙ جو مون مسڪين مٺان پلايون ۽ پال ڪيائين. آئون سندس تهه دل سان شڪرگذار آهيان.

پيو ٿورائتو آهيان مان سائين اياز عالم ابڙي جو جنهن وڏي محبت مان ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏنو ۽ ٻي سڄي سنگت جا لک ٿورا جن منهنجي ڪتاب تي ڪجهه نہ ڪجهه لکي مون تي احسان ڪيا. آئون سندن تاحيات ٿورائتو آهيان جن مون کي عزتون ۽ محبتون بخشيون.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت

**هاشم شورو**

ڪوٽڙي

اڱارو 14 اپريل 2015ع





هاشم شوروءَ جي انفراديت جو اهڃاڻ

# سپ رنگ سانول

سؤلو تہ ڳالهائڻ بہ ڪونهي، لکڻ اجا بہ گهڻو ڏکيو آهي. جيڪڏهن ائين نہ هجي، تہ هر ڪو جڏهن بہ ڳالهائي تہ وٽي ۽ جڏهن بہ لکي تہ وٽي، پر ائين نہ آهي، نہ ئي ممڪن آهي.

هاشم شورو جنهن سان پهرين ملاقات پرپٺ بہ تہ روبرو بہ ٿي، پر ائين تہ نہ اسان هڪ ٻئي کي ڏسي پئي سگهياسين، نہ ئي هڪ ٻئي کي ٻڌي پئي سگهياسين! اسان هڪ ٻئي لاءِ جيڪو لکيو پئي، اهو پڙهيو پئي، ۽ پڙهندي ئي پاڻ کي گڏ ويٺل محسوس ڪيو پئي.

آئون ”مٺل“ هوندي بہ ”هاشم“ کي ڪيئن لڳس، سا ”هاشم“ کي خبر، مون کي ”هاشم“، اسان جي پهرين ملاقات ۾ ئي ”مٺل“ لڳو جنهن ڪري رابطو ۽ واسطو وڌندو ويو ۽ آخرڪار روبرو بہ ملڻ ٿيو.

اسين روبرو ملياسين تہ ساڳئين طرح ”هاشم“ کي ”مٺل“ ڪيئن بہ لڳو پر ”مٺل“ کي ”هاشم“ ”مٺل“ لڳو جنهن ڪري ملڻ بہ جاري آهي ۽ ملڻ بنا بہ رابطو هلندڙ آهي.

هاشم جون مختصر تحريرون مون پهرين عالمي اوطاق (فيس بوڪ) تي پڙهيون، جتي گهڻو ڪري ڪيس داد ئي ڏيٺو پيو پر ڪٿي ڪٿي ممڪن آهي، تہ ڪا مون پنهنجي راءِ بہ ڏني هوندي، جيڪا عالمي اوطاق تان پڙهي سگهجي ٿي.

اسان جي پهرين روبرو ملاقات حيدرآباد شهر ۾ ٿي. انتهائي وڻندڙ ۽ انوکي انداز ۾ ٿي ۽ اها ملاقات بہ يادگار رهي، تہ ان کان پوءِ واريون ملاقاتون بہ نہ وسرنديون.

واسطا وڌڻ ۽ رابطا روان رهڻ جي ڪري، سوچيو مون پئي تہ هاشم شورو کان انٽرويو وٺان، پر مون کان اڳ فهيم فدا شورو انٽرويو ورتو. جيڪو مون عالمي اوطاق تي پڙهيو. اهو انٽرويو عالمي اوطاق تي پڙهي، مون کي ارمان ٿيو تہ اهڙو يادگار ۽ معلوماتي انٽرويو صرف عالمي اوطاق تي هجڻ بدران، ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ بہ ڇپجڻ گهرجي ها.

هاشم جو اهو انٽرويو ٻئي ڪنهن هنڌ ڇپيو يا نہ. **سپ رنگ سانول** جنهن ۾ هاشم شورو جا مختلف مضمون، ڪهاڻيون، انٽرويو، شاعري ۽ شخصيتن تي مشتمل تاثر موجود آهن. پنهنجي جاءِ تي گهڻن رنگن سان پرپور، هڪ رنگين ادبي مجموعو آهي. هن ئي مجموعي، هن ئي ڪتاب جي پهرين ڪڙي طور هاشم جو اهو انٽرويو شامل ٿيل ڏسي، مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. اهو انٽرويو بہ ڄڻ تہ هاشم جي هن مجموعي جو مهاڳ آهي، پيش لفظ آهي، ليکڪ پاران آهي، انتساب آهي. پڙهندڙ کي اهو انٽرويو پهرين ۽ ڪتاب جو مواد ان کان پوءِ پڙهڻ گهرجي. ان سان پڙهندڙ اڳيان هاشم شورو جو ماضي ۽ حال، ۽ پڙهندڙ کي هاشم جو خيال سمجهڻ ۾ سولائي پيدا ڪندو ۽ ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ ۾ دلچسپي جو باعث بڻجندو.

**سپ رنگ سانول** ۾ شخصيتون جي سري هيٺ پهرين عبدالڪريم بلوچ، پوءِ لڇمڻ ڪومل، ان کان پوءِ گل محمد کتري ۽ آخر ۾ اياز عالم ابڙو جي حوالي سان، هاشم ڪجهہ اهڙي نموني ويچار ونڊيا آهن، جن کي اوهان تاثر بہ چئي سگهو ٿا، مضمون بہ سمجهي سگهو ٿا. آئون مقالو چوڻ ۾ بہ وڏاءَ نہ سمجهندس. چاڪاڻ تہ اهي نثر جون ٽي الڳ صنفون آهن. پر هاشم شورو لکيو ئي اهڙي انداز ۾ آهي، جنهن سان هر صنف جي گهرج جو پورائو بہ ٿئي پيو.

گهڻ پاسائين شخصيت عبدالڪريم بلوچ، هند ۽ سنڌ جي ناليواري ليکڪ لڇمڻ ڪومل ۽ منهنجي خيال ۾ ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کي سمجهي سگهندڙ مصور“ گل محمد کتري تي، هاشم شورو صاحب تڏهن لکيو، جڏهن اهي املهہ موتي، هن فاني جهان مان سدائين لاءِ موڪلائي ويا، ۽ جڏهن هاشم ننڍو نيٽو نوجوان ۽ نئون ليکڪ هو، تڏهن لکيو هئائين اياز عالم ابڙو تي. سندس هر تاثر، هر مضمون، هر مقالو، هر شخص جي بهتر واقفيت بہ ڪرائي ٿو، تہ هر شخصيت کي بهترين ڀيٽا جو هڪ پنهنجو انداز بہ پيش ڪري پيو.

هن مجموعي جو هڪ ڀاڱو ڪهاڻين تي مشتمل آهي، جنهن ۾ شروعاتي چار ڪهاڻيون ”مسيحا“، ”پيلا گل پلاند ۾“، ”وحشي جذبن جو موت“ ۽ ”پرم پورا پورا“، هاشم شورو جون لکيل ڪهاڻيون آهن، جڏهن تہ پنجين ۽ آخري ڪهاڻي ”ماسي ڏني“ ”امرتا پريتم“ جي ڪهاڻي جو ترجمو آهي.





هاشم شورو جي ڪهاڻي ”مسيحا“، مون سقلتا ميگزين جي نومبر 2014ع واري شماري ۾ پڙهي، ڏانهنس موبائيل نياپي ۾ لکي موڪليو هو تہ ”واه واه سائين هاشم شورو واه. واه جي ڪهاڻي آهي. مسيحا بہ اهڙا ڪپن ۽ ليکڪ بہ اهڙا. ڇا تہ ڪهاڻي ۾ مسلسل دلچسپي، رواني، تجسس، سنجيدگي بہ تہ مزاح بہ، پر انتهائي وڻندڙ انداز ۾. سچ تہ ڪهاڻي تمام گهڻي وڻي. صرف هڪ اعتراض: هاڻ بيروزگار نہ ٿا وڻن“. منهنجو اهو اعتراض، يعني بيروزگار ڇو نہ ٿا وڻن؟ ان جي وضاحت ضروري بہ سمجهان پيو تہ غير ضروري بہ. ضروري ان ڪري، تہ اڳي ڊاڪٽر يا انجنيئر ٻڌي رشتا طئہ ڪري ڇڏبا هئا. هاڻي پهرين اهو پڇيو ويندو آهي، تہ ڇوڪرو يعني ڪنوارو ڊاڪٽر يا ڪنوارو انجنيئر ڪندو ڇا آهي؟ سندس پگهار آمدني ڪيتري آهي؟

”نسيم توکي ياد هوندو توسان گڏ هوندي آئون ڪو بہ ڪم پنهنجي مرضيءَ سان نہ ڪندو هئس.“ اهو در اصل هاشم شورو جي ٻيءَ ڪهاڻي ”پيلا گل پلاند ۾“ جو هڪ ڊاءِ لاگ آهي. ۽ ان ئي ڪهاڻي جا ٻيا ڊاءِ لاگ آهن:

چيم ”زندگي ڪيئين پيئي گذري؟“

”بس جيان پيئي.“ نسيم ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو.

”ڇو مايوس پيئي لڳين؟ پهريان تہ تون مايوسيءَ کي گناه سمجهندي هئينءَ.“

”وقت انسان کي گهڻو ڪجهہ سيکاري ٿو ڇڏي، ماڻهوءَ کي هميشہ وقت جي ڦيٽي سان گڏ ڦرڻ گهرجي.“

”پر انکي بہ تون منافقي سمجهندي هئينءَ“

”ها ! آئون غلط هئس، مون زندگيءَ ۾ سدائين غلط سوچيو آهي“.

بهترين ڊاءِ لاگس ڇئجي يا بهترين ملاقات تي مشتمل اها ڪهاڻي، پڙهندڙ پڙهندا تہ ڪين بہ احساس ضرور ٿيندا. هڪ اهو تہ ڪهاڻي ساهہ ڪٽي پئي ۽ ٻيو اهو تہ ڪهاڻي سبق جو ڪم ڪري پئي. ڪهاڻي کي ساهہ ڪٽائڻ ۽ سبق جو ڪم ڪرائڻ ۾ هاشم شورو بہ شامل آهي.

”وحشي جذبن جو موت“ هاشم شورو جي هن مجموعي ۾ ٽئين نمبر تي شايع ٿيل هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا هاشم جي هم عمر نوجوان واري وهيءَ جي بہ آهي، تہ هاشم جي اولاد ۽ ان کان بہ ننڍي ٿهيءَ وارن جي بہ ڪهاڻي آهي.

”پرم پورا پورا“ هاشم جي لکيل اها ڪهاڻي آهي، جيڪا هن ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ کان ڪجهه مهينا اڳ، هن مون ڏانهن اي ميل ڪئي هئي. مون هي ڪهاڻي پڙهي ڪيس جيئن چيو تيئن هتي نه ٿو لکان. پڙهندڙ پاڻ پڙهن. سچ ته هي ڪهاڻي به مختلف دورن جي هڪ اهڙي سچي ڪهاڻي آهي، جنهن کان ڪن لاتار نه ٿي ڪري سگهجي.

جيتوڻيڪ مون امرتا پريتم جي ڪهاڻي ”ماسي ڏني“ اردو ۾ نه پڙهي آهي، پر هاشم شورو پاران ڪيل سنڌي ۾ ترجمو پڙهيم، ته مون کي ڪٿي به ائين محسوس نه ٿيو ته ڪو هاشم اها ڪهاڻي اردو مان سنڌي جي صورت ۾ پڙهائي آهي. هاشم ترجمي سان ته نياءُ ڪيو آهي، پر ترجمو ڪرڻ لاءِ سندس انتخاب به ساراهڻ جهڙو آهي.

ڪهاڻيون ختم ٿيڻ کان پوءِ واري حصي ۾، خيال اُڏارون عنوان سان هڪ اهڙو مختصر تاثر شايع ٿيل آهي، جيڪو پڙهندي ڏاڍو ساهه کڄي ٿو ۽ پڙهندڙ سوچڻ تي مجبور ٿئي ٿو. ان کان پوءِ آهي سنڌو شورو جي تحرير ”منهنجو بابا جاني“، جيڪا به هن مجموعي جي سونهن ۽ پڙهڻ جهڙي تحرير آهي.

ٻين جي مرضي، آئون هاشم کي ”ساڃاهه وندن کان مليل آٽوگراف (يادگيريون)“ سنڀالي رکڻ ۽ هن مجموعي ۾ شامل ڪري، انهن جي حياتي ۾ ڪارج واڌائڻ واري فيصلي تي شاباس ٿو ڏيان. بظاهر ۽ گهڻن جي نظر ۾ هي مواد ڀلي ته گهٽ اهميت جو هجي، پر منهنجي نظر ۾، منهنجي خيال موجب، اهڙيون شيون به شايع ٿيڻ کپن، ضايع نه ٿيڻ گهرجن.

سپ رنگ سانول جو آخري ڀاڱو هاشم شورو جي شاعري تي مشتمل آهي، جنهن ۾ بيت، غزل، قطعه ۽ ٽيڙو ته آهن، پر سنڌي شاعري ۾ متعارف ٿيل نئين صنف ”هڪيتو“ به هن مجموعي جي سونهن جو سبب بڻيو آهي. مجموعي جي پڄاڻي هڪ مقصد پرئي آزاد نظم سان ٿئي ٿي، پر ان کان اڳ ”ڪافر“ به پڙهڻ جهڙو، احساساتي ۽ جزباتي آزاد نظم آهي.

**سپ رنگ سانول**، منهنجي نظر ۾، پنهنجي نوعيت جو هي پهريون اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪو به هڪ رنگ يعني صرف نثر يا صرف نظم نه، صرف مضمون يا صرف ڪهاڻيون ئي نه، شاعري به، انٽرويو به، تاثر به ۽ هڪ سيبتي شخص (هاشم شورو) لاءِ ساڃاهه وندن جا لکيل آٽوگراف ۽ ٻيون





يادگيريون به هن مجموعي ۾ شامل آهن. **سپ رنگ سانول** ڪتاب جي اها انفراديت، در اصل هاشم شورو جي انفراديت جو به اهڃاڻ آهي.

## منل جسڪاڻي

ٽنڊوڄام

اڱارو 14 اپريل 2015ع



# ڪتاب سپ رنگ سانول تي ٻه اکر

سنها پائينم سپ سُڪا جنين پيٽ،
تنين جي جهپيٽ جنگن کي جوکو ڪري.
(شاهه)

چوٽي آهي تہ مڙسن جا قد نہ ڪچبا آهن. هن ڪتاب جو ليکڪ سائين هاشم شورو قد جو پورو پنو پريل هاٿي وڏين اکين ۽ ڪٽڪائين رنگ جو مالڪ آهي، سندس تخليق سگهاري ۽ قدآور آهي. پاڻ ڪلمک سُنو سياڻ رکندڙ_سُوپر_سنڌ جي مٽيءَ جو ڳوهيل مجسمو آهي ۽ صفا سولو ۽ سڌو ماڻهون آهي.

سال 2014ع جي ڊسمبر مهيني ۾_ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪوٽڙيءَ جي شروعاتي ويهڪن ۾ سائين سان ڄاڻ سڃاڻ ٿي. ليکڪ آفتاب حسين ڪوهارو جيڪو منهنجو عزيز آهي، سو هڪ ساهي ۾_ سائين جي شخصيت ۽ علمي ادبي سفر تي ڳالهائيندو ويو. سائين سان ملندي، پنهنجائپ محسوس ٿي، ائين لڳو ڄڻ سالن کان واقف آهي، آفتاب تعارف ڪرائيندو رهيو_ ۽ محمد هاشم مشڪندو رهيو. پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيائين آءُ هاشم شورو. سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪوٽڙيءَ جو بہ پيرا سيڪريٽري جنرل رهي چڪو آهيان. شايد سال 1970ع ۽ 1980ع جي ڳالهہ ڪري رهيو هُيو.

ڪلندي وراٽيائين. جنم پومي ڪارو کهو ڪوٽڙيءَ اٿم. بابا نانگولائين ۾ شفٽ ٿي آيو. ٻچپن نانگولائين جي گهٽين ۾ ڪڏندي گذريو. ويندي قوه جواني بہ هتي گذري. مئٽرڪ انٽر ڪوٽڙيءَ مان ڪيم. گريجوئيشن ۽ ماسٽر سنڌ يونيورسٽي مان ڪيم. غريب جو ٻار هئس. پڙهڻ جوشوق هيم، منهنجي ڏاڏي، منهنجي پڙهائي ۾ اول دستي جو ڪردار ادا ڪيو. پهرين ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ اسٽور ڪيپر ٿيس. بعد ۾ اسٽيٽ بينڪ ۾ آفيسر ٿيس. 25





آڪٽوبر 2013ع تي رٽائر ٿي، پنهنجي پراڻن پڊن نانگولائين ڪوٽڙيءَ ۾ پهتس. ٻچپن کان هينئر تائين، ڪتابن پڙهڻ جو شوق اٿم. ڪراچيءَ ۾ رهندي، سنڌ جي ناميارن اديبن سان ڪچهريون ۽ رهاڻيون ٿينديون رهيون. ڪتابي ذوق ۽ ادبي صحبت لکڻ تي اُتساهيو ۽ سانده لکندو پيو اچان.

محمد هاشم شورو ادب جي سيني صنفن تي لکندو پيو اچي. پر سائينءَ جون ڪهاڻيون ۽ شاعري شاندار آهن.

اسانکي سائين جي تخليقن سان بہ پيار آهي ۽ سائين سان بہ پيار آهي، ڇو تہ سائين صفا سڌو، سُنو ۽ سولو انسان آه. پاڻ ڪلمک، سُنو سياڻ رکندڙ سنڌ جي مٽيءَ جو ڳوهيل مجسمو آهي، هاشم شورو جي ڪهاڻين ۾ پلاٽ پڌرو ڪردار چٽا واضح ڄڻ جيرا جاڳندا آهن. منظر ڪشي ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ ڪئي اٿائين.

ڪهاڻي_ پيلا گل پلاند ۾:

ڪهاڻيءَجي شروعات هنن لفظن سان ڪري ٿو.

”حيدر چوڪ پار ڪندي پويان سڏ ٿيو. آواز زنانو ۽ ڄاتل سڃاتل پڻ هو. آئون بيهي رهيس ۽ مڙي پوئتي نهاريو هڪ عورت مونڏانهن اچي رهي هئي، آئون هن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

” ڪون سڃاتئي ڇا؟ ويجهي ايندي چيائين.“

ڪهاڻي پڙهندي ائين محسوس ڪيو ڄڻ ڊرامو اکين سان ڏسي رهيو آهيان.

ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي لکي ٿو تہ:

15 سال پهرين جي شوخ ۽ شرير نسيم ياد آئي. جيڪا ڳالهہ يون ۽ شرارتون ڪندي ڪانہ ڊاپندي هئي، پر هيءَ نسيم خاموش ڪنڌ جهڪائي چانهن ٿاهي رهي هئي ۽ ڪجهہ سوچي بہ رهي هئي ڄڻ سندس دل تي ڪو بار هجي. هيءَ نسيم هن نسيم خان گهڻو مختلف هئي.

” چانهن“ نسيم مونکي چانهن جو ڪپ ڏيندي چيو. مون ڪپ ورتو ۽ نسيم جو جائزو وٺڻ لڳس، اکين تي چشمو، ڪجهہ بت بہ ڀرجي ويو هئس.“

هاشم جي لکڻيءَ جي منظرڪشي ڏاڍي زبردست ۽ خوبصورت آهي، وڏيڪ لکي ٿو تہ:

” منهنجي جدائيءَ کان پوءِ ڏاڍي شڪتي اچي ويئي اٿئي ، چهرو ڏسي دل جا راز بہ پڙهيو وٺين ،“ مون هن ڏانهن نهاريو، هوءَ رئي جو پلئہ آڱرين تي ويڙهي رهي هئي “.

ڪهاڻيءُ ۾ چا تہ غضب جو سٽاءُ آهي، ڪهاڻيءَ جي End بہ بہ ڏاڍي زبردست آهي.

”نسيم چشمو لاهي ڳوڙهن ۾ پريل اکين کي ٽشوءَ سان اگهندي چيو. چڱو الله حافظ. نسيم وڃڻ لڳي ۽ آءُ پاڻ کي پڃندو پرندو محسوس ڪيو. “

هن ڪهاڻيءَ ۾ پيار، وصال درد، وڇوڙو پيڙا، ٽٽل آدرش، سڪ ۽ محبت جو عنصر نظر اچي ٿو ۽ محسوس ٿو ٿئي تہ انسان وقت جي هٿان ڪيڏو مجبور ۽ محڪوم آهي.

هاشم شورو ڪمال ڪاريگريءَ سان، ڪهاڻيءَ جا ٽئي حصا يعني، مُنڍ، وچ ۽ آخر ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪئي آهي. هاشم شوري جي ڪامياب لکڻين جو شايد اهو بہ سبب آهي، جو پاڻ PTV تي سٺن اداڪارن، صداڪارن، ڪهاڻيڪارن ۽ ڊرامہ رائيٽرس سان گڏ، ڪم ڪري چڪو آهي ۽ ان سان گڏ غضب جو مطالعو بہ اٿس. زندگيءَ جي وڏي حصي ۾ زماني جي اُٿل پٿل جو عيني شاهد آهي. جيئن پينٽر پنهنجي ڪاريگريءَ سان فطري حسن چٽيندو آهي، تيئن هاشم شورو پنهنجي لکڻين ۾ منظر ڪشي ڪندو آهي.

سندس ڪتاب **”سپ رنگ سانول“** مستقبل ۾ مثالي ڪتاب ثابت ٿيندو. سائين هاشم شورو طبيعتاً تمام مانيٽو سُوپر ۽ قربائتو انسان آهي. سندس شخصيت ۾ سنڌ جو خمير آهي، محمد هاشم شوري سنڌ جي چوٽيءَ جي اديبن ۽ شاعرن سان گڏ گذاريو آهي، شايد تڏهن تہ سندس تخليقي سگهہ مضبوط آهي.

سنڌي ادبي سنگت ڪوٽڙيءَ جي دستوري گڏجاڻيءَ ۾ سائين پنهنجي شاعري، عنوان ”ڪافر“ سان پڙهي ٻڌائي تہ واهہ واهہ ٿي وئي. ڏاڪو جمي ويو. هن موضوع تي سائين طويل آزاد نظم لکيو آهي، جيڪو هن ريت ورجائجي ٿو:





مان بہ ڪافر
تون بہ ڪافر
گلن جي خوشبو بہ ڪافر
لفظن جو جادو بہ ڪافر
هيءُ بہ ڪافر، هو بہ ڪافر
فيض ۽ منٽو بہ ڪافر
نورجهان جو گانو ڪافر
مئڪڊولين جو ڪاڏو ڪافر
برگر ڪافر، ڪوڪ بہ ڪافر
ڪلڻ بدعت، جوڪ بہ ڪافر
طبلو ڪافر، دهل بہ ڪافر
پيار پريا بہ ٻول بہ ڪافر
سر بہ ڪافر، تال بہ ڪافر
ڀنگڙو ۽ ڌمال بہ ڪافر
مُگرمان ۽ جمالو بہ ڪافر
ڏاڏرو پيروي ٺمري بہ ڪافر
ڪافي ۽ خيال بہ ڪافر
شاهہ لطيف جي مارئي بہ ڪافر
سسئي ۽ سهڻي بہ ڪافر
چاهت جي زنجير بہ ڪافر
زنده مرده پير بہ ڪافر
نذر نياز جو کير بہ ڪافر
پُٽ جي ڪتابن جو ٿيلهو بہ ڪافر

ڏيءَ جي گڏي بہ ڪافر
ڪلڻ، روئڻ ڪفر جو سودو
غم ڪافرخوشيون بہ ڪافر
جينز ۽ گٽار بہ ڪافر
پيڏيءَ کان هيٺ پنهنجي شلوار بہ ڪافر
فن ۽ فنڪار سپ ڪافر
جيڪي منهنجون ڌمڪيون نہ ڇاپين
سي سپ اخبارون بہ ڪافر
يونيورسٽي سڄي ڪافر
ڊارون جو پولو ڪافر
فرائڊ پڙهائڻ وارا ڪافر
مارڪس جا سپ متوالا ڪافر
ميلا ملاڪڙا ڪفر جو ڏنڌو
ڳائڻ وڄائڻ سارو ڦندو
مندر ۾ تون بت هجين ٿو
مسجدن جو بہ حال برو آ
ڪجهہ مسجد جي ٻاهر ڪافر
ڪجهہ مسجد جي اندر ڪافر
مسلم ملڪ ۾ اڪثر ڪافر
ڪافر ڪافر مان بہ ڪافر
ڪافر ڪافر تون بہ ڪافر
جيڪو مڃي اهو بہ ڪافر
جيڪو نہ مڃي اهو بہ ڪافر.

سائين محمد هاشم شورو پنهنجي هن آزاد نظم ۾ مذهبي انتهاپسندي جي پت وائکي ڪئي آهي، تہ اُهي پنهنجي مطلب ۽ شخصي مفاد لاءِ هر شيءَ کي ڪافر قرار ڏيئي سگهن ٿا.

هاشم شورو وقت گو سچ گو فقير منش انسان ۽ سڏو سئون صوفي آهي، بُلا شاه اڳ ۾ ئي چئي ڇڏيو آهي تہ "اڙي ملان تمهارا ڪيا، مين جانو ميرا خدا جاني" پيغام ساڳيو ئي آهي.

هاشم شورو پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي ماڻهن مان ڊپ ۽ خوف ڪيڻ ٿو چاهي، نفرتون ختم ڪرڻ ٿو چاهي ۽ محبت ونڊڻ ٿو چاهي، انهيءَ کي ئي ماڻهپو چئبو آهي. دنيا جي ڏاهي هربرٽ سپنر چيوآهي تہ: "زندگيءَ جا ٿاپا ۽ تجربا تعليم جا ذريعا آهن."

محمد هاشم شورو نہ صرف ڪتابن جو مطالعو ڪيو آهي، پر هن زماني جو بہ مشاهدو ڪيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو سندس تحرير پڪي ۽ پختي آهي، نبي صلعم جي حديث آهي: "مفلسي ۽ غربت منهنجو فخر آهي."

حضرت عليءَ جو قول آهي تہ: "بي عقلي سڀ کان وڏيڪ غربت آهي."

ماڻهن محلاتون اڏيون . هاشم علم جا مينار اڏيا.

دنيا جي ڏاهي فرينڪلن چيو آهي تہ: "هر مذهب سُنائيءَ جي تعليم ڏيندو آهي، خرابي تہ پنهنجي ذهنن جي پيداوار آهي.

امام غزاليءَ چيو آهي تہ: "عبادت جي ديوار سُني علم تي هُوندي آهي."

دنيا جي ڏاهي پيٽر بارنم چيو آهي تہ: "جيڪڏهن بيوقوف بازار نہ وجن تہ، خراب شيون ڪير خريد ڪندو."

مذهبي بنياد پرستيءَ ۽ ذهني فطور پيدا ڪري دنيا کي دوزخ بڻايو ويو آهي. خدا تعاليٰ قيامت جو ڏينهن مقرر ڪري ڇڏيو آهي. سزا ۽ جزا جو عمل اُن وٽ آهي. پوءِ اسان ڇو انسانذات کي رنجائي، پنهنجي آخرت خراب ڪيون. تڏهن تہ لطيف سرڪار چيو آهي تہ:





ڪوڙين ڪتابن ۾ حرف مڙيو ئي هيڪ،
جي تو نظر نيڪ تہ بسم الله ئي بس اٿئي.

جيڪڏهن حق سچ لکڻ وارا، حق سچ نہ لکن تہ، دنيا جيئري ئي دوزخ بڻجي وڃي. هاشم شورو دهل جي ڏاڪي تي حق سچ لکيو آهي ۽ ڏاڍي خوبصورت انداز ۾ لکيو آهي.

اسان جي دُعا آهي تہ، هاشم شورو لکندو رهي، هن قوم هن ڌرتيءَ هن ملڪ تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ تي لکندو رهي.

اُستاد بخاري چيو آهي تہ:

چيائون او شاعر، اوهان ڌرتيءَ جو
مٿي تي تغاري، ڪٽي ڪو نہ سگهندو،
مجيوسون او سائين، مگر رات آڌي،
اوهان تڙپي تڙپي لکي ڪو نہ سگهندؤ.

حق موجود سدا موجود. ساٿ هلندو رهي، لاٽ ٻرندي رهي.

خادم الفقراءَ

**نور حُسين ڪلهوڙو**

ڪوٽڙي

اڱارو 14 اپريل 2015ع

# نئون جنم وٺندڙ ڪهاڻيڪار هاشم شورو

سپ رنگ سانول جي عنوان سان لکيل پنهنجي ڪتاب جو مواد هاشم شورو صاحب يو ايس بي ۾ ڏيندي گهر ڪئي ته آءُ سندس ڪتاب تي ٻه اکر لکان. حاضر جا لفظ اوچاري يو ايس بي ڪڍي پنهنجي ڪمپيوٽر ۾ مواد محفوظ ڪري مطالعو شروع ڪيم پر ڪتاب جي مواد کان وڌيڪ ڌيان ڪاوش اخبار ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل ”عوام ڪي لوڊشيڊنگ جا لڳندڙ شاڪ“ ڏانهن ان ڪري ڇڪبو پيو وڃي ته ڪتاب کي پڙهڻ لاءِ مونکي مسلسل ٽي ڏينهن انتظار ڪرڻو پيوچو ته مواد پڙهڻ جو واحد ذريعو ڪمپيوٽر ئي هو ۽ ڪمپيوٽر وري بجلي کان سواءِ نه پيو هلي پر بجلي وري صرف ايترو وقت مس پئي هلي جو ڪمپيٽر کولي اجا مواد پڙهڻ مس پيو شروع ڪريان ته وري بجلي گم. بجلي جي اهڙي اک ٻوٽ جنهن ۾ زندگي جو پيو ڪو وهنوار ته هلڻ مشڪل آهي پر ان سان اهو فائدو ضرور ملندو آهي جو ڪو مزاحمتي قلمڪار نيٺ برداشت جي ڪونيءَ کان ٻاهر نڪري حڪمرانن يا سندس ساٿاري سياستدانن جي (شان ۾) ٻه چار قصيدا لکي وٺندو آهي اهڙي ريت مزاحمتي ادب ته بهتر انداز ۾ سرجي رهيو آهي پر ان مان فائدو حاصل ڪندي سياست جا نوان گس گهڙيندڙن سياستڪارن جا ضمير مئل هجڻ ڪري ان سرجندڙ ادب مان عوام کي ڪو لاڀ نه پيو ملي پر اهو لاڀ عوام کي ملي ٻه ڪيئن جڏهن ته اهڙن سياستڪارن کي پڻ ايوانن تائين پهچائڻ ۾ عوام جو ڏوهه ۾ برابر جو شريڪ آهي. شام اخبار ۾ ايڊيٽوريل پيج جي انچارج واريون ذميواريون نڀائيندي ايترو موقعو ميسر نه ٿيندو هو جو ڪنهن مانائتي دوست جي پيار ۽ پاٻوهه مان تحفي طور مليل ڪتاب جو مطالعو ڪري سگهان ان ڪري اتان داڻو پاڻي ختم ٿيڻ کان پوءِ اهو بهتر سمجهيم ته جيڪڏهن ادبي لڏي سان سڏ ۾ سڏ ڏئي گڏ





هلڻو آهي ته هاڻي ڪنهن ٻه اخبار يا ٻئي اداري ۾ ملازمت ناهي ڪرڻي، ڇو ته زندگيءَ جو ٻچ حصو ايئن ئي سستي ۾ گذاري ڇڏيو يا وري جيڪو ڪجهه لکيو ان کي جيتوڻيڪ لطيف سرڪار جيان ڪراڙ ڍنڍ ۾ ته نه اڇليو پر اهو سهيڙي به نه سگهيس ۽ هاڻي يادگيرين جي سمنڊ ۾ غوطا هڻي ڪي ٻه چار سپون ڪڍي ان ۾ سمويل موتين کي ڏوئي اڇو اجرو ڪري پيهر پنهنجي خزاني کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهيان. اها ڳالهه صرف ان ڪري ئي ڪرڻي پئي جو مون جهڙا ڪيترائي شاعر يا قلمڪار پنهنجي مواد کي سانڍي يا سهيڙي ان ڪري نه سگهيا آهن جو سرڪاري توڙي خانگي اشاعتي ادارن ۾ رڳو ياري باشي جي ڏم متل آهي باقي جيڪي سنڌ جا هزارين بي پهچ بخاري، ارڏا اياز يا سچا سرڪش پنهنجي اندر جا اڌما يا قوم جو درد اکرن جي روپ ۾ اوتي ڪاڳر ڪارا ڪري ويا انهن جي سار لهڻ وارو ڪو ادارو بچيو ئي ڪونهي، نه صرف ايترو پر اديبن ۽ شاعرن کان اهڙا ادارا اڌ رقم جي آڙ ۾ تقريبن پوري ڪتاب جو خرچ اوڳاڙي ۽ پوءِ تيسين اهو ڪتاب ڇپرائڻ جي جسارت ناهن ڪندا جيسين ڪين اهڙو ڪو ٻيو خرچ ڪرڻ وارو مومن هٿ نه اچي. بهر حال ڳالهه پئي هلي ٽن ڏينهن ۾ 64 صفحا پڙهڻ جي ملڪي سياستڪارن اهڙي ريت ملڪ کي لٽي ڪنگال ڪيو آهي جو هاڻي صرف وٽن عوام کي ڏيڻ لاءِ نلها دلاسا ئي بچيا آهن نه ڪي ملڪي خزاني ۾ ڪا رقم يا عوام کي رليف ڏيڻ جي ڪا نيڪ نيتي واري اخلاقي جرئت. ان ڪري ئي بجلي جو بحران ته پنهنجي جاءِ تي پر اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جنهن جاءِ جي عوام جو رت سڪائي ڇڏيو آهي ته ٻئي طرف وري ملڪي معيشيت پڻ تباهه ٿي چڪي آهي جو ڪٿي اميد ساري سگهجي ته ڪو سال ٻن ۾ اهي بحران ختم ٿين. اهڙي ريت جڏهن بحرانن جي بازار گرم هجي ته ڀلا ڪو ان سماج ۾ رهندڙ قلمڪار انهن بحرانن کان ڪيئن ٿو آجو رهي سگهي ان ڪري ئي اسٽيٽ بئنڪ ۾ آفيسري جي ڪرسي تي هوندي ٻه هاشم شورو صاحب ايترو ته مسئلن ۾ گهيريل هو جو هو ملازمت دوران پنهنجو هڪ به ڪتاب نه ڇپرائي سگهيو پر جڏهن

ڪوٽڙي ۾ 14 سالن جي وڇوڙي کان پوءِ ٻيهر ادب ۽ شعر و سخن جو دور شروع ٿيو تہ هن جا بہ جذبا جاڳي پيا تہ پنهنجي خيالن کي عوام آڏو آڻڻ لاءِ چونڊ ڪو ڪتاب ڇپرائجي. هونئن تہ هاشم شورو شعرو شاعري سان بہ دلچسي رکي ٿو پر هي سندس ڪتاب نج نثر ۾ آهي جنهن جي 64 صفحن مان 21 صفحا سندس انٽرويو تي ٻڌل آهن جيڪو انٽرويو ڪائنس آن لائن ورتو ويو هو. ان کان علاوه تي مضمون عبدالڪريم بلوچ, اياز عالم ابڙو, هند ۽ سنڌ جي ڪهاڻيڪار لڇمڻ ڪومل ۽ لطيف سائينءَ جي بيتن کي تصويري روپ ڏيندڙ گل محمد کتري تي لکيل آهن. جڏهن تہ ساڳيو تعداد مطابق ڪتاب ۾ پنج ڪهاڻيون شامل آهن ، پرم پورا پورا ۽ وحشي جذبن جو موت،مسيحا پيلا گل پلاند ۾ ۽ هڪ ڪهاڻي مشهور ليکڪا جي ترجمو آهي ماسي ڏنيءَ جي نالي سان . جنهن جاءِ تي هاشم شورو ڪهاڻي پرم پورا پورا ذريعي هڪ مذهبي اڳواڻ جي اندر ۾ لڪل وحشي روين جي بهتر انداز ۾ اپتار ڪئي آهي تہ ساڳي جاءِ تي هن وحشي جذبن جو قتل ڪهاڻي ۾ پنهنجي اندر ۾ لڪل هڪ اهڙي خواهش جيڪا پوري ڪرڻ جي هو هر ممڪن ڪوشش ۾ رڌل هو پر اها پوري ڪري نہ سگهيو ۽ ان جي پوري نہ ٿيڻ تي هو جنهن مصيبت کان بچي ويو اها پڻ سبق آموز حقيقت آهي تہ اهڙي خواهشن جي ور چڙهندڙ ڪيتري پوڳنا پوڳيندا آهن . هڪ لکاري جي حوالي سان هاشم شورو بهترين ڪهاڻيڪارن ۾ شمار ٿئي ٿو جنهن جي لکڻ ۾ توڙي جو ڪنهن کي امر جليل جو روپ نظر اچي ٿو تہ ڪنهن کي وري موهن ڪلپنا ۽ علي بابا جي لکڻين جا اولڙا ۽ عڪس نظر اچن ٿا پر تنهن هوندي بہ هو ڪهاڻي کي بهترين اندار ۾ نڀائڻ ۾ مهارت رکڻ کان علاوه ٻولي پڻ اهڙي ئي استعمال ڪندو آهي جيڪا ڪهاڻي جي ڪردار جي گهرج هجي اهو ئي سبب آهي جو جڏهن بہ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪوٽڙي جي دستوري گڏجاڻين ۾ هو پنهنجي ڪهاڻي پڙهندو آهي تہ اها تمام گهڻ تنقيد پر ڀرپور داد حاصل ڪري ڪيس ٻيهر ڪا ڪهاڻي لکڻ تي اڪسائيندي آهي, اهو ئي سبب آهي جو سندس اندر جو اهو ڪلاڪار جيڪو





زماني جي لاهن چاڙهن جي دز ۾ دٻجي دفن ٿي ويو هو هاڻي ان کي نئون جنم نصيب ٿيو آهي ۽ هاڻي هاشم شورو ٻيهر جوان جذبن سان پنهنجي قلم کي جلا بخشي اهو پهہ ڪيو آهي تہ هو پنهنجي وڃايل وقت جو ضرور پورائو ڪندو ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪري هو ايترو ڇپيل مواد سنڌ واسين کي ارپيندو جو ايندڙ وقت ۾ ڪو هاشم شورو کي بهترين دوست يا مائٽ بجاءِ بهترين قلمڪار جي نالي سان ضرور ياد ڪري. منهنجي دعا آهي تہ الله سائين ڪيس سندس ان نيڪ مقصد ۾ ڪامياب ڪري.

**بهزاد سنڌي**

نيو شهباز ٽائون- ڪوٽڙي

اڱارو 14 اپريل 2015ع



# منهنجو بابا جاني

جڏهن بابا مونکي پنهنجي ڪتاب لاءِ لکڻ جو چيو ته مان حيران ٿي ويس، ڇو ته مونکي لکڻ جو ڪڏهن به ڪو تجربو نه هو خاص طور تي ادبي شخصيت تي، ڇا لکبو ڪهڙي طريقي سان لکبو ڪو به اندازو نه هو پر مون ها ڪئي ڇو ته منهنجي جاني بابا لاءِ مان ڪجهه ڪريان ان کان وڌيڪ منهنجي لاءِ ٻيو ڪجهه ناهي.

جنهن معاشري ۽ فيملي بيڪ گراونڊ سان آئون تعلق رکان ٿي ان ۾ وسيع ذهن رکندڙ انسان آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مليا آهن. مون هتي ڪڏهن به ناهي ڏٺو ته ڪنهنجو به بابا پنهنجي ٻارن کي اعليٰ تعليم لاءِ زور ڀري، ڪو ايجوڪيشن فخر ۽ ڀروسي سان پڙهائڻ لاءِ موڪلي، پنهنجي مرضيءَ اڳيان رکڻ لاءِ همٿائي، پنهنجي چوائس تي زندگي گذارڻ جي آزادي ڏي، توهين اهو پڙهي سوچ ۾ پئجي ويا هوندا ته واقعي ائين ٿي سگهي ٿو؟؟ جي ها اها حقيقت آ.

بابا شروع کان ئي محنت تي يقين رکيو آ، پاڻ پنهنجي شروعاتي زندگيءَ ۾ مزدوري ڪندي پنهنجي پڙهائيءَ جو بوجهه پاڻ کنيو بابا جڏهن پنهنجي شروعاتي زندگيءَ جي باري ۾ ٻڌائيندو آ ته پنهنجي ڏاڏيءَ جو ذڪر ضرور ڪندو آهي، جنهن بابا جو گهٽو ساٿ ڏنو هن کي مئٽرڪ تائين پڙهايائين، بابا کي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا زندگيءَ ۾ ڇو ته بابا روايتي ماڻهن وانگر نه سوچيندو هو پر مزدوري کان علاوه پنهنجي زندگيءَ کي علم سان روشن ڪرڻ جي حق ۾ هو ۽ ان علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش بابا جي ذهن کي وسيع ڪري ڇڏيو جنهن ۾ نه وهم نه وسوسو بس حقيقت سان پريل سوچون شامل آهن.





مونکي ياد ٿو اچي ته جڏهن بابا جاني ڪراچيءَ جي اسٽيٽ بئنڪ ۾ ڪم ڪندا هئا ته هر هفتي ڇنڇر جي شام جو اسان سان ملڻ ايندا هئا ته اسان لاءِ نيون نيون شيون وٺي ايندا هئا، هڪ ڀيري عيد ملهائڻ آيا ته اسانجي لاءِ ڪوڙ ساري عيد جي شاپنگ ڪري آيا، سناڪپڙا، سينڊل، پرس، جيولري مطلب ته ڪا شئي بابا گهٽ نه آندي، پوءِ جڏهن اسان بابا جي ٽٽل چپل ڏٺي ته ڏاڍو ڏک ٿيو ته بابا اسان جي لاءِ ايترو ڪجهه ڪيو ۽ پنهنجي لاءِ ڪجهه به نه ورتو ائين آ منهنجو بابا جاني.

بابا کي مون سدائين اسان جي بهتر مستقبل جي لاءِ سوچيندي ۽ پريشان ٿيندي ڏٺو آهي انهن جي ترجيح تعليم آهي جيتوڻيڪ گهڻن ماڻهن بابا کي گهڻو ڪجهه چيو ته ڇوڪرين کي ايترو پڙهائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، ۽ اهو به ڪو ايجوڪيشن ۾، بابا جاني انهن کي چوندو آهي ته منهنجون نياڻيون منهنجو فخر آهن ۽ مونکي پنهنجي پرورش تي پورو پورو ڀروسو آهي. اهڙو ڪجهه به نه ٿيندو. بابا مونکي اتساهه ڏياريندو آهي ته مان ڪجهه ڪري سگهان ٿي ۽ مون انهن جي يقين تي يقين ڪيو ۽ الله جي فضل ڪرم سان بغير ڪنهن پريشانيءَ جي پنهنجي پڙهائي مڪمل ڪئي.

بابا جانيءَ جو اسان سيني سان رويو دوستاڻو آهي پنهنجو ادبي ڪم اسان سان شيئر ڪندو آهي، ۽ اسان کي کلي طرح ڪمينٽ يا تنقيد ڪرڻ جي آزادي آهي بابا سان اسين ڪنهن به موضوع تي ڳالهه ائيندا آهيو ۽ پوءِ انکان سندن راءِ وٺندا آهيون ته بابا کان هميشه مثبت ٻڌڻ لاءِ ملندو آهي، ضد ۾ ته اسان ٻئي هڪجهڙا آهيون، ۽ سڀ کان بهترين ڳالهه تڏهن ٿيندي آهي جڏهن اسان سڀ مڱلي ڪري هڪ ٻئي کي تيز ڪندا آهيون، جنهن ۾ نه ڪاوڙ ۽ نه ڪنهن جو رسڻ هلندو آهي.

بابا ڪاڏو ڪائڻ ۽ پچائڻ جو ڏاڍو شوقين آهي هر شئي بابا کي پسند نہ هوندي آهي جڏهن بابا کي ڪا شئي سٺي نہ لڳندي آهي تہ چوندو تہ بس ٺيڪ آهي ، ۽ جڏهن سٺي لڳندي تہ بار بار سڏي تعريف پيو ڪندو ۽ پني ٺپيندو شاباس ڏيندو.

بابا کي ادب سان ڪافي لڳاءُ آهي، بابا جي لاءِ سڀ ڪان سٺو تحفو سٺو ڪتاب آهي ۽ بابا کي اهڙا گفٽ ڏاڍي خوشي ڏيندا آهن . بابا جو لکيل شارٽ اسٽوريون ۽ شاعري ڏاڍي سٺي هوندي آهي ۽ حقيقت جي گهڻو قريب هونديون آهن. بابا جاني وٽ ڪتابن جو وڏو ڀنڊار لڳو پيو آهي، ۽ ڏاڍي خوبصورت ڪليڪشن آهي، فيمس ڪتابن جي جنهن سان هو پنهنجو سٺو وقت گذاري وٺندا آهن .

ويجهڙائيءَ ۾ بابا سوشل ميڊيا تي ڪافي ايڪٽو ٿي ويا آهن، ۽ هنن جو اهو ايجنڊا آهي تہ غريب ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪئي وڃي، بابا ۽ انهن جي ٽيم تمام گهڻي ڪاميابي ماڻي آهي جو تہ انهن جي ذريعي گهڻن ماڻهن کي مفت علاج، دوائون ۽ پئسن جي سهائتا بہ مهيا ٿي آهي .

مان تہ الله سائينءَ جي ڏاڍي شڪر ٿي ادا ڪيان تہ ايترو ڪوآپريٽو پيار ڪرڻ وارا ۽ روشن خيال والدين اسان کي مليا آهن، جنهنجو ڪو ملهہ ئي ناهي، الله سائينءَ کان دعا آهي تہ توهانجو سايو اسان جي سر تي هميشہ قائم رهي. آمين

منهنجي دلي خواهش آهي تہ مان پنهنجي والدين کي حج ڪريان ۽ الله پاڪ ڪندو تہ منهنجي اها تمنا ضرور پوري ٿيندي.

**سنڌو شورو**

ڪوٽڙي

اڱارو 14 اپريل 2015ع





# سنڌي ادب ۾ بي بها اضافو۔ سپ رنگ سانول

تخليق هميشہ پيڙاهہ واري پاسي کان اُپرندي، اُسرندي سَرجندي ۽ نپندي آهي پوءِ ڀلي اهو ڌرتي ماءُ جي ڇاتي چيري ڪو گلابي گونچ ڪڙي پئي يا سائو سلو ٽڙي پئي ماءُ جي هنج ۾ نئون ڄاول ٻار هجي يا سالن پڄاڻان ادبي پورهيئي جو ڪو ثمر پچي راس ٿيو هجو.

خيال جي ڪينواس تي لفظن جا رنگ (سپ رنگ سانول) وکيريندڙ ادب دوست وطن دوست سائين هاشم شورو جو هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ بي بها اضافو ۽ سندس ادبي پورهيئي جو پهريون فصل آهي. جيڪو سنڌي ادب ۾ پنهنجو منفرد مزاج ۽ سواد رکي ٿو. اميد آهي تہ سائين هاشم شورو جا ٻيا ڪتاب بہ جلد ڇپجي پڌرا ٿيندا. هي ڪتاب انساني احساسن جو ڳوڙهو اڀياس ۽ پڙهندڙن لکندڙن جي لاءِ اتساهہ جو باعث آهي.

**ايڊووڪيٽ راحيل قاضي**

ڪوٽڙي

14 اپريل 2015ع

# سنڌي ادب جي آڪاس تي اُڀرندڙ ستارو۔ هاشم شورو

انساني شعور منجهان اُڀرندڙ سٿون ادب جي هن زرخيز زمين کي جا آبياري بخشي ٿي تنهن جو ٻيو ڪو اعليٰ مثال ملڻ بنهه مشڪل آهي، انسان پنهنجي شعوري آبياري کي جا جلا بخشي آهي، تنهن تاريخ جهڙي موضوع کي جنم ڏنو آهي، اهڙي ريت سائين هاشم شورو پڻ پنهنجي ادبي سفر جي تاريخ رقم ڪرڻ لاءِ هي ڪتاب ”سپ رنگ سانول“ واري جستجوءِ جاڪوڙ ڪندي، ادبي ميدان ۾ پنهنجو نالو رقم ڪرڻ جي تمام بهترين ڪوشش ورتي اٿس، سندس ڪتاب ۾ موجود

سائين هاشم شورو جيئن ته ڪوٽڙي شهر جي ادبي دنيا ۾ هڪ ناميارو ۽ سينئر اديب آهي، ان سان گڏوگڏ پاڻ شاعر جي حيثيت پڻ ماڃي اٿائين، سندس ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان ته سندس انداز ئي منفرد ۽ بالا آهي، ان سان گڏوگڏ پاڻ هر فن مولا، خداداد صلاحيتن سان مستفيض فنڪار پڻ آهي، سندس ماضي هڪ فنڪار جي حيثيت ۾ گذريو آهي، جيڪو پڻ سندس چواڻي ته تمام دلچسپ واقعن سان منسلڪ آهي، ان سان گڏوگڏ توڙي پاڻ هڪ سماجي ادارو پڻ آهي، سندس فيس آف شورا جي حيثيت ۾ عالمي اوطاق (فيسبڪ) تي سندس پاران ڪيل ڪوششون ان جو ثبوت آهن، پاڻ هڪ مخلص انسان ۽ سچي دوست جي حيثيت سان پنهنجو ڪردار نڀائيندو اچي، پاڻ هميشه ڪوٽڙي شهر جي ادبي سرگرمين ۾ ته هميشهه اڳيرو رکندو اچي. سندس ڪتاب ” سپ رنگ سانول “ ۾ شايع ٿيل ڪهاڻيون، شاعري، شخصيون، انٽرويو ۽ ڊائري تي مشتمل مواد ادبي شعبي ۾ هڪ واڌارو آهي ۽ اسان ڪيس اهڙي ڪاوش تي جس ڏيون ٿا.

**اصغر علي ڪوهارو**

(فنڪار/ ڪوٽڙيءَ جو صدا بهار گلوڪار)

14 اپريل 2015ع



# هاشم جي طبيعت ۾ ادب جو عشق

مان استاد بخاري جي انهن لفظن سا سوَ فيصد متفق آهيان ته جون جي تيز تپش رڪندڙ سج هينيان تگاري ڪٽڻ وارو عمل ڏکيو برابر آهي، پر رات جو جاڳي، اکين کي اوجاڳا ڏئي لڇي، پڇي لکڻ اجا به وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي، قلمي پورهيو واقعي هر زندگي گي عام ڪم کان ڏکيو ڪم آهي، پڻائي سرڪار جي ڌرتي جي خوشبوءِ مٽيءَ جي هٻڪار جو ڪمال آهي، جو سنسار اندر هر دور ۾ هزارين قلم ڌڻي جنم وٺي سنڌي ادب ۾ واڌارو پيدا ڪن ٿا ۽ هاشم شورو به انجي هڪ ڪڙي آهي.

ادب جي گلستان ۾ هزاري گلن جي سرهاڻ جو واس ڪراچي کان ڪشمور، ڪارونجهر کان ڪينجهر نه رڳو ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ ڦهلجي چڪي آهي ۽ هن چمن جو هر گل پنهنجي سڳنڌ سان گڏ پنهنجي سڃاڻپ پاڻ ظاهر ڪري ٿو. هاشم شورو به ادبي چمن جو هڪ گل آهي، جنهنجي خوشبوءِ ۽ سونهن جي سڃاڻپ توهان پڙهندڙ سندس هن ڪتاب کي پڙهي محسوس ڪري وٺندو ها باقي هن ۾ ڪو به شڪ ناهي ته هر گل جي پنهنجي خوشبو هوندي آ. مان جس ٿو ڏيان هاشم شورو کي جنهن پنهنجو قلمي پورهيو گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آ. جيڪو تعريف جوڳو عمل آهي ۽ اميد رکان ٿو ته هي ڪتاب ادب جي دنيا ۾ پنهنجي جاءِ ضرور ولاريندو.

**محبوب سنڌي**

ڪوٽڙي

اڱارو 14 اپريل 2015ع

# خيال اُڏارون

**تاثراتي سٿون**

[انسان ڪنهن سمي ڪهڙو نہ بيوس ٿي ويندو آهي، مايوسين، نااميدين ۽ محرومين جا ڪارا واسينگ خيالات ول جيان وجود کي وڪوڙي ويندا آهن. تنهن سمي من چاهيندو آهي تہ هر احساس کان عاري ٿي بن ۾ بنواس ڪجي، پر ائين ٿيندو ناهي پنهنجين مجبورين جو صليب پنهنجي ئي ڪلهن تي کڻڻو پوندو آهي ۽ زوري جيئڻو رهڻو پوندو آهي! ائين ڇو ٿو ٿئي؟ ........ڇو ٿو ٿئي ائين.........؟

پر اهو تہ جڳن کان ٿيندو رهيو آهي، روايت بڻجي ويئي آهي تہ غريب سدائين پنهنجي مجبورين آڏو اميرن جي دئوس لتن ۾ رهيا آهن ۽ جڏهن بہ هنن ڪنڌ مٿي ڪڍڻ جي جي ڪوشش ڪئي آهي تہ انهن دئوس لتن هيٺان اچي چيپاٽجي مئا آهن......]

**هاشم شورو**







# انٽرويو

## يادگيرين جا حسين پل

### انٽرويو وٺندڙ: فهيم فدا شورو



مون کي چٽي طرح ياد آهي ته، هو منهنجي اوطاق (شورا هائوس مسڻ وڏي) تي چوکڙي سان چِٽيل مشهور سنڌي رليءَ جي سيج تي، ديوار سان ٽيڪ لڳائي ويٺل هو. سندس هڪ پاسي ساڻس گڏ آيل سندس پيارو دوست نجيب اقبال شورو ۽ ٻئي پاسي منهنجو والد ماجد مولانا محمد يامين شورو ويٺل هئا. آئون سندس سامهون گوڏا ٻڌي نهايت ئي نماڻائي ۽ نهٺائي سان ويٺو هئس.

جڏهن هن عام رواجي دعا، سلام ۽ مختصر واقفيت کان پوءِ پنهنجي آتم ڪٿا ٻڌائڻ شروع ڪئي ته محفل ۾ هڪدم ماٺار اچي وئي ۽ مون سوڌو سمورين مجلسين تي ڪا گهڙي سڪتو طاري ٿي ويو. سندس هر هڪ لفظ کان پوءِ دل انهي تجسس سان ڀرجي ٿي آئي ته اڳتي ڇا ٿيو؟ اڳتي ڇا ٿيو؟ اهڙي ريت هن پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني ٻڌائيندي تام ڪندي چيو ته ”معاف ڪجو! منهنجا جذبات ٻڌي محفل تي خاموشي ڇانئجي وئي.“ ٻڌندڙن جي نيڻن ۾ لڙڪن جو ڇوليون هٽندڙ سمنڊ ڪجهه دير لاءِ سُڪي ويو هو. منهنجي لاءِ اها ڪالهه جي ڳالهه آهي ته، سندس ڪهاڻي ٻڌڻ مهل منهنجي نيڻن ۾ اٽڪيل لڙڪن مون کان ان وقت وچن ورتو هو ته ”فهيم! توکي اسان بي يار و مددگار لڙڪن جو قسم آهي ته، جيڪڏهن چاهين ٿو ته منهنجي قلم کي تقويت ملي ته هن سنڌي سڀاجهڙي ۽ ڏاهي انسان جي زندگي جون ساروڻيون ضرور بضرور قلمبند ڪندو رهجانءِ.“ مون





پنهنجي پِنل نيڻن سان اهو عهد رچايو ته آئون هن آدرشي انسان کي پڙهڻ ۽ اوهان سان انهي واعدي وفائي جي ڪوشش ڪندس. سوچيو هئم ته سندس دردن جو درمان ٿيان، سندس دل تان هماليه جي بار کي هلڪو ڪرڻ جي ڪجهه قدر ڪوشش ڪريان.

انهي پيار ۽ پريت ڀريي محفل ۾ منهنجي والد ماجد مولانا محمد يامين شوري کان متاثر ٿي هو مون ڏي به متوجهه ٿيو. پنهنجائپ جو احساس ڏياريندي چيو هئائين ته ”فهيم! تون ڪيڏو نه ڀاڳن ڀريو آهين جو توکي آزاد ذهن، علم جا ڀنڊار ۽ پُرتشخص شخصيتن ۽ اعليٰ خوبين جا ماءُ پيءُ مليا آهن. توکي انهن والدين تي هڪ ڀيرو نه صد بار فخر محسوس ڪرڻ کپي، وڌ کان وڌ انهن جي خدمت کي پنهنجي آخرت جو ثمر سمجهجهانءِ!. اهڙن والدين تي پوري دنيا مون سميت رشڪ ڪندي رهي آهي. فهيم ! تون واقعي ڀاڳن وارو آهين.“

رفته رفته وقت گذرندو ويو. آئون اهڙي موقعي جي تاڙ ۾ هئس . کيس ڪافي بار اهڙي التجا ڪئي به هئم، پر پاڻ ”ليپس لوڻ به ڪونه، سڏائي سون ٻائي“ وانگر وراڻيائين ته، ”فهيم! مون وٽ اهڙو ڪو ثمر ڪونهي، اهڙي ڪا به خدمتِ خلق يا ڪارنامو ناهي جنهن کي منهنجو قوم مٿان قرض سمجهيو وڃي جنهن کي آئون قلمبند ڪرائيندو وتان.“ آئون اهڙي ريت کيس بار بار اها وينتي ڪندو رهيس. آخر ڪار هڪ دفعو سندس دل ڀرجي آئي ۽ پنهنجي زندگي جون ساروڻيون قلمبند ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويو. سندس راضپو ڏسي دل باغ و بهار ٿي ويئي، پنهنجي وچن جي وفا ۽ اکڙين ۾ سجايل خواب جي ساڀيان ٿيندي ڏٺم.

اها شخصيت ڪير آهي جنهن ۾ مون کي پنهنجي لاءِ ايترو قرب ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟!!

جنهن ۾ ٻيڪ وقت ايتري پنهنجائپ ۽ سنڌس درد ڀري ڪٿا هڪ تجسس ڀري ڪهاڻي ڏسڻ ۾ اچي ٿي!!

جي ها! منهنجو اشارو ڪوٽڙي شهر جي رهاڪو ادا هاشم شورو ڏانهن آهن. سندس زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي مطالعي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ٿي

سگهي ٿو ته ڪا اهم ڳالهه رهجي به وئي هجي. پر پوءِ به دلي اطمينان آهي ته ڪجهه قدر سندس زندگي جون يادگيريون سهيڙي سگهيو آهيان.

**ف/ش:** ادا هاشم اوهان پنهنجو مختصر تعارف ٻڌائيندا؟

**هاشم شورو:** منهنجو نالو محمد هاشم، پيءُ جو نالو خميسو خان. ذات شورو پاڙو پٽڙ آهي. منهنجي رهائش ڪوٽڙي شهر ۾ آهي. تعليم ڊبل ايم اي آهي. هڪ ايم اي سوشيالوجي ۾ ڪيم ڇاڪاڻ ته مون کي تنهن وقت سماجي ڪمن ۾ عام پلاٽي وارن ڪمن ۾ دلچسپي رهندي هئي. سوچيم ته سماجي ڪمن کي نئين نظريي ۽ سائنس کي سامهون رکي ڪرڻ گهرجي. ان کان پوءِ پيو پيرو سنڌي ادب طرف شوق هجڻ ڪري سنڌي ۾ ايم اي ڪيم. تازو بئنڪ افسري تان رٽائرڊ ٿيو آهيان.

**ف/ش:** شورا برادي جي ماضي، شانءِ حال بابت ڪجهه چوڻ چاهيندا؟

**هاشم شورو:** ها ادا بلڪل. شورا قبيلو سنڌ جو سدا حيات قبيلو آهي. شورا برادري جي شاندار ماضي رهي آهي. هن قبيلي جا افراد هر دؤر ۾ مالدار، سکيا ستابا، ماني ميچي وارا، مالوند مارُو رهيا آهن. ۽ الله جو شڪر آهي اڄ به آهن. پر هڪ ڳالهه جو افسوس ضرور آهي ته جڏهن هن قبيلي جي تاريخ جي پسمنظر جو مطالعو ڪجي ٿو ته پتو پوي ٿو ته، شورا برادري جي ماضي شاندار ۽ سونهري تاريخ سان لکڻ لائق آهي پر (ادا هاشم ٿڌو شُوڪارو هڻندي چوي ٿو ته) سندس حال ماضي وانگر شاندار نه آهي. سندس ماضي ۽ حال ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. ماضي قريب ۾ ڪوٽڙي جي مٿير مرد ۽ سنڌ جي سچي سپوت حاجي محمد صديق شوري هن قبيلي جي اتحاد، ٻڌي، ترقي لاءِ مثالي ڪردار ادا ڪيو. هي صاحب شورا برادري وٽ لنگهي انهن جا پراڻا اختلاف ختم ڪري منجهن هميشه لاءِ ميٺ محبت پيدا ڪري دلي دعائون ڪٺيائين. پنهنجي قبيلي کي متحد ڪرڻ لاءِ حاجي صاحب ”آل سنڌ شورا تنظيم“ جو وجود وجهي پاڻ پتوڙيو. پر حاجي صاحب جي گذري وڃڻ کانپوءِ اسان هڪ دفعو ٻيهر ڇڙوڇڙ ٿي وياسين. اختلافن ۾ ڪاهي پياسين. دعا ڪيو جو وري ڪو حاجي محمد صديق شوري جهڙو مويي پٽ ۽





پنهنجي قبيلي جو حقيقي هڏ ڏوکي پيدا ٿئي جو اسين هڪ دفعو وري دنيا جي آڏو متحد ٿي پاڻ ملهايون.

**ف/ش:** حاجي صاحب جي وفات کان پوءِ شورا برادري ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ جو سبب ڇا هو؟

**هاشم شورو:** ادا انهي جو وڏي ۾ وڏو سبب اهو آهي ته حاجي صاحب جي وفات کان پوءِ آل سنڌ شورا تنظيم پاٽمرادو ختم ٿي وئي ڇوته پوين جي عدم دلچسپي ۽ منجهن اهي لياقتون. جيڪي حاجي محمد صديق شوري ۾ هيون. نه هجڻ ڪري اها تنظيم اڳتي وڌي نه هلي سگهي. جڏهن اها تنظيم (جيڪا هڪ بنيادي پليٽ فارم جي حيثيت رکندي هئي) ختم ٿي ته شورا برادري ۾ آهسته آهسته ايڪو اتحاد ۽ ٻڌي ختم ٿيڻ لڳي.

**ف/ش:** بئنڪ افسري دوران ڪهڙي عهدي تي فائز رهيا ۽ سروس ڪهڙي سال ۾ ملي.

**هاشم شورو:** ادا اسٽيٽ بئنڪ ۾ منهنجي اپائٽمينٽ 1986ع دوران ٿي. ان کان پهرين آئون ايريگيشن کاتي ۾ اسٽور ڪيپر رهيس. اتي منهنجي سروس 13 سال رهي ۽ بئنڪ ۾ منهنجي سروس 25 آڪٽوبر 2013ع تائين رهي.مون آفيسر گريڊ ون ۾ ريٽائرڊ ٿيس.

(سالم شوري وچ مان رڙ ڪندي چيو ته سائين منهنجي جم جي پيدائش 1986ع آهي. ادا هاشم سالم جي ڳالهه تي کلندو رهيو)

**ف/ش:** سائين اوهان جي ولادت ڪڏهن ٿي؟

**هاشم شورو:** ادا منهنجي ولادت نانگو لائن ڪوٽڙي ۾ 5 جون 1955ع ڌاري ٿي. منهنجو ڏاڏو جنهن جو نالو مائٽن مون تي رکيو اهو جمعون پٽڙ نزد ڪارو کهو ۾ رهندو هو.پوءِ مائٽن سان اختلافات جي ڪري اتان لڏي نانگو لائن ڪوٽڙي ۾ اچي رهيو. منهنجو ڏاڏو محمد هاشم، جڏهن انگريزن ريلوي جي پٽڙي وڇائي ٿي، ان وقت اتي مزدوري ڪندو هو.

**ف/ش:** ادا هاشم شورا برادري ۾ اوهان جو ڪهڙو پاڙو آهي ۽ اوهان جي پاڙي ڪي شورا برادري جي راج نيتي نظام ۾ ڪهڙو مقام آهي؟

**هاشم شورو:** ادا اسان جو شورا برادري ۾ پاڙو ٻِتڙ آهي ۽ راج نيتي نظام ۾ ارباب جو جيڪو وزير چونڊيو ويندو آهي اهو ٻِتڙ پاڙي مان هوندو آهي. هتي ياد ڏهاني ڪرائيندو هلان ته شورا قبيلي جون ٻه اهم شاخون ”پسايو“ ۽ ”مُنو“ آهن. پسائي ۾ چوڏهن پاڙا ۽ مُني ۾ ست پاڙا آهن. اسان جو ٻِتڙ پاڙو پسائي واري شاخ ۾ اچي ٿو. شورا برادي جي انهي تاريخي ڳالهه بابت وڌيڪ معلومات تاريخ شورا ڪتاب ۽ فيس بڪ تي شورا برادري جي نمائندگي ڪندڙ فيس آف شورو گروپ ۾ اپلوڊ ڪيل فائيلن مان اوهان (فهيم فدا شورو) جي تحرير ڪيل تاريخي مواد ”هڪڙو هو پسايو_هڪڙو هو مُنو“ تان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

**ف/ش:** اوهان جو خانداني پسمنظر ۽ حسب نسب منهنجو مطلب شجرو (جيڪڏهن ياد هجي)؟

**هاشم شورو:** ياءُ منهنجو ڪو خاص خانداني پسمنظر نه آهي. آئون هڪ اٽپڙهيل مزدور جو اڪيلو پٽ آهيان. منهنجي نه ڀي ڪا ڀيڻ ۽ نه ئي ڪو ڀاءُ آهي. مائٽن جو اڪيلو آهيان ۽ مون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اها منهنجي ڪوتاهي چئجي ته آئون پنهنجو شجرو هٿ نه ڪري سگهيو آهيان. ڪوشش ۾ آهيان ته پنهنجي خاندان جو شجرو هٿ ڪريان.

**ف/ش:** اوهان پنهنجي هن تاريخي انٽرويو ۾ پنهنجي والد محترم جي زندگي جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائيندا ته بهتر ٿيندو.

**هاشم شورو:** ادا منهنجي پيءُ جو نالو خميسو خان شورو هو. هو پيشي جي لحاظ کان هڪ مزدور ماڻهو هو. سندس سوچ به ڪافي قدر محدود هئي. منهنجي والد صاحب جي مطابق آئون به بس اهي سنڌي جا پنج درجا پڙهي ساڻس مزدوري ۽ گهر جي گاڏي هلائڻ ۾ هٿ ونڊيان.





**ف/ش:** اوهان جي پرورش ڪنهن ڪئي؟ جڏهن ته اوهان جو چوڻ آهي ته اوهان جي والد صاحب جي سوچ مطابق اوهان کي بنيادي تعليم هجڻ کپي ها؟ جيڪو ڪجهه اڄ اوهان اسان جي سامهون آهيو. بنيادي تعليم و تربيت سان ائين هجڻ نا ممڪن هجي ها.

**هاشم شورو:** اوهان بلڪل صحيح چيو. جيئن آئون پهرين بيان ڪري چڪو آهيان ته منهنجو والد صاحب انتهائي غريب هيٺئين طبقي جو ماڻهو هو. سندس پيٽ گذر معمولي مزدوري تي هوندو هو. نصيب جي ڳالهه هوندي آهي.منهنجي والد جو چوڻ هو ته آئون پنج درجا پرائمري پاس ڪري تعليم ختم ڪريان ۽ مزدوري ڪرڻ لڳان. پر منهنجي ڏاڏي مرحومه جو آئون دادلو هئس. هن ئي منهنجي نشو و نما ۽ پرورش ڪئي. مون کي تعليم ڏياري هن منزل تي پهچائڻ ۾ سندس ئي جفاڪشون آهن. ڏاڏي مون کي پيار مان ”بابو“ سڏيندي هئي. منهنجي ڏاڏي چوندي هئي ته منهنجو بابو پڙهي لکي وڏو آفيسر ٿيندو. هي مزدوري نه ڪندو بلڪ پڙهي لکي هڪ وڏو ماڻهو ٿيندو. اهڙي ريت ڏاڏي مون کي وڏي جدوجهد کان پوءِ هاءِ اسڪول تائين تعليم ڏياري. اسڪول جي في وغيره ڪتابن جو خرچ، ڊريس ۽ خرچي وغيره سڀ اخراجات ڏاڏي برداشت ڪندي هئي. آئون يقين سان چوان ٿو ته، منهنجي ڏاڏي نه هجي ها ته آئون جنهن منزل تي آهيان، نه هجان ها! ان ڳالهه ۾ ڪو وڌاءُ نه آهي ته منهنجي ڏاڏي هڪ مڙس ماڻهو، ٻي ڊپي ۽ دلير عورت هئي.

**ف/ش:** لڳي ٿو ته اوهان پنهنجي پياري ڏاڏي جي باري ۾ ڪجهه وڌيڪ چوڻ گهرو پيا؟

**هاشم شورو:** جي ها بلڪل آئون هن سڄاڻ ، سگهڙ ۽ روشن خيال عورت جي باري ۾ ڪجهه وڌيڪ ٻڌائڻ گهران ٿو. منهنجي ڏاڏي مون کي جنون جي حد تائين پيائيندي هئي، پيار ڪندي هئي. منهنجو هر انگل پورو ڪندي هئي. مون کي ڪڏهن به ناراض نه ڪيائين. پاڻ ناليري مشهور دائي هئي. عورتن کي ويم ڪرائڻ ۽ دائپي جي حوالي سان سن شهر تائين سندس وجڻ ٿيندو هو. پاڻ سنڌ جي

قومپرست سياست جي باني سائين جي ايم سيد جي خانداني دائي Family Midwife هئي. هڪ ڀيرو ڪنهن سيد جي گهر ۾ پٽ ڄڻايائين ته سيد سڳوري کيس پٽ ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ هڪ ڀلي ڳئون ڏني. پاڻ اڻ پڙهيل ٿي ڪري مون کي دل لڳائي پڙهايائين. دلير به ڏاڍي هوندي هئي. مون تي ته اصل ساهه ڇڏيندي هئي. شل نه مون تي ڪو آڱر کڻي وڃهي، سڌو ٽاٽي تائين هلي ويندي هئي. مان سندس صفتن ۽ خوبين جو اوهان سان ڇا ڇا ذڪر ڪريان. هڪ افسوس مون کي عمر ڀر تائين ڪاريهر بنجي ڏنگيندو رهندو جو مون وٽ سندس ڦوٽو نه آهي. مون به ته ڪڏهن سوچيو ئي نه هو ته ايترو جلدي مون کان منهنجي ڏاڏي جدا ٿيندي.

**ف/ش:** اوهان پرائمري تعليم، سيڪنڊري، هاير سيڪنڊري ۽ اعليٰ تعليم ڪٿان حاصل ڪئي؟

**هاشم شورو:** ادا مون پرائمري تعليم نانگو لائين اسڪول مان، مئٽرڪ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڪوٽڙي مان، انٽر سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان ۽ ڊبل ايم اي (ايم اي سوشيالوجي+ ايم اي سنڌي) سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪيم.

**ف/ش:** ادا هاشم اوهان جي ڪن استادن ۽ همڪلاسي دوستن جا نالا ٻڌائيندا؟

**هاشم شورو:** ادا فهيم مون کي استاد تمام بهترين ۽ شفيق مربي مليا. جن ۾ استاد محمد قاسم سمون، سائين عبدالستار انصاري کان سواءِ پي ٽي وي جو بهترين پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر سائين محمد بخش سميجو سائين غلام علي رند، سائين امير علي قادري، سائين خالد ۽ ٻيا استاد ٿي تعليم جي زيور سان سينگاريائون. جيڪي منهنجا همڪلاسي دوڙي رهيا انهن ۾ ڄڳ مشهور مزاحيه فنڪار قادر بخش مِٺو غلام رسول، حميد دُراني، گلشير پٽي، دوست محمد پٽي، ۽ انهن کان سواءِ ٻيا به ڪافي دوڙي ۽ همڪلاسي رهيا ڪن جا نالا في الحال ياد به نه اٿم. ڪي ته ويچارا الله کي پيارا به ٿي ويا.





**ف/ش:** ادا هاشم اوهان جي ننڍپڻ جو ڪو واقعو جيڪو اڄ به اوهان کي وسريو نه هجي؟

**هاشم شورو:** ماڻهوءَ جي زندگي ۾ ڪافي اهڙا واقعا ٿيندا آهن جيڪي زندگي ڀر حافظي تي حاوي رهندا آهن پوءِ اهي واقعا ڀلي ڪٿي ننڍپڻ جا ڇو نه هجن. منهنجي ننڍپڻ جو ئي هڪ اهڙو واقعو آهي جيڪو اڄ به ياد اٿم. واقعو هن ريت آهي ته هڪ ڀيري دير سان رات جو گهر آيس. ڊپ ۾ لڪندي لڪندي ته من ڪير مون کي ڏسي دير سان اچڻ جو سبب نه پڇي ۽ مار نه ڏي. انهي ڊپ مان آئون هنڌن (بسترن) جي لاءِ ٺهيل پيهي تي، بنا ڪنهن کي ٻڌائڻ جي سمهي پيس. صبح جو منهنجي ڏاڏي ڏٺو ته آئون نه آيو آهيان. هوءَ ويچاري ڏاڍي پريشان ٿي وئي ته خدا خير ڪري بابو خبر ناهي ڪيڏانهن ويو؟ انهي پريشاني جي عالم ۾ هو منهنجي دوست عالم سومري جي گهر وئي ۽ کيس چيائين ته "ڪيئن به ڪري منهنجو پوٽو مون کي پيدا ڪري ڏي، تو ئي ڪٿي گم ڪري کيس لڪايو آهي." هن ويچاري کي ته ڪا ڳل ئي ڪانه هئي. هو انڪار ڪندو رهيو ته مون کي سندس باري ۾ ڪا خبر ڪانهي. پر منهنجي ڏاڏي مڃڻ کان صاف انڪار ڪندي کيس چوندي رهي ته منهنجو بابو تو وٽ ئي آهي. آئون وڃان ٿي پوليس اسٽيشن توکي ٻڌرايان ٿي. منهنجي دوست ويچاري عالم کي سندس گهروارن به انهي ڳالهه تي خوب ڦيهه ڪيو. آخر ڪار اهو دوست مون کي جڳهه جڳهه ڳوليندي ڳوليندي ٿڪجي پيو. جڏهن منهنجي گهر آيا ته آئون گهر خير خوبي سان با سلامات وينو هئس. اهو واقعو منهنجي ننڍپڻ جو تاريخي واقعو آهي جيڪو اڄ به مون کي ياد آهي.

**ف/ش:** سائين اوهان جي مذهبي تعليم ڪيتري آهي؟

**هاشم شورو:** ادا منهنجي مذهبي تعليم واجبي آهي. اسان جي پرواري واري مسجد ۾ سائين محمد قاسم شاهه کان قرآن شريف ناظره جي تعليم ورتيم جيڪا گهڻو وقت نه هلي سگهي ڇو ته سگهو ئي سائين محمد قاسم شاهه گذاري ويو ۽ راهه رباني ورتائين. پوءِ ڪافي عرصي تائين اسان جي مسجد ۾ ڪو به مولوي نه آيو.

اهڙي ريت منهنجي مذهبي تعليم نالي ماتر رهجي وئي. الحمد لله نماز پوري ايندي آهي ۽ مذهب اسلام جي باري ۾ به ڪافي ڄاڻ آهي.

**ف/ش:** ادا هاشم اوهان زندگي ۾ ڪهڙين شخصيتن کان متاثر ٿيا؟

**هاشم شورو:** ادا فهيم! تعليم ۾ آئون سائين شاهجهان کان متاثر آهيان. ادبي حوالي سان ڪافي شخصيتن جهڙوڪ ڪهاڻي ۾ علي بابا، امر جليل، سراج، خير النساءَ جعفري ۽ ٻيا به ڪافي آهن. سياست ۾ آئون سائين جي ايم سيد کان متاثر آهيان. شاعريءَ ۾ لالڻ لال لطيف، شيخ اياز، اياز گل، استاد بخاري ۽ ٻين کان متاثر آهيان.

**ف/ش:** جڏهن اوهان هوش سنڀاليو ان وقت جي ملڪي سياسي، سماجي، ادبي صورتحال ڪهڙي هئي؟

**هاشم شورو:** جي ها ادا منهنجي جڏهن 1973ع ۾ ايريگيشن کاتي ۾ تقرري ٿي. اتي هڪ ادبي ذهن جو ماڻهو رحيم خان جرس جوکيو سب انجنيئر هو. هن مون کي ڪجهه ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا جيڪي مون پڙهيا. پوءِ ته اسان تي ائين سمجهيو ڪٽي ڪتابن جو رس چڙهي ويو. هر نئين ڪتاب جي ڳولا ۾ مختلف بُڪ اسٽالن جا چڪر ڪاٽڻ اسان جو پارٽ جاب بڻجي ويو. تنهن وقت ملڪي صورتحال جي حوالي سان عرض ڪندو هلان ته ذوالفقار ڀٽي جي حڪومت هئي. هن سنڌي ڪتابن تي پابندي لڳائي ڇڏي هئي جيڪا مون سميت هر ادبي ۽ روشن خيال ماڻهو کي بري لڳي. اڳتي هلي اها پابندي ڪافي دير تائين نه هلي سگهي ۽ ختم ٿي وئي. بهر حال ان وقت سنڌي ادب جي هر صنف تي بهترين لکيو ويندو هو. ادبي رهاڻيون ۽ ڪڏجاڻيون تقريبن هر واهڻ وستي، ڳوٺ شهر ۾ ٿينديون رهنديون هيون. اسان جو به تنهن وقت ۾ ڪوٽڙي ۽ ڀروارن علائقن ۾ سنڌي ادبي سنگت ۾ شوق سان وڃڻ ٿيندو هو.





**ف/ش:** ادا هاشم ڳالهه نڪتي سنڌي ادبي سنگت جي، اوهان سنڌي ادبي سنگت ۾ باقائده ڪڏهن شموليت ڪئي ۽ وقت بوقت اوهان کي سنڌي ادبي سنگت ۾ عهديدار رهڻ جو موقعو مليو يا نه؟

**هاشم شورو:** ادا آئون سنڌي ادبي سنگت ۾ باقاعده 1976ع ڌاري شامل ٿيس. ڪوٽڙي ۾ دوستن (عالم سومرو، الطاف صديقي، منير سومرو ۽ مشتاق عباسي) جي ساٿ سان شاهه 76_1975ع ڌاري لطيف لائبريري جو انعقاد ڪيم. مذڪوره لائبريري جو پهريون لائيبريري انچارج مون کي ڪيو ويو. ٿورڙي ٽائيم انهي لائبريري جي شهرت ايتري ته پکڙجي وئي جو اسان وٽ سنڌي ادب جو مشهور شاعر استاد بخاري به قرب جا قدم ڀري آيو. استاد بخاري کان سواءِ علي بابا، اسير ملاح، عبدالڪريم بلوچ، گل ملاح، اياز عالم ابڙو طارق عالم ابڙو ۽ ٻيا نالي وارا ليکڪ، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار وقت بوقت ايندا رهيا. ياد رهي ته اتي ئي اسان ادب دوستن سنڌي ادبي سنگت جي شاخ کولي جنهن جو پهريون سيڪريٽري به آئون ئي ٿيس. آئون سنڌي ادبي سنگت ڪوٽڙي جو ٻه ڀيرا سيڪريٽري رهي چڪو آهيان.

**ف/ش:** شاهه لطيف لائبريري جي باري ۾ ڪجهه وڌيڪ ٻڌائيندا؟

**هاشم شورو:** اسان دوستن ميونسپل کان لائبريري جي لاءِ ڇهه اخبارون منظور ڪرايون. جيڪي پڙهندڙن جي لاءِ لائبريري ۾ رکيون وين. فرنيچر ورتو ويو ڪتابن لاءِ در در تي وڃڻ ٿيو. سنڌ يونيورسٽي ۾ مختلف اديبن، ليکڪن سان ملاقاتون ٿيون. ادب سان چاهه هئڻ ڪري سنڌي ادب ۾ ايم اي ڪيم. شاهه لطيف يونيورسٽي ۾ تقريبن هزار کن ڪتاب گڏ ڪياسين. لائبريري ۾ هر موضوع شاعري، افسانوي، ڪهاڻي، فلسفي، تاريخ، ناول تي ڪتاب موجود هئا.

**ف/ش:** ادا هاشم هاڻي اوهان جي زندگي جي حسين ترين باب عشق و جواني تي اوهان سان ڳالهه ٻولهه ڪندي مون کي مشهور فارسي ڪتاب گلستان سعدي جو پنجون باب ياد اچي ويو آهي جنهن جو به عنوان ”باب پنجم در عشق و جواني“ (پنجون باب عشق ۽ جواني جي باري ۾) آهي. اوهان سان انهي موضوع تي ڳالهه

ائيندي مون کي پنهنجي طالب علمي جو اهو دور سامهون اچي ويو آهي جنهن ۾ اسان مذڪوره باب پڙهندي مست و مگن ٿي ويندا هئاسين. . . خير اسان پنهنجي سوال جواب جي سلسلي کي اڳتي وڌائينداسين. جي ها! ته ادا هاشم اوهان زندگي جي انهي حصي يعني جواني کي ڪيئن محسوس ڪيو؟

**هاشم شورو:** اوهان جي جذبات کي ڏسي ڪري منهنجي دل ته چوي ٿي ته پهرين اوهان جي حياتي کي ڏسڻ گهرجي ها. پر جيئن ته سوال مون کان آهي ته ٺيڪ آهي. فهيم جاني! ڪڏهن ائين پلا ٿيو آهي جو ڪو وڻ هجي ۽ ان کي واءُ نه لڳو هجي. جي وڻ هوندو ته ڪيس واءُ ضرور لڳو هوندو. جيڪڏهن واءُ نه لڳو هوندو ته پوءِ اهو وڻ ٿي ڪونه هوندو. اهڙي ريت زندگي جي انهي حسين لمحي کي به خوب انجواءِ ڪيوسين جنهن ۾ ڪنهن کي خاص الخاص محسوس ڪيو ويندو آهي.

**ف/ش:** اوهان جي نظر ۾ عشق ڪهڙي احساس جو نالو آهي سندس انتها آهي يا نه؟

**هاشم شورو:** پيار جهڙي حسين احساس جو نالو عشق آهي جنهن جي ابتدا ته آهي پر سندس انتها جو ڇيهه ٿي ڪونهي يا ائين ڪٿي چئجي ته سندس انتها آهي ٿي ڪونه.

**سالم شورو:** واهه سائين واهه پيار جو ٽاپڪ آهي چا؟

**هاشم شورو:** بلڪل تنهنجو پسنديده موضوع آهي.

**سالم شورو:** پوءِ آئون به ڪجهه اکر چوندس. نه سائين منهنجو نه بلڪ ادا فهيم جو پسنديده موضوع آهي.

**هاشم شورو:** خير عشق ته هر پياري ماڻهو جو پسنديده موضوع آهي پوءِ اوهان هجو يا فهيم يا ڪو بيو.

**ف/ش:** ادا هاشم عشق ۾ وصال چا کي چئبو آهي ۽ وصالِ حبيب جي چا اهميت آهي؟

**هاشم شورو:** پيارا عشق ۾ وصال جي وڏي اهميت آهي چاڪاڻ ته وصال معشوق ۽ عشق سان متصل آهي. عشق لاءِ وصالِ حبيب ائين آهي جيئن رُڪي





مانيءَ لاءِ بوڙ ضروري هوندي آهي. ياد رکڻ گهرجي ته ميلاپ عشق لاءِ زهر قاتل آهي ۽ وصل ۽ وڇوڙو عشق کي دوام بخشي ٿو.

**ف/ش:** ادا اوهان مختصر لفظن ۾ وصالِ حبيب ۽ عشق جي باري ۾ تمام سٺو ٻڌايو. پلا پهرئين دور جي عاشق ۽ موجوده دور جي عاشق جي جيڪڏهن ڀيٽ ڪجي ته؟

**هاشم شورو:** جي ها جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته پهرئين دور ۽ موجوده دور جي عشق ۽ عاشق ۾ وڏو فرق آهي . پهرئين دور ۾ عاشق جي اندر محبوب جي لاءِ هڪ بي مثال تڙپ هوندي هئي. سندس ذهن تي هر وقت پنهنجي محبوب جي وصال جي تڙپ رهندي هئي. اها تڙپ بغير ڪنهن مطلب ۽ نفس پرستي جي هوندي هئي. پر موجوده دور جي عاشق کي جيڪڏهن ڏسجي ٿو ته سندس عشق ۽ محبت ۾ ڪو نه ڪو مطلب ضرور هوندو. بغير مطلب جي اڄ ڪوبه عشق جي ميدان ۾ نٿو ڪُڏي. ايتري قدر جو عشق جهڙي پاڪيزه جذبات ۾ اڄ نفس پرستي ۽ حوس پرستي به ڪاهي پئي آهي. زندگي ۾ عشق ڪافي بار ڪيو ويندو آهي. جيئن عمومن چيو ويندو آهي ته هي منهنجو پهريون عشق هي بيو اهڙي طرح عشق ڪافي بار ٿيندو رهندو آهي.

**ف/ش:** سائين اوهان پهرئين دور ۽ موجوده دور جي عاشقن جي ڀيٽا تمام بهتر انداز ۾ ڪئي پر آئون اوهان سان انهي ڳالهه ۾ بلڪل سهمت نه آهيان ته اوهان جي بقول عشق ڪافي بار ٿيندو آهي. منهنجو چوڻ اهو آهي ته زندگي ۾ عشق صرف هڪ ڀيرو ٿيندو آهي پر محبت ۽ پيار بار بار ٿي سگهي ٿو ۽ اها ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته محبت جو مقام عشق کان گهٽ آهي. عشق جو مقام مٿانهون آهي.

**هاشم شورو:** بلڪل آئون اوهان سان انهي ڳالهه ۾ اتفاق رکان ٿو ته عشق صرف هڪ ڀيرو ٿيندو آهي ۽ محبت بار بار ۽ عشق جو جهڙي ريت مقام مٿانهون آهي اهڙي طرح عشق جو مان به مٿانهون آهي. پر سچ اهو آهي ته اسان عشق ڪيو ٿي ڪونهي اسان ته اڃا صرف محبت ۾ ٿي من مستيون ڪريون.

**ف/ش:** ادا هاشم اوهان کي پهريون لنئون ڪيئن لڳو۽ ان وقت اوهان جا ڇا احساسات Feelings هئا؟

**هاشم شورو:** ادا پهريون لنئون ننڍي هوندي پاڙي جي هڪڙي ڇوڪريءَ سان لڳو. پر جيئن ته اها ننڍپڻ جي ڳالهه آهي جنهن ۾ ڪنهن به احساس جي ڪا ڳالهه نه پوندي آهي. باقي 1975ع ۾ باقاعده محبت ٿي. محبت وري اهڙي ٿي جو بس پئي انتها درجي تائين هڪ ٻئي کي چاهيندا هئاسين. محبت جي فيلنگس ۽ احساسات کي لفظن سان ادا نٿو ڪري سگهجي بس ڪنهن سان محبت ٿيڻ سان ئي سڀ ڪجهه محسوس ٿي ويندو آهي ته محبت جا احساسات ڇا درجو رکن ٿا.

**سالم شورو:** ادا هاشم اوهان کان ۽ ادا فهيم کان منهنجو سوال آهي ته عشق ۽ پيار ڇا آهي؟

**هاشم شورو:** ادا سالم انهي ڳالهه تي پهرين به ڳالهه ٻولهه ٿي آهي ته عشق جو درجو محبت کان مٿانهون آهي. عشق صرف هڪ پيرو ٿيندو آهي ۽ پيار بار بار ڪنهن سان به ٿي سگهي ٿو. پيار ۾ حاصلات ممڪن آهي پر عشق ۾ حاصلات جو سوچڻ به پاپ سمجهيو ويندو آهي.

**سالم شورو:** بهترين ادا هاشم. پاءُ فهيم اوهان ڪجهه ٻڌايو انهي باري ۾؟

**فهيم فدا شورو:** ادا سالم پهرين ڳالهه ته اسان ادا هاشم سان ئي شام ملهائي رهيا آهيون مون کي سونهي ڪونه ٿو جو آئون ادا هاشم کان پڇيل ڪنهن سوال جي جواب ڏيڻ ۾ ساٿس شرڪت ڪريان. پر اوهان جي گهڻو اصرار ڪريو ٿا ته پاءُ ادا هاشم اوهان کي تمام سٺو جواب ڏنو آهي. اها حقيقت آهي ته محبت ۽ پيار بار بار ٿيندو رهندو آهي پر عشق جي مسند تي صرف هڪڙي ئي معشوق کي ويهاري جلوه افروز ڪري سندس پوڄا ڪئي ويندي آهي. پوءِ ڪُسڻ، مرڻ ۽ پڇڻ سڀ ڪجهه انهي هڪڙي ئي معشوق تان هوندو آهي. انهي معشوق کان سواءِ ٻي ڪنهن جو اهو شان نه هوندو آهي ته اها جاءِ وٺي سگهي. منهنجي ننڍڙي علم مطابق عشق جا ٻه درجا آهن هڪ حقيقي عشق ۽ ٻيو مجازي عشق. حقيقي عشق





پنهنجي حقيقي مالڪ الله رب العزت سان ٻانهي کي ٿيندو آهي ۽ مجازي عشق خدا پاڪ کان سواءِ ڪنهن ٻي سان به ٿي سگهي ٿو. مجازي عشق کي اصل حقيقي عشق پهچڻ تائين هڪ ڏاڪي جي حيثيت حاصل آهي يا ائين ڪٿي چئجي ته مجازي عشق حقيقي عشق ڏانهن ويندڙ هڪ راهه آهي جتي هلي انسان حقيقي عشق تائين پهچي ٿو. اهڙي طرح مجازي عشق جا وري به درجا هوندا آهن هڪ عقلي عشق ٻيو طبعي عشق. عقلي عشق ۾ انسان بي وس نه هوندو آهي. عقلي عشق هي آهي ته خدا پاڪ، دين اسلام، نبي پاڪ سان ڪيو وڃي. جيئن قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي ته ترجمو: ”اوهان ايستائين پوري طرح سان مومن نٿا ٿي سگهو جيستائين محمد رسول الله اوهان کي سڀني کان وڌيڪ پيارو ۽ محبوب نه هجي.“ طبعي عشق ۾ انسان جو ڪوبه وس يا اختيار نه هلندو آهي. هو بيوس ۽ لاچار هوندو آهي. جيئن حديث ۾ اچي ٿو ته نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ”اي الله! مون پنهنجي سڀني گهر وارين سان برابر جو حق ادا ڪيو آهي . پر دلي معاملي ۾ آئون بي وس آهيان منهنجي دل ٻين گهر وارين جي مقابلي ۾ عائشہ ڏانهن وڌيڪ مائل آهي. انهي ڳالهه ۾ آئون مجبور آهيان“

**سالم شورو:** واهه ادا فهيم زبردست اوهان ته عشق جو فلسفو واضع طور بيان ڪري ڏيکاريو. هاڻي ته يقين ٿي ويو ته اصل عاشق ته آهيو ئي اوهان. جو صرف عشق جي باري ۾ هيتري معلومات ۽ فلسفي کان واقف آهيو. واهه واهه

**هاشم شورو:** جي فهيم عشق کي تمام سٺي انداز۾ جامع معلومات سان بيان ڪيو.

**ف/ش:** مهربانيون ادا هاشم ۽ پاءُ سالم قرب اوهان جا. ادا هاشم اوهان کان هڪ سوال: ڇا جنهن سان پيار ڪجي ان سان شادي (ميلاپ) ڪجي ؟

**هاشم شورو:** آئون انهي خيال جو آهيان ۽ منهنجي نظر ۾ هر روشن خيال ۽ سٺي سوچ رکندڙ به اهو ئي چوندو ته جنهن سان پيار ڪجي ان سان شادي يعني ميلاپ نه ڪجي. سنڌي ادب جي مشهور ڪهاڻيڪار ۽ نامياري ليکڪ امر جليل هڪ هنڌ لکيو آهي ته جنهن سان پيار ڪجي ان سان شادي نه ڪيو چاهڻ ته

ميلاپ (شادي) محبت کي ڪاري ڪلر جيان تباهه ڪريو ڇڏي. تنهن ڪري جنهن سان پيار ڪريو ان سان شادي نه ڪريو ته جيئن محبت جو وڻ وچوڙي ۾ وڌي.

**ف/ش:** سائين هاشم صاحب! اوهان شايد شاعري جي شروعات به عشق جون منزلون طئي ڪندي ڪئي هوندي؟

**هاشم شورو:** جي ها ڪجهه اتساهه اهو به هو ۽ پيو ته سنڌي ادبي سنگت ۾ اچڻ ڪري ۽ ادب سان لڳاءُ جي ڪري شاعري جي شروعات ٿي پئي.

**ف/ش:** محبوب سان گهاريل گهڙيون ڪيئن محسوس ڪريو ٿا؟

**هاشم شورو:** پنهنجي محبوب سان گهاريل گهڙيون منهنجي زندگي جو اهو سرمايو آهن جن کي آئون مرڻ گهڙيءَ تائين، تا دمِ زيست ساهه سان سانڍي رکندس.

**ف/ش:** زندگي جي ڪنهن موڙ تي محبوب سائين سان ملاقات ٿي ته اوهان کي ڇا محسوس ٿيو؟

**هاشم شورو:** تقريبن 25 سالن کان پوءِ ساڻس ملاقات ٿي هئي. محبوب سان گذاريل ڏينهڙا فهيم وسريا ئي نه آهن ڇوته ساربو ان کي آهي جنهن کي وساربو ئي نه آهي.

**ف/ش:** محبوب سان پنجويهه سالن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ ملاقات ؟؟؟ اُف ايترو ٿائيم محبوب کان سواءِ گذري ويو. سائين اوهان کي تنهائي ۽ اڪيلائي ته محسوس ٿي هوندي؟

**هاشم شورو:** ها فهيم محبوب کان سواءِ گهاريل هڪڙو پل به ڏاڍو ڏُکائي ٿو، ڏاڍو ڏُکيو گذري ٿو. اوهان اندازو لڳايو محبوب کان سواءِ منهنجي حسين زندگيءَ جا پنجويهه سال ڪيئن گذريا هوندا؟ اوهان سوچي به نٿا سگهو ته اهو وڏو وڇهنڙ وقت ڪيئن لنگهي ويو. ان ايتري وقت ۾ اڪيلائي ۽ تنهائي جو ڪاريهر مون کي پل پل ڏنگيندو رهيو. پر يار وقت ڏاڍو ظالم آهي، آهستي آهستي زخم پرجي ويندا آهن. اڳتي هلي منهنجي شادي به ٿي وئي ۽ غمِ جانان کان غمِ دوران جي چڪر ۾ پئجي وياسين.





**ف/ش:** ادا هاشم هاڻي ايندا سين علم و ادب جي موضوع تي. سنڌي ادب ۾ اوهان ڪڏهن پير پاتو؟

**هاشم شورو:** انهي سوال جو جواب آئون پهرين به ڏيئي چڪو آهيان. پر وري هتي ورجايان ٿو. 1973ع ڌاري مون کي ايريگيشن ۾ ملازمت ملي وئي. اتي هڪ سب انجنئير رحيم خان جوکيو جي اندر ۾ آئون ڪم ڪندو هئس. هڪ پيري صاحب جو پٽيوالو مون وٽ آيو ۽ چيائين ته اوهان کي صاحب سڏي رهيو آهي. پهرين ته پريشان ٿي ويس ۽ عجيب سوچون اينديون رهيون. سوچيم ته شايد ڪا غلطي ٿي وئي آهي جو صاحب ڪاڙجي گهرايو آهي. آخرڪار خوف ۽ ڊپ جي ڪيفيت ۾ آئون صاحب جي آفيس ۾ ويس ته دعا سلام کان پوءِ صاحب پڇيو اوهان جي تعليم ڪيتري آهي؟ چيو مانس ميٽرڪ. وراڻيائين ته مون وٽ هتي آفيس ۾ ڪم ڪندين. ٻڌي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ يڪدم ها ڪيم. اهڙي طرح منهنجي ڊيوٽي هاڻي آفيس ۾ مقرر ٿي. اهڙي طرح سان ساڻس ويجهڙائي ٿي. صاحب پاڻ به علم و ادب طرف مائل هو. هن مون کي سنڌي ادب کان روشناس ڪيو ۽ مون کي پڙهڻ لاءِ ڪجهه ڪتاب ڏنائين اهڙي ريت مون کي ادب جو شوق پيدا ٿيو ۽ مون سنڌي ادب ۾ پير پاتو.

**ف/ش:** سنڌي ادب ۾ اوهان سڀ کان پهرين نثر تي لکڻ شروع ڪيو يا نظم تي؟

**هاشم شورو:** سنڌي ادب جي نثر واري پاڱي ۾ مون سڀ کان پهرين ڪهاڻي صنف کي پسند ڪيو ۽ ڪهاڻي لکڻ شروع ڪيم. منهنجي لکيل ڪهاڻين جو تعداد ڏهه کن آهي.

**ف/ش:** اوهان ڪهاڻي کان سوءِ ادب ۾ ٻيو ڪهڙي ڪهڙي صنف تي طبع آزمائي ڪئي؟

**هاشم شورو:** ڪهاڻي کان سواءِ مون ڊرامو لکيو. ان کان پوءِ غزل، بيت، ٽيڙُو، آزاد نظم وغيره به لکيم. نثر ۾ ڪجهه مقالا ۽ مضمون به لکيم. مون مشهور مصور کتري (جنهن شاهه لطيف جي بيتن کي تصويري رنگ ڏنو هو.) ان جي مرتيي تي

مون هڪ مضمون لکيو جيڪوان وقت جي مشهور سنڌي اخبار هلال پاڪستان ۽ اردو اخبار امن ۾ شايع ٿيو هو.

**ف/ش:** اوهان پهريون ”ٽيڙُو“ ڪهڙو لکيو؟

**هاشم شورو:** جي ها منهنجو پهريون ٽيڙُو هي هو.

انبن ٻـ جهليو آ پُور،
سوچي پئي سُهاڳڻ
ڪانڌ آهي چو ڏُور.

رابيل ڪئي آ دير،
ماڻس من وسوسا
الله ڪري خير.

ڪيجري پئي نچي،
وڏيري جي جوان زال
دل ۾ پئي پڇي.

ڪري هار سينگار،
بيٺي آهي در تي
ويچارن ۾ ويڙهيل نار.

**ف/ش:** هڪ پلوڙ شاعر جي حيثيت سان مشاعرن ۾ ڪٿي ڪٿي وڃڻ ٿيو؟

**هاشم شورو:** جي ها اسان پنهنجي لائبريري ۾ خود هر مهيني باقاعدگي سان مشاعرا ڪرائيندا هئاسين. جنهن ۾ ناميارا شاعر شريڪ ٿيندا هئا. ان ڪان سواءِ حيدرآباد، جامشورو، ٽنڊو جام، ڪراچي تائين مشاعرن ۾ وڃڻ ٿيو. جتي نالي وارن شاعرن تاجل بيوس، استاد بخاري، شمشير الحيدري، نصير مرزا، شهيد سومرو، اسير ملاح ۽ ٻين سان ملاقاتون بہ ٿيون.

**ف/ش:** علم وادب کان سواءِ ماضي ۾ اوهان جون ٻيون ڪهڙيون مصروفيتون رهيون؟





**هاشم شورو:** مون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ شايد 1976ع دوران آرٽسٽ جي حيثيت سان ٻہ-ٽي سال ڪم بہ ڪيم. پي ٽي وي تي اداڪاري ڪرڻ جو موقعو بہ مليو. ان ڪان علاوه مون اسٽيج تي1988ع ڌاري اداڪاريءَ جا جوهر بہ ڏيکاريا. اداڪاري دوران هيرو ۽ وِلين جي ڪردار ڪان سواءِ سپ ڪردار ادا ڪيم. ڊائريڪٽر ۽ هدايتڪار مختلف رهيا. انهن ۾ سائين هارون رند، محمد بخش سميجو اقبال سعيد انصاري جا نالا اجا بہ ياد اٿم.

**ف/ش:** زندگي ۾ ڪهڙين سماجي، فلاحي ۽ عام ڀلائي وارن ادارن ۾ رهي ڪري ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو؟

**هاشم شورو:** مون کي اهو چوندي فخر محسوس ٿئي ٿو تہ سنڌ جي وڏي ۾ وڏي نالي ۽ سماجي ورڪر محترم جناب خان محمد پنهور جي جماعت ڳوٺ سڌارڪ سنگت جي سينٽرل ڪاميٽي جو مون کي ميمبر ٿيڻ جو موقعو مليو. جنهن ۾ اسان رهي ڪري وڏي پئماني تي فلاحي ڪم ڪيا. پنهنجي علائقي ۾ بجلي جي نظام کي بهتر بنائڻ، ٽرانسفارمر لڳرائڻ، اسڪولن ۾ وڃي استادن جون حاضريون چيڪ ڪرڻ ۽ استادن جي حاضري کي يقيني بنائڻ اسان جا فلاحي ۽ عام ڀلائي وارا ڪم هئا. ان ڪان علاوه سنڌ گريجوئيٽ ايسوسي ايشن جي پليٽ فارم تان اکين جون مختلف ڪيمپون، شاگردن کي مفت ٽيوشن سينٽرن جي فراهمي لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪوششون ورتيوسين. سماجي، فلاحي ۽ ڀلائي وارن ادارن ۾ 1986ع تائين رهڻ ٿيو.ان کان پوءِ اسٽيٽ بينڪ ڪراچي ۾ ملازمت ملڻ جي ڪري ڪٽجي وياسين.

**ف/ش:** فيسبڪ تي شورا برادري جي نمائندگي ڪندڙ گروپ فيس آف شورو جو بنياد وجهڻ ۽ ان ۾ پنهنجي سرگرمين کي واڪو ڪندا.

**هاشم شورو:** جي ها فيس آف شورو گروپ فيسبڪ تي شورا برادري جي نمائندگي ڪندڙ واحد گروپ آهي. ۽ انهي ڳالهہ ۾ ڪو وڌاءُ نہ آهي تہ فيس آف شورو گروپ کي پنهنجي ئي شورا برادري مان اوهان جهڙا علم و ادب دوست

نوجوان ۽ ساٿي مليا جن جي اڻٿڪ ڪوشش سان آئون چئي سگهان ٿو ته هي گروپ ۾ پوري فيسبڪ تي هڪ مثالي گروپ آهي. هن گروپ جي بنياد وجهندڙ ڪاميٽي ۾ مون (هاشم شورو) کان سواءِ نجيب اقبال شورو حيدر علي شورو علي رضا شورو شامل هئا. هن گروپ جو نالو مون تجويز ڪيو. اڳتي هلي ڪري اوهان (فهيم فدا شورو) ۽ سالم شورو ۽ ٻين دوستن جي اچڻ جي ڪري هي گروپ ڏينهون ڏينهن ترقي طرف وڌڻ لڳو. مون کي اهو چوندي فخر محسوس ٿي رهيو آهي ته انٽرنيٽ تي شورا قبيلي بابت جامع معلومات اوهان کي هن گروپ جي پليٽ فارم تان ئي ملندي رهندي. هن گروپ ۾ منهنجي (هاشم شورو) ۽ اوهان (فهيم فدا شورو) جي اپلوڊ ڪيل مواد کي نمايان مقام حاصل آهي. ان کان سواءِ گروپ ۾ ادا نجيب اقبال شوري جي ڪوشش کي به ساراهيون ٿا. فيسبڪ تي شورا برادري جو جيڪو به فرد ايڪٽو آهي اهو هن گروپ جو ميمبر آهي. جڏهن ته گروپ جي ايڊمن ڪاميٽي چئن ڄڻن هر هڪ آئون (هاشم شورو)، فهيم فدا شورو، نجيب اقبال شورو ۽ هارون شورو تي مشتمل آهي. جڏهن ته سرگرم ميمبرن ۾ سالم شورو، علي شورو، پرويز شورو، احمد شورو، شهزاد شورو ۽ ٻيا موجود آهن. گروپ جي تاريخ جيڪڏهن ورجائجي ته هن گروپ جي نهڻ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين هن گروپ جي مٿان ڪئين لاها چاڙها آيا. ڪيترائي بهترين دوست ۽ ميمبر گروپ ڇڏي هليا ويا ۽ ڪجهه اڃا تائين باوجود ميمبر هجڻ جي به سرگرم نه آهن. جن دوستن ڪافي ڪوشش ڪئي ته هن گروپ جو فيسبڪ تان وجود ئي ختم ڪيو وڃي پر وقت ثابت ڪيو ته اڄ انهن جو فيسبڪ تي نالو نيشان نه آهي. اسان هر وقت هن گروپ جي پليٽ فارم تان پنهنجي قبيلي جي لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهياسين ۽ رهيا آهيون. گروپ ۾ جيڪو به مواد هينئر اپلوڊ ٿئي ٿو اهو معياري ۽ بهترين آهي. اسان اوهان سميت سمورن ساٿين کي گروپ جي ترقي لاءِ ڪوششون وٺڻ تي سلام پيش ڪريان ٿو. اوهان اسان جي لاءِ وڏي وٿ آهيو ۽ اميد ته رهندا. ياد رهي ته گروپ کي سرگرم بنائڻ جي لاءِ وقت بوقت مون وٽ ڪوٽڙي ۾، حيدرآباد ۾ ادا





نجيب اقبال شوري وٽ ۽ مسڻ وڏي ٽنڊو الهيار ۾ اوهان وٽ ميٽنگون ٿيون جن ۾ گروپ کي ترقي وٺرائڻ جي لاءِ پاڻ پتوڙڻ تي نه صرف غور ويچار ڪيو ويو پر گڏوگڏ عملي اقدامات به کنيا ويا.

**ف/ش:** سائين هاشم صاحب اوهان تمام مفصل نموني گروپ جي باري ۾ ٻڌايو. اميد ته پڙهندڙ کي وڌ ۾ وڌ گروپ جي باري ۾ معلومات ملي هوندي. اسان جو ايندڙ سوال اوهان جي ازدواجي زندگيءَ جي باري ۾ آهي.

**هاشم شورو:** ادا منهنجي شادي پنهنجي رشتيداري کان هٽي ڪري پنهور خاندان ۾ 1981ع ڌاري ٿي. جنهن مان هڪ پٽ سارنگ شورو 2008ع ڌاري ڪينسر جهڙي موذي مرض وگهي نوجواني جي عمر تقريبن 22 سالن ۾ گذاري ويو. جنهن جي وڇڻ جو صدمو هر وقت جيءُ جهوريندو رهندو آهي. ان کان علاوه ڇهن ٻارن (ٻن پٽن هر هڪ رابيل ۽ هالار شورو ۽ چئن نياڻين) جو اولاد آهي. وڏو پٽ رابيل شورو هڪ نجي (پرائيويٽ) بينڪ ۾ ملازم آهي ۽ ننڍو پٽ هالار تازو انٽر پاس ڪئي آهي. في الحال شام اخبار ۾ نوڪري ڪندو آهي.

**ف/ش:** سائين هاڻي اوهان کان انٽرويو جو تمام اهم ۽ انتهائي نازڪ سوال : ”پنهنجي زندگيءَ مان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟ يا ائين کڻي چئجي ته ڇا اوهان پنهنجي مطمئن زندگي گذاري؟“

**هاشم شورو:** (اوهان پنهنجي زندگي مان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟ سوال جو جواب ڏيڻ کان پهرين ادا هاشم هڪ اردو شعر پڙهي ٿو تنهن بعد سوال جو جواب ڏئي ٿو.)

جو لطفِ زندگي پايا هي مين ني فقر و فاقہ مين،
تصور اس کا هو سڪتا نهين هي ڪَج ڪُلاهون مين.

(نوٽ: ڪَج ڪُلاه فارسي لفظ آهن جنهن جي معنيٰ آهي پيشاني تي فخر ۽ وڏائي سان رکيل ڏنگي ٽوپي. ڪَج: ڏِنگي. ڪُلاه: ٽوپي (ڪُلاه واحد آهي) . ترجمو از: فهيم فدا شورو)

**ها فهيم!** هاڻي اوهان جي پڇيل سوال جو جواب ڏيندو هلان ته، نه ادا آئون پنهنجي زندگي مان بلڪل مطمئن نه آهيان. ڇوته پنهنجي زندگي ۾ مون جيڪو ڪجهه ڪرڻ چاهيو پئي افسوس ته اهو غريب گهراڻي سان تعلق هئڻ جي ڪري نه ٿي سگهيو. ٻيو ته ادا مون چاهيو ٿي ته سموري زندگي سنڌي ادب جي نانءُ ڪري ڇڏيان.پر جيئن ته مون پهرين ذڪر ڪيو ته منهنجو تعلق انتهائي غريب گهراڻي سان هو انهي ڪري پنهنجي پيٽ گذر ۾ پنهنجي زندگي پوري ڪري پنهنجي من جي آس به پوري نه ڪري سگهيس ته سنڌي ادب کي پنهنجي سموري زندگي ارپي ڇڏيان. ننڍي هوندي ڪان وٺي هيستائين ۽ مزدوريءَ ڪان وٺي آفيسريءَ تائين منهنجي زندگي مسلسل جدوجهد جو اڻ کٽ سلسلو رهي. مون تي ايترا ته بار پئجي ويا جو پنهنجي خواهش کي عملي جامو به نه پارائي سگهيس.

**ف/ش:** دوستن ۽ شورا برادري جي لاءِ ڪو پيغام ڏيڻ چاهيندا؟

**هاشم شورو:** سڀني دوستن سميت سموري سنڌ جي شورا برادري کي سنڌن اختلافات وساري هڪ ٻئي جي لاءِ ڍال بنجي ڪجهه ڪرڻ لاءِ نماڻو عرض هڪ بار نه بار بار ڪندو رهندس. اهو ئي منهنجو پيغام آهي. خاص ڪري شورا هائوس جي وڏڙن کي به عرض ڪندو هلان ته اوهان معاشري ۽ سماج ۾ اثر رکندڙ شخصيتون آهيو. مهرباني ڪري حاجي محمد صديق شوري وانگر پنهنجي قبيلي جي ايڪتا، ٻڌي ۽ يڪجهتي لاءِ ڪجهه ڪريو. اوهان وٽ پليٽ فارم آهي. اوهان وري آل سنڌ شورا تنظيم کي هڪ ڀيرو ٻيهر فعال ڪريو. اسان جون سموريون نيڪ خواهشات اوهان سان گڏ آهن. جنهن وقت به اوهان جو سڏ ٿيو لبيڪ چئي حاضر ٿينداسين.

آئون پڻ وجهان هٿڙا، آئين پڻ وجهو رڇ،
سنڌي ڳُن ڪڙڇ، من هون سلامت سُپرين.
(شاهه)

[هڪ تاريخي آنلائين انٽرويو جنهن ۾ ادا هاشم جي زندگي جا حسين لمحا قلمبند ڪيم]





# شخصيتون

1. عبدالڪريم بلوچ
2. لڇمڻ ڪومل
3. گل محمد کتري
4. اياز عالم ابڙو



شخصيت

# عبدالڪريم بلوچ

عبدالڪريم بلوچ (مرحوم) ڪي مرحوم لکندي الائي ڇو منهنجو قلم اهو تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي تہ عبدالڪريم بلوچ صاحب اسان کان وڇڙي ويو آهي . اسين ڪوٽڙيءَ وارا خوش قسمت آهيون جو اسان وٽ علم ادب ۽ عرفان جا خزانہ آهن جن ۾ سائين عبدالڪريم بلوچ،عبدالطيف ساقي، عبدالله ڏي بلوچ، علي بابا، هارون رند، چاچا غلام رسول بلوچ، ملڪ سڪندر، اسير ملاح، شهيد سومرو محمد بخش سومرو قادربخش منو ۽ ٻيا انيڪ ماڻڪ موتي لعل ڪوٽڙيءَ ۾ پيدا ٿيا ، جن پنهنجي ڪوٽڙيءَ جي ماڻهن جي بي لوث خدمت ڪئي عزت ۽ نالو ڪمايو.

عبدالڪريم بلوچ جا وڏا بلوچستان جي علائقي ٻاگناڙيءَ کان لڏي ڪوٽڙيءَ ۾ پنهنجو ڳوٺ يوسف بلوچ اڏي اچي آباد ٿيا.۽ عبدالڪريم بلوچ صاحب 1938 ۾ ڪراچي جي بغداديءَ ۾ پيدا ٿيو.

عبدالڪريم بلوچ هڪ باڪردار ۽ انتهائي شريف النفس شخصيت جو مالڪ هو، پنج وقت نمازي هو، سنو ڊرامہ نگار ۽ ڪهاڻيڪار هو، بلوچ صاحب سنڌي ساز چنگ ڏاڍي مهارت سان وڄائيندو هو .بلوچ صاحب جي هڪڙي ڳالهہ جيڪا مونکي ڏاڍي وڻندي هئي اها تہ پاڻ ڪٿي بہ هجن پر عيد ڪوٽڙيءَ ۾ ضرور ڪندا هئا ۽ پنهنجي ننڍي هوندي جي دوستن سان عيد ملڻ پاڻ هنن جي گهر ويندا هئا، اها انهن جي وڏي خوبي هوندي هئي.

عبدالڪريم بلوچ جو وڏو ڀاءُ عبداللطيف ساقي، جيڪو پاڪستان جي فلم انڊسٽريءَ جو معتبر نالو هو، هن جي ڪريڊٽ تي تمام گهڻيون پاڪستاني فلمون آهن، هن هڪ هاليوڊ جي تنهن وقت جي مشهور فلم ڀاواني جنڪشن ۾ بہ ڪم





ڪيو هئو. عبدالڪريم بلوچ شيردل هاءِ اسڪول ڪوٽڙيءَ مان مئٽرڪ ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ماسترس ڪئي. 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. جهونن کي ياد هوندو تہ ريڊيوتي هڪ مشهور پروگرام هوندو هو جنهن کي پوري سنڌ وڏي شوق ۽ ذوق سان ٻڌندي هئي ۽ اهو پروگرام آهي "فتح خان جي ڪچهري" ان ۾ ريڊيو جو ليجيند فنڪار صداڪار سائين صالح محمد شاه مرحوم فتح خان جو ڪردار ادا ڪندو هو ۽ سائين عبدالڪريم بلوچ ڳنور خان جو ڪردار ڪندا هئا . ريڊيو تي ڊراما بہ ڪندا هئا . ٻارن جي مشهور پروگرام "ٻارن جي ٻاري " پروگرام ۾ ما ما ملوڪ جو ڪردار ڪندا هئا . ان ۾ ٻارن کي آکاڻي ٻڌائيندا هئا ۽ جانورن جا آواز بہ ڪڍندا هئا.۽ پوءِ کين ريڊيو تي ئي پروڊيوسر جي نوڪري ملي ، جنهن ۾ پاڻ ڪافي نالوءِ عزت ڪمائي. 1966ع ۾ بلوچ صاحب پي ٽي ويءَ تي پروڊيوسر اپائينٽ ٿيا. هي پي ٽي ويءَ جو اوائلي دور هو ۽ سنڌي پروگرام هفتي ۾ صرف اڌ ڪلاڪ هلندو هو ۽ غير سنڌي پروڊيوسر ۽ فنڪار هوندا هئا جيڪي اچار صحيح ڪڍي نہ سگهندا هئا ، بلوچ صاحب پي ٽي ويءَ تي اچڻ سان پاڻ سان گڏ ريڊيو جا سنڌي فنڪار ڳولهي ڳولهي وٺي آيو ۽ انهن کان سنڌي پروگرام ڪرايائين . جيئن سليمان شاه، علڻ فقير، نور محمد لاشاري، شفيع محمد شاهہ، انور سولنگي، گلاب چانديو ۽ ٻيا ڪافي فنڪار متعارف ڪرايائين ، اڄ جيترا بہ سنڌي فنڪار توهان ڏسو ٿا سي سڀ بلوچ صاحب جا متعارف ڪرايل آهن .

اهڙيءَ طرح بلوچ صاحب پي ٽي ويءَ تي سنڌي ماڻهن کي تمام گهڻيون ملازمتون ڏنيون جيڪي اڄ بہ بلوچ صاحب کي دعائون ڏين ٿا . هارون رند پي ٽي ويءَ تي سنڌي ڊرامي جو هڪ وڏو نالو آهي، جيڪو سندن ڀاڻيجو هو ، جنهن علي بابا جو بين القوامي شهريت حاصل ڪندڙ ڊرامو (دنگيءَ منجهہ دريا) جنهن کي جرمنيءَ ۾ عالمي شهريت ملي ۽ پوري دنيا ۾ ٽيو نمبر وڏو ايوارڊ ماڻيو ۽ هن جي ڪريڊٽ تي ڪافي بهترين ڊراما آهن پر هارون سان زندگي وفا ڪانہ ڪئي . اهڙيءَ

طرح ڪوٽڙيءَ جو هڪ ٻيو نالو نظير چنا کي بہ پاڻ اڳيان آنداؤن. سنڌي ٻوليءَ جو سرموڙ ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار علي بابا کي بہ سائين بلوچ صاحب پي ٽي ويءَ لاءِ لکرايو ۽ اهڙا تہ شاهڪار ڊراما لکيا آهن جو وسرن ئي نٿا . اسانجي ڪوٽڙيءَ جي سنڌي ادبي سنگت جي سابق سيڪريٽري نوجوان شاعر ڪهاڻيڪار ۽ بهترين ڊراما نگار اختر رند کي بہ پي ٽي ويءَ تي متعارف ڪرايو ۽ سندن تربيت بہ ڪئي ، جنهن جو اعتراف اختر هر ڪچهريءَ ۾ ڪندو رهندو آهي .

هڪ دفعي بلوچ صاحب شاه لطيف لائبروريءَ ۾ آيو ( جنهن جو مان انچارج هئس) ۽ لائبريري ڪولڻ تي اسانجي ڏاڍي تعريف ڪئي ۽ حوصلہ افزائي ڪئي . مون سائينءَ کي موقعي مان فائدو ڪٽندي چيو سائين مان پي ٽي ويءَ تي پروڊيوسر ٿيڻ چاهيان ٿو. پاڻ پڇيائون "ڪيترو پڙهيل آهين"

چيم "سائين ايم اي سنڌي ادب ۾ آهيان " چيائون ، " زبردست توهان وٽ اخبارون اينديون آهن. باقائيدگيءَ سان ڏسندا رهجو جيئين ئي اسسٽنٽ پروڊيوسر جي ايڊ اچي اپلائي ڪري مونکي اطلاع ضرور ڪجو ۽ ٻين دوستن کي بہ ٻڌائجو جيڪي ماسترز آهن ." ڪجهہ ڏينهن بعد اخبار ۾ اسسٽنٽ پروڊيوسر جون جايون آيون مون اپلائي ڪري ڇڏيو ۽ سائينءَ بہ نياپو موڪليو تہ پي ٽي ويءَ ۾ اسسٽنٽ پروڊيوسر جون جايون آيون آهن اپلائي ڪري ڇڏيو. وري ڪجهہ ڏينهن ۾ رٽن ٽيسٽ لاءِ وڃڻ ٿيو . هڪ ڏينهن پهرين مان سائينءَ سان سندن آفيس ۾ مليس ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ڪجهہ ٽپس ڏنائون. ٻئي ڏينهن ٽيسٽ تي پاڻ آيا ۽ مون وٽ اچي چيائين جيڪو نہ اچي مونکان پڇي وٺ ۽ ڪجهہ اهم شيون ٻڌائي هليا ويا. مان ٽيسٽ ۾ ڪامياب ٿيس ، وري انٽرويو جي ڪال آئي ويس ۽ بلوچ صاحب سان مليس چيائين صحيح صحيح جواب ڏجان هيڊ ڪوارٽر مان مينيجنگ ڊائريڪٽر آيل آهي اهو انٽرويو ڪندو. انٽرويو ٿيو مان ڏاڍو پر اميد هئس ، مونکي فيل ڪري ڇڏيائون ۽ دادوءَ مان هڪ ٻيو سليڪٽ ٿي ويو ، پوءِ خبر پئي تہ تنهن وقت جي منسٽر ظفرالله جماليءَ جي سفارش تي همراه ضلع دادوءَ جي سيٽ تي کڄي ويو. خير





جيڪو ٿيو سو خوب ٿيو، ان تي مونکي ڏک ناهي ، پر مونکي ان ڳالهہ جي خوشي ۽ فخر آهي تہ بلوچ صاحب پوري سچائيءَ سان منهنجي مدد ڪئي.

گهڻن ماڻهن کي شايد اها خبر نہ هجي تہ پي ٽي ويءَ جو جڳ مشهور پروگرام جيڪو اڄ بہ جاري آهي " نيلام گهر" عبدالڪريم بلوچ جو آئيڊيو هو . پاڻ هڪ دفعي ڪچهري ڪندي چيائين تہ صدر ڪراچيءَ ۾ گهمندي مونکي ماڻهن جو هڪ ميڙ نظر آيو ، ويجهو وڃي ڏٺم تہ هڪ ماڻهو ٽيپ، واچون ، ريڊيا، ڪئميرائون ۽ ٻيون شيون نيلام ڪري رهيو هيو منهنجي ذهن ۾ آيو تہ اسين بہ ڪو اهڙو پروگرام ڪريون جنهن ۾ ماڻهو سوالن جي جواب عيوض اهڙيون شيون گهر کڻي وڃن. مون اهو آئيڊيو هيڊڪوارٽر ۾ ڊسڪس ڪيو، هنن چيو آئيڊيو تہ بهترين آهي پر شيون پي ٽي وي ڪون ڏئي سگهندي. ان جو ذمو مون کنيو ۽ ڪراچيءَ جي واپارين سان ميٽنگ ڪئي هنن کي سمجهايو تہ توهين هونئن بہ اشتهار تہ ڏيو ٿا انهن جا پئسا بہ ڏيو ٿا هي بہ هڪ اسپانسر شپ آهي توهان کي هن ۾ وڌو فائدو آهي توهان جي وڌي سيل ٿيندي. واپارين کي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي ۽ انهن ها ڪئي . هاڻي ٻيو مرحلو هو ڪمپيئر جو جيڪو اسان انٽرويو ڪرايا ڪافي ماڻهن انهن ۾ حصو ورتو پر مان ڪنهن مان مطئمن نہ ٿيس. تن ڏينهن طارق عزيز ڪراچي آيل هو پي ٽي ويءَ تي آيو هو. مونسان ملاقات ٿيس تہ مون هن کي نيلام گهر جي ميزبان لاءِ چيو جنهن منهنجي آئيڊيا ٻڌي ۽ تيار ٿي ويو ۽ اهڙي طرح نيلام گهر پي ٽي ويءَ کي ڪروڙن روپين جو فائدو ڏنو ۽ طارق عزيز بلوچ صاحب جي دريافت آهي .

عبدالڪريم بلوچ جي دوستيءَ جو حلقو تمام وسيع هو جنهن ۾ گهڻو ڪري ادبي شخصيتون هونديون هيون. هنن جي ٻيٺڪ گهڻو ڪري ايلفي اسٽريٽ هاڻي جي (زيب النسااسٽريٽ ) تي حميد ڪاشميري جي بڪ اسٽال تي يا ايلفي هوٽل تي جن ۾ پير حسام الدين راشدي، امر جليل، قمر شهباز، شمشيرالحيدري، اقبال جتوئي، نظير چنا سان گڏ ڪچهريون ٿينديون هئن ، ڪڏهن ڪڏهن عبيدالله عليم ۽ جون ايليا ۽ ٻيا اردوءَ جا اديب بہ ايندا هئا ۽ اتي ادبي ڪچهريءَ کان سواءِ ڊرامہ

جون ڪهاڻيون ۽ انهن ڊرامن جا مشهور ڪردار به ايندا هئا. بلوچ صاحب غريبن ۽ اميرن جو مشترڪ دوست هو. بلوچ صاحب جا جتني مرد حضرات دوست هوندا هئا ۽ اتي عورتون به دوست هونديون هيون جن ۾ سلطانه صديقي، مهتاب اڪبر راشدي، ميڪ اپ آرٽسٽ ليليٰ رضا، حسينه معين، منيزه بصير شامل هيون ۽ پي ٽي ويءَ مان قاسم جلالي، حيدرامام رضوي، ڪنور آفتاب، بيدل مسرور وغيره ۽ ٻيا .

عبدالڪريم بلوچ صاحب پي ٽي ويءَ تي1966ع ۾ پروڊيوسر ٿيو۽ ترقي ڪري 1973 ۾ پروگرام مئنيجر ٿيو۽ پوءِ جنرل مئنيجر جي عهدي تي ترقي ورتائون ۽ پوءِ اسلام آباد هيڊ ڪوارٽر ۾ ترقي ڪري ڊائريڪٽر پروگرامس جهڙي وڏي عهدي تان 1999ع تي ريٽائر ڪيائون۽ 2007 ۾ تنهن وقت جي صدر جنرل پرويزمشرف بيسٽ پرفارمنس جو ايوارڊ ڏنو.هيڏن وڏن عهدن تان ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ به هن وٽ ڪجهه به نه هو. پاڻ باڪردار انسان هئا صاف هٿن سان ويا ۽ صاف هٿن سان عزت سان ريٽائرڊ ٿيا. ريٽائرمينٽ کان پوءِ ڳوٺ جي عوام جي بي حد اصرار تي يو سي نانگولائين 2 تي ناظم چونڊيا . پر جلدي ئي هنن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿي ويو ڪوئلن جي دلاليءَ ۾ هنن پنهنجا هٿ ڪارا ڪرڻ نٿي چاهيا ۽ اتان به استعفيٰ ڏئي ڇڏي ۽ 07 آگسٽ 2008 ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا.







**شخصيت**

# هند ۽ سنڌ جو ناليوارو ليکڪ لڇمڻ ڪومل

اڄ صبح جو سائين اياز عالم ابڙي ميسيج تي اطلاع ڏنو ته ناليوارو ليکڪ لڇمڻ ڪومل لاڏاڻو ڪري ويو آهي. مونکان چرڪ نڪري ويو ۽ يادن جا اڻ کٽ سلسلا شروع ٿي ويا.

لڇمڻ ڪومل سان پهرين ملاقات جا ساروڻا چتا ٿي ويا. 80ع جي ڏهائيءَ جي ڳالهه آهي ته آفيس ۾ وينو هئس ته فون جي گهنٽي وڳي. صاحب فون کنئين ۽ مونکي سڏي چيو

"شورو صاحب توهانجو فون".

مون فون کنيو

"اسلام عليڪم چيو".

"وعليڪم سلام. هاشم ڪٿي آهين ؟"

ٻئي پاسي تي ادي خيرالنساءَ جعفري هئي .

" ادي آئون آفيس ۾ آهيان. حڪم؟"

" شام جو گهر اچي سگهين ٿو؟"

" جي ادي بلڪل . ڪيڏي مهل اچڻو آ؟ "

" شام جو ڇهين بجي. مون وٽ هند جو وڏو ليکڪ لڇمڻ ڪومل آيل آهي. انديا کان. اچ ته توکي ملايان"

"جي ادي مان بلڪل ٽائم تي پهچي ويندس." رسيور رکڻ وارو هئس ته " ٻڌ هاشم" "جي ادي".

"هاشم هڪ سٺي رلي بہ ڪپي، مون تنهنجي گهر تنهنجي اميءَ جون ٺاهيل رليون ڏٺيون آهن انهن مان هڪ ڪپي؟"

" ٺيڪ آهي ادي ڪٺي ايندس ."

شام جو گهر ويس امان کي چيم پنهنجي گهر ۾ ڪا پلي رلي هجي تہ مونکي ڏي

" ڇو ابا؟" امان پڇيو.

" امان سوڪڙي ڏيڻي آهي. "

" پر ابا اهي رليون تہ مون تنهنجي شاديءَ لاءِ وڏي سڪ ۽ اڪير مان ٺاهيون آهن." امان حسرت سان چيو.

"امان انڊيا مان هڪ وڏو ليکڪ آيو آهي، ادي خيرالنساءَ وٽ ترسيل آهي، ان کي سوڪڙي ڏيڻي آهي، تون وري ٻي رلي ٺاهي وٺجان ." امان اٿي هڪ بهترين رلي ڪڍي ڏني.

مان اها رلي کڻي ادي خيرالنساءَ جعفريءَ جي گهر پهتس ، اتي ڪافي ناليوارا اديب ويٺل هئا، جنهن ۾ نصير مرزا، طارق عالم ابڙو ، اياز عالم ابڙو طارق اشرف ۽ ٻيا اديب ويٺا هئا.

ادي خيرالنساءَ جعفريءَ منهنجو تعارف لڇمڻ ڪومل سان ڪرائيندي چيو. "هي هاشم شورو آهي ، اپرنڌ ليکڪ ۽ شاعر ، اڄ توهان لاءِ رليءَ جو تحفو کڻي آيو آهي "

لڇمڻ ڪومل مونکان رلي ورتي ۽ ويجهو ٿي مونکي وڏي گرمجوشيءَ سان ڀاڪر پاتو ۽ ڳل تي چمي ڏني. جيڪا منهنجي زندگيءَ جي يادگار چمين مان آهي.

موڪلائڻ مهل مون کيس آٽوگراف لاءِ عرض ڪيو پاڻ آٽو گراف ڏنو ۽ پنهنجي ٽائيمس آف انڊيا جي ايڊريس بہ لکي ڏني جيڪو اڄ بہ منهنجي ساه سان سانڍيل آهن. پر افسوس آئون سائين لڇمڻ جا خط سانڍي نہ سگهيس، جنهنجو سڄي زندگي افسوس رهندو.

ڪجهہ ئي ڏينهن کان پوءِ مونکي لڇمڻ ڪومل جو خط مليو جنهن ۾ منهنجي رليءَ جي تمام گهڻي تعريف ٿيل هئي . " هاشم! آئون ۽ گوپي (سنڌن گهر واري)





جڏهن چت تي تنهنجي سوڪڙي رلي مٿان ڪندا آهيون تہ مونکي سنڌ ۾ پنهنجي موجودگي محسوس ڪرائيندي آهي." ۽ پوءِ اسان جا خط و ڪتابت شروع ٿي ويئي. ڪڏهن هو مونکان ڪو ڪتاب گهرائيندو هو ۽ ڪڏهن مونکي موڪلي ڏيندو هو.

81ع ۾ جڏهن منهنجي شادي ٿي تہ مونکي مبارڪن سان گڏ لکيو هئائين تہ هاشم پنهنجي ڪنوار کي هني مون لاءِ هتي وٺي اچ آئون ۽ گوپي تنهنجا ميزبان هونداسين.

ان وقت منهنجا ايترا وسيلا ڪونہ هئا جو مان پنهنجي ڪنوار کي انڊيا وٺي وڃان. وقت جي لاهن چاڙهن ۾ خط وڪتابت بہ آهستي آهستي بند ٿي ويئي.

اڄ سنڌس وڇوڙي جيءَ جهوري ڇڏيو.



**شخصيت**

# گل محمد کتريءَ جي ياد ۾

اسين سنڌي ڪيترا نه مرده پرست آهيون. جيئري ته ڪنهن فنڪار جو قدر نه ڪندا آهيون. باقي مرڻ کان پوءِ هاءِ گهوڙا واويلا ۽ منهن مٿا پٽي، تعزيتي گڏجاڻيون ڪوٺائي پاڻ تان بار لاهي ڇڏيندا آهيون.

کتري اسانجي عظيم شاعر لطيف سائينءَ جي شاعريءَ کي تصويري روپ ڏئي شاه جي شعرن ۽ پاڻ کي امر بڻائي ويو. هن پنهنجو رت ست ڏئي تخليقي دنيا تي اڻمٽ ڇٽ ڇٽيا، ان جي عيوض اسان هن کي ڇا ڏنو ؟ غربت، ڏکي بيماري، تنگدستي ۽ زماني جي بيقدري.

کتري اعليٰ صلاحيتن هوندي به همت افزائي نه ٿيڻ ڪري سخت مايوس هو پريشان هو. آخر هن ڪوڙي سماج سان گڏ ڪيترو هلي ٿي سگهيو. تڪجي پيو هونئن به هيءَ دنيا دارالفنا آهي هر ڪنهن کي هلڻو آهي، هن کي به وڃڻو هو سو هليو ويو.

مرحوم گل محمد کتري 1921ع تي ڪراچيءَ ۾ جائو ۽ ننڍپڻ کان هن کي چترڪاريءَ جو شوق هوندو هو سو تڏهوڪي برک چترڪار ”چرن جيت سنگهه ويرديءَ“ جو شاگرد ٿيو. 1942ع ۾ هن پنهنجو ڪمرشل اسٽوڊيو ڪوليو جتي هو بورڊ لکڻ، ڊزائينون ۽ ڪتابن جا ٽائيٽل ناهڻ جو ڪم ڪندو هو. جتان ڪيس چڱي اپت هوندي هئي، پر هن زنده دل شخص جي تخليقي ۽ تخيلي حس سجاڳ ٿي ۽ هن فائن آرٽ ڏي رخ ڪيو.

سنڌس چترڪاريءَ جو باقاعدي آغاز تڏهن ٿيو جڏهن 1982ع ۾ هن شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي مصوريءَ ۾ پيش ڪرڻ شروع ڪيو. لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جو هي ڀرپور ترجمان هو.





کتري پنهنجو مشاهداتي مشن 1959ع ۾ شروع ڪيو. هن پاڪستان جي هر ڳوٺ هر واهڻ ۾ زندگيءَ جي سموري رخن کي نهايت ويجهڙائيءَ ۽ گهرائيءَ سان ڏٺو. انکان پوءِ هن محنت مشقت ڪري 500 کن تصويرون بليڪ ۽ وائيٽ ۾ ٺاهيون، سندس تصويرن جون ملڪ ۾ ڪيترين ئي نمائشون ٿي چڪيون آهن ۽ ڪيترائي انعام، ڪپ، ٽرافيون، ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ کٽي چڪو آهي.

کتري معاشري جي انهن ماڻهن مان هو جن جي زميواري معاشري ڪڏهن ڪانه ڪئي. هن ڏکن سکن سان پاڻ سنواري هڪ فنڪار جو احساس پيدا ڪيو اها پي ڳالهه ته هن جي انهيءَ آرزوءَ کي ڪڏهن به پورو نه ڪيو ويو ته هو پي زبان جي فنڪارن جيان ڪجهه سهولتون ماڻي ها، يا آرٽ گئلريون قائم ڪري ها. پر هو انهيءَ کان محروم رهيو هن گهٽيون دانهون ڪيون پنهنجو حق گهرياڻين پر وريو ڪجهه به نه. ڪيس نهايت بيدرديءَ سان نظرانداز ڪيو ويو پنهنجن به ڪيس لفٽ نه ڏني، گهرجائو ڪائنس ڪيترين ئي تصويرون نمائش لاءِ وٺي ويندا هئا خبر ناهي ته ڪيترن تي هن جا پئسا رهيل هوندا.

کتريءَ کي آخري وقت ۾ ڪيس زندگيءَ بجاءِ انهن 500 تصويرن جو فڪر هو جيڪي لياريءَ ۾ سندس جهوپڙيءَ ۾ پيل هيون. هن کي فڪر هو ته برسات ۾ خراب نه ٿي وڃن. ڪيس ڪنهن دوست صلاح ڏني ته اهي تصويرون ڪنهن آرٽ گئلري، ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز يا آرٽ ڪائونسل کي وڪڻي ڇڏ. ان مان تو کي چار ڏوڪڙ به ملي پوندا. انهيءَ تجويز تي بيماريءَ جي ماريل ۽ حالتن جي ستايل کتريءَ ڪلي ڇيو ”اسانجي آرٽ وارن ادارن جي ته پوري خبر اٿوّ. ۽ مان پنهنجو پاڻ کي آرٽ وڪڻندڙن وٽ نه وڪڻندس.“

مرحوم گل محمد کتري هڪ سٺو چترڪار هئڻ سان گڏ هڪ سٺو انسان به هو هو خوش مزاج، مٺو ڳالهائو نرم مزاج ۽ شريف انسان هو دوستن جو سٺو دوست هو سيني جو يار هو. دل جو صاف نيت جو سچو هو.

بي وسيءَ جو هي عالم هو تہ ڪيترن ادارن ڪائنس تصويرون ورتيون هيون تن جا پئسا هن جي بيماريءَ جي وقت بہ نہ ڏنا جڏهن ڪيس سخت ضرورت هئي. اهوئي صلو آهي جيڪي اسين پنهنجي فنڪارن کي ڏيندا آهيون.

هن جا سمورا خواب پورا نہ ٿيا ، پر هو اهڙو بہ اياڻو ڪونہ هو جو زندگيءَ جي سمورن عذابن جي پيڙا مٿس نازل ڪئي وڃي ، هو تہ سڌو سنئون فنڪار هو جنهن حياتيءَ جا ڪجھ پهر پنهنجي برش ۽ اسٽروڪ سان گهارڻ ٿي چاهيا. انهيءَ جي لائق بہ نہ هو.

هو ڪنهن سهاري جي تلاش ۾ اکيون ٽمڪائيندي دم ٽوڙي ڇڏي . ڪاش اسين مرده پرستي ڇڏي پنهنجن کي جيئري سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريون.

**بي وسيءَ جو موت ۾ ڪتري**







**شخصيت**

# اياز عالم ابڙو

سنڌي ادبي سنگت ڪوٽڙي پاران جڏهن مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ناٽڪ نويس اياز عالم ابڙي سان شام ملهائڻ جو پروگرام رٿيو ويو تہ دوستن چيو تہ تون بہ اياز عالم تي لک، هاڻ سائين ڏيو منهن. هاشم شورو ٿو اياز عالم ابڙي تي لکي.

ڪنهن تي لکڻ بہ جڻ قرض چڪائڻ آ. شايد آئون اياز جو قرض چڪائي نہ سگهان. قرض جيڪڏهن يڪمشت ادا نہ ڪيو ويندو آهي تہ قرض جو قسطون ٻڌبيون آهن ۽ اسان بہ جيڪڏهن اياز جو قرض يڪمشت ادا نہ ڪيو تہ قسطن ۾ ئي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. همٿ ڪري بہ اکر لکيا اٿم، مڙئي ٿيو آڱر ڪپائي شهيدن ۾ نالو لکرائڻو.

اياز سان پهرين ملاقات جا ساروڻا چٽا اٿم، اياز علي بابا سان ڊاڪٽر نواز قمر عباسيءَ جي ڪلينڪ تي آيو ( اياز دوا هرگز هرگز وٺڻ نہ آيو هئو پر علي بابا سان سندس گهر ويندي ڪجھ دير لاءِ ترسي پيو. اسين ادب دوست شام جو ڊاڪٽر نواز قمر عباسيءَ جي ڪلينڪ تي ويهندا آهيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن علي بابا بہ اچي نڪرندو هو) مونکي زوار نقوي ڪجھ ڪتاب ڏنا تہ وڪڻي ڏي سو ڪجھ وڪيا ڪجھ مون وٽ پيا هئا جيڪو هڪ ڪتاب علي بابا کي پرزينٽ ڪيو ۽ هڪ اياز کي ، ”سائين نالو ڇا لکان؟ مون اياز کان سوال ڪيو ، ”اياز عالم ابڙو“ ”ڇا؟“ اياز سمجھ تہ مون نالو صحيح طرح نہ ٻڌو آهي سو ڏاڍيان چيائين ”اياز عالم ابڙو“. مون اياز لاءِ پنهنجي ذهن ۾ جيڪا تصوير جوڙي هئي سا هرگز هن اياز جهڙي نہ هئي . منهنجي ذهن ۾ اياز جي شبيهہ مرحوم نسيم کرل جهڙي ڳري ليکڪ جهڙي هئي ، پر هيءُ تہ سنهڙو سيپڪڙو ۽ جيتامڙو اياز اهڙيون ڏئوس ڪهاڻيون ۽ ناٽڪ ٿو لکي، عجب آهي.

ايازجي شخصيت تي پيڻ ثميره زرين جو گهڻو اثر ٿو پائنجي، آئون اها نصيحت هيٺ تحرير ٿو ڪريان جيڪا نئون نياپو جي آگسٽ ۽ سيپٽمبر 1977ع جي پرچي ۾ هئي.

اياز........!

تون جيڪو پاڻ کي مٽيءَ جو ذرو ٿو سمجهين (يا دنيا توکي محسوس ڪرايو آهي ته تون فقط ذرو آهين)

ڪير ڄاڻي ڪائنات جي ڏٽيءَ هيءَ دنيا تولاءِ جوڙي هجي . ها فقط تولاءِ ۽ تنهنجي وجود جو ذرو قوت ۾ اينٽم جهڙو هجي!

ڳالهه ته رڳو پاڻ کي قبول ڪرڻ جي آهي.

تون پنهنجي هستي پاڻ وٽ ته مڃ اول ...... پوءِ ڏس دنيا ڪيئين نٽي توکي قبول ڪري، فخر سان ۽ سربلنديءَ سان.

زندگي هڪ وار ملندي آ. انڪري ئي بيحد مهانگي به، انکي ملهه وارو بنائڻ تنهنجو پنهنجو ڪم آهي ۽ يقينن تون انکي بڻائيندي، اها منهنجي آس آهي ، ننڍڙا پاءُ اها منهنجي آس..............

ثميره زرين
1977_02_02ع

ڪيڏي نه سچائيءَ سان لکيل اهي چند سٽون ، اڄ اياز پاڻ کي دنيا اڳيان مڃائي چڪو آهي انهيءَ جو ثبوت اهو آهي ته ايازجي اپيل تي هند ۽ سنڌ ۾ هن سال کي سنڌي ناٽڪ سال ڪري پيو ملهايو وڃي ، پيڻ ثميره جو روح ڪيترو نه خوش هوندو، ڪاش هن وقت پيڻ ثميره اسان سان هتي موجود هجي ها .

اياز مونکي چو گهٽ ڳالهه ائو اديب لڳندو آهي، ( شايد ٻين کي نه لڳو هجي ) نه ته اديب ۽ گهٽ ڳالهه ائو ڪوڙو ئي نٿو لڳي، پلا هاٽي علي بابا کي ئي ڪٽي ڏسو آهي سنهڙو سيپڪڙو پر ڳالهه ائڻ ۾ ڪير پڄندس، سوال ئي پئدا نٿو ٿئي . هي مونکي پهريون اديب مليو جيڪو گهٽ ڳالهه ائو آهي.





ايازڪهاڻي ، چترڪاري، شاعري ، فوٽو گرافي ۽ ناٽڪ نويسيءَ ۾ ورهايل آهي ، انهن پنجن فيلڊن ۾ ايازجو چڱو چوکو حصو آهي.

اياز سنڌي ناٽڪ جي تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي ، پاڻ سنڌي ناٽڪ تي ڇهه سئو 600 صفحن تي ٿيسيز لکي اٿس، جنهن جو تت هلال پاڪستان اخبار ۾ هليو هئو جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو اياز ٿيسيز تي وڏي محنت ڪئي آهي.

اياز ٽي ويءَ (پي ٽي وي) تي تمام سٺا سٺا ناٽڪ تحرير ڪيا آهن جنهن ۾ ٻه ٽي وي ناٽڪ " ذات جي ڏيهه ۾" ۽ "اسڪائي ليب" ڏاڍا مشهور ٿيا . "ذات جي ڏيهه ۾" جيڪو ٽي ويءَ تان ڪيئي دفعا ٽيليڪاسٽ ٿيو آهي. هن ناٽڪ ۾ ايازسيني ناٽڪ نويسن کان اتر لهڻي، هن ناٽڪ ۾ هن سنڌ جي اديبن جي ابتر حالت ڏيکاري آهي . " ذات جي ڏيهه ۾" جتي ارشد جهڙا ابن الوقت ايڊيٽر ۽ پبلشر آهن اتي ساگر لطيف جهڙا هارڊ اسٽيل جهڙا اڏول به آهن، جيڪي ٽٽي ته سگهن ٿا، پر جهڪي نٿا سگهن، سڄي زندگي ۽ وطن واسين کي سونپڻ جي باوجود به ڪلاڪار کي اجوري ۾ پيٽ پري ماني به نٿي پلئه پوي. سندس ڪهاڻيون ۽ ناول سندس اولاد جي نگهداشت نٿيون ڪري سگهن، هڪ حساس ڪلاڪار اها ڪڙي حقيقت محسوس ڪري پڇي پري پوي ٿو.

ناٽڪ " ذات جي ڏيهه ۾" هڪ هنڌ لطيف ساگر جو پٽ پيءَ کي چوي ٿو ته "آئون شاعر ٿيندس" تڏهن ساگر پٽ کي ڳراٽڙي پائي چوي ٿو " تون شاعر نه ٿيندين پٽ ، مون کي ڏس.! ....... مان ڪهاڻيڪار آهيان نه، پنهنجي ملڪ جو ڄاتل سڃاتل ڪهاڻيڪار، مونکي عظيم ڪهاڻيڪار چوندا آهن، پر هڪ ڪهاڻيڪار بڻجي مونکي ڇا مليو آهي؟ مون کان پڇي ڏنو اٿئي ........ ته شاعر يا ڪهاڻيڪار ٿيڻ لاءِ ڪيڏا نه اٽانگا پنڌ پيچرا ڪرڻا ٿا پون."

منهنجي به پهرين ڪهاڻي هڪ رسالي ۾ ڇپي هئي .... مان ڏاڍو خوش ٿيو هوس . پر هڪ ڪهاڻيڪار ٿي مان توهان لاءِ ڪجهه به نٿو ڪري سگهان، مان توکي ان اوڙاهه ۾ ڦٽي ڪرڻ نٿو چاهيان پٽ ...... ! جنهن ۾ مان خود سڙي ڪامي پڇري رهيو آهيان.

هي ڏس اکر اکر ووڙي ..... لفظ جوڙي مون ڪيتريون ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا آهن، هنن مان ڪيتريون ڪهاڻيون اڏوهيءَ جي بک ٿي...... منهنجي اندر جيان سڙي ڪاڄي ويون آهن. مان ملڪ جو ناميارو ڪهاڻيڪار ٿي به ڦرٽي ڪرسيءَ وارن ايڊيٽرن ۽ پبلشرن وٽ ٻوڙون پائيندو رهيو آهيان مان توکي ادب پڙهڻ کان نه روڪيندس پر....... هن صديءَ ۾ جيڪڏهن تون دنيا جي ٻين اديبن جو اثر قبول ڪري شاعر يا اديب بڻجين ، سو مان ٺيڪ نه ڏيندس .“

هڪ سنڌي اديب جي هن ڊرامي ۾ ڪيتري نه صحيح عڪاسي ڪئي ويئي آهي. اسانجي معاشري ۾ جيتري چور ڌاڙيل جي ويليو آهي سا هڪ اديب جي ايتري به ناهي. اياز معاشري جي هڙن ئي ڪردارن جي منهن تان ماسڪ لاهي انهن جا اصلي چهرا اسانکي ڏيکاريا آهن .

هر فنڪار حساس هوندو آهي، پر اياز مڙني کان سرس آهي . اياز رڳو اديب ڪونهي هڪ سٺو شاعر ، فوٽو گرافر ، اسٽيج ۽ ريڊيو فنڪار ناٽڪ نويس ۽ هڪ سٺو چترڪار پڻ آهي . اياز آرٽ جي هر فن کان واقف آهي.

سنڌس ڀائر به ڪنهن نه ڪنهن فن سان لاڳاپيل آهن، جيئين دارا ابڙو ، قيس ۽ منصور عالم ابڙو مڃيل چترڪار آهن. ساقي ابڙو سٺو اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي ءَ اداڪار آهي طارق عالم ابڙو سٺو ڪهاڻيڪار ناٽڪ نويس ۽ شاعر آهي ، طارق ڳائيندو به آهي، امداد، شيخ اياز ۽ ترقي پسند شاعرن کي طارق سٺو ڳائيندو آهي . مطلب ته ابڙو برادرن کي آرٽ جي ميدان ۾ خداداد صلاحيتون آهن . دعا آهي ته ابڙو برادران علم، ادب ۽ آرٽ جي دنيا ۾ سج جيان چمڪندا رهن بقول اردوءَ جي ته ڏن دوگني ۽ رات چوگني ترقي ڪن.





# ڪهاڻيون

1. مسيحا
2. پيلا گل پلاند ۾
3. وحشي جذبن جو موت
4. پرم پورا پورا
5. ماسي ڏني (ترجمو)



## ڪهاڻي

# مسيحا

مومل جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هن کي ٿوري دير پهرين ماءُ سان ٿيل ڳالهه ٻولهه پريشان ڪري ڇڏيو جنهن صاف صاف چيو هئس ”سرمد وارن کي چئي ڇڏ تہ تنهنجي سڱ لاءِ نہ اچن . پٺهين کي ڏاڍي ڪاوڙ آهي سرمد تي .“

” پر امان!“ مومل احتجاج ڪيو.

” پر ہر ڪجهہ بہ نہ. اڄ جڏهن مون ڳالهہ ڪئي تہ پاڙي وارا سرمد جي سڱ لاءِ ٿا اچن. خبر اٿئي پٺهين ڇا چيو؟ سرمد جو نالو ٻڌي اکيون ڳاڙهيون ٿي ويس ۽ چوڻ لڳو اهو ٽرڙو ڇورو. ٽڪي جو ڪلارڪ. سمجهي ڇا ٿو پاڻ کي. هليو آهي منهنجي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ. خبردار جو هو منهنجي در تي مومل جي سڱ لاءِ آيا آهن. پنجون گريڊ ڇا مليو آهيس جڻ گورنري ملي هجيس. منهنجي ڌيءَ ڪائنس ڏهہ گريڊ مٿي آهي. منهنجي ڌيءَ لاءِ سنا سڱ ڪوڙ.“

”آخر امان. سرمد سان بابا جي ڪهڙي دشمني آهي ؟ هن کي چئي ڇڏ تہ مومل بہ سرمد کي پسند ٿي ڪري.“

”چري ٿي آهين ڇا ؟ آئون پٺهين کي چوان تہ مرڳوئي پاڻ ٻنهي کي ماري وجهي .“

”مونکي مرڻ قبول آهي پر پنهنجي پسند جي شاديءَ جي تہ مذهب بہ اجازت ٿو ڏي. پوءِ آخر اسان سان هيءُ انياءُ ڇو؟ ”مومل اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

”بس ڪر منهنجي ڌيءَ پلا ٻڌاءِ آئون ڇا ٿي ڪري سگهان. منهنجي پلا هن گهر ۾ ڪهڙي ٿي هلي. منهنجي پلا ڪهڙي مرضيءَ سان شادي ٿي هئي. مونکان ڪنهن پسند پڇي هئي. مردن سدائين پنهنجي مرضي هلائي آهي .“ ماءُ اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي چيو.





”پر امان تون هڪ ڳوناڻي ۽ علم کان وانجهيل عورت هئينءَ. آئون هن ڪمپيوٽر ايج جي پڙهيل لکيل ڇوڪري آهيان. هاءِ اسڪول ٽيچر آهيان. پنهنجو برو ڀلو پاڻ بهتر ڄاڻان ٿي .“

” اهو تہ ٺيڪ آهي ڌيءَ پر تون ڪو بہ اهڙو قدم نہ کڻندينءَ جنهن سان تنهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ جا ڪنڌ دنيا آڏو جهڪن. هو سدائين ڪنڌ مٿي ڪري هلڻ جا عادي آهن. ماڻهو چوندا تہ هيءُ هئس ماءُ جي پرورش. ڌيءَ سڄو الزام مونتي ايندو.“ ماءُ هٿ ٻڌندي چيو .

”امان .....امان هي تون ڇا ٿي ڪرين. اهڙي غلط خيال جومان سوچي بہ نٿي سگهان. نہ امان تون مونکي غلط نہ سمجهہ. تون بيفڪر ٿي وڃ. آئون تنهنجي ڌيءَ آهيان. توکي مون تي اعتماد هئڻ گهرجي.“ مومل ماءَ کي ڀاڪر پائيندي چيو .

”مونکي توتي ڀروسو آهي ڌيءَ. ڇڱو تون آرام ڪر رات گهڻي ٿي ويئي آهي صبح جو اسڪول بہ وڃڻو آهي. الله مڙئي چڱي ڪندو“. ماءَ ڪيس پيشانيءَ تي چمي ڏيندي ڪمري مان نڪري وئي .

ٿوري دير پهرين جي اها گفتگو ڪيس ڏنگي رهي هئي. اوچتو ڪيس ڪو خيال اچي ٿو. هوءَ ٿورو انهيءَ تي سوچي ٿي. سندس مک تي مرڪ پکڙجي وڃي ٿي ۽ سائڊ ليمپ وسائي سمهي رهي ٿي. ٻئي ڏينهن مومل سرمد سان ملي .

” ڇڱو ٿيو مومل تون اچي وئينءَ.“ سرمد مسڪرائيندي چيو

” ڇو ڪا خاص ڳالهہ آهي ڇا؟“

” ها بلڪل خاص . ٻڌنديئنءَ تہ بي اختيار ٽهڪ ڏاڍا ٽهڪ ڏينديئنءَ .“

” ڪلهڻ کان پهرين روئڻ جي تياري ڪر.“

” ڇو خير تہ آهي .“ سرمد مان ڏانهس نهاريو.

”نہ پهرين تون ٻڌاءِ تہ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جو آئون وڏا ٽهڪ ڏئي کلندس. يار واقعي ڪافي عرصو ٿيو آهي وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا ئي ناهن .“

"نہ مومل پهرين تون ٻڌائي تہ اهڙي ڪهڙي ڳالھ آهي، تون ڏيو اداس ۽ پريشان آهين."

"سرمد پهرين تون ٻڌاءِ تہ ڪلي وٺون ۽ وري آئون ٻڌائيندس تہ ٻئي گڏجي روئينداسين."

تہ پوءِ ٻڌ! آئون ورهين کان پوءِ ڪالھ جمعي نماز تي ويس، اهو سوچي تہ راڻو ريجهائي وٺان، سو تنهنجي پيءُ جي بلڪل پرسان بيهي نماز پڙهڻ لڳس، تو واري پيءُ جو مونکي پنهنجي پر ۾ ڏٺو تہ منهن خراب ٿي ويس ۽ اڌ نماز مان نڪري هليو ويو.." سرمد ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳو ۽ مومل جي چپن تي بہ مرڪ اچي وئي.

"يلا هاڻي تون ٻڌاءِ، ڪهڙي ڳالھ آهي بيچيني لڳي پئي آهي؟"

" روئڻ لاءِ تيار آهين؟" مومل مرڪندي چيو

" پليز مومل ايترو نہ ستاءِ." سرمد بيچينيءَ سان چيو.

"سرمد بابا سختيءَ سان سڱ لاءِ انڪار ڪري ڇڏيو آهي"، مومل اداسيءَ مان چيو

" آخر مون تنهنجي پيءُ جو ڪهڙو گناه ڪيو آهي، جو ڪٽي ايڏي دشمني وڌي اٿس."

" تو وڏو گناه ڪيو آهي سرمد، جو ڪلارڪ ٿي پيئين، جيڪڏهن هجين ها سي ايس پي آفيسر، انجينير يا ڪسٽم آفيسر تہ ڪا ڳالھ نہ هئي، پنهنجي شادي بہ ٿي وڃي ها ۽........"

"۽ ٻن ٽن ٻارن جا ماءُ پيءُ هجون ها،" سرمد وچ ۾ جملو ڪٽيندي چيو.

" هل بيشرما." مومل شرمائڻ لڳي.

"مومل پوءِ يارچا ڪريون."

"ڪنهن درگاه تي ملنگ ٿي وڃي دونهين دکائي ويهه الله الله ڪر" مومل کلندي چيو.

" مومل تون بہ ٿي منهنجي بيوسيءَ ۽ غربت تي چرچا ڪرين،" سرمد ڳنڀير ٿيندي چيو.

" منهنجي ذهن ۾ هڪ ترڪيب آهي، آزمائي ٿا ڏسون، ڪم ٿي ويو تہ ٺيڪ آهي نہ تہ جدائي پنهنجو مقدر آهي ئي." مومل اپاڻڪي ٿيندي چيو.





" ڪهڙي ترڪيب جلدي ٻڌائي." سرمد اپهرو ٿيندي چيو

"چڱو ٻڌ." مومل سرمد کي آهستي آهستي ڪجھ سمجهائڻ لڳي، ٿوري دير پهرين سرمد جو ڪوماٽيل مک ٻهڪي اٿيو.

"ترڪيب تہ ڀلي آهي، پر ڊاڪٽر انهيءَ تي راضي ٿيندو؟"

"ڊاڪٽر کي راضي ڪرڻ ۽ اعتماد ۾ وٺڻ تنهنجو ڪم آهي."

" ٺيڪ آهي آئون ڊاڪٽر سان ملي توکي ايس ايم ايس ڪري ڇڏيندس."

" اسلام عليڪم ڊاڪٽر صاحب" سرمد ڪلينڪ ۾ داخل ٿيندي چيو.

" وعليڪم سلام" ڊاڪٽر سرمد سان هٿ ملائيندي چيو

" ڪهڙا حال آهن سرمد؟ طبيعت تہ ٺيڪ آهي."

"ها ها ڊاڪٽر صاحب سڀ خير آهي. بس مڙئي ذاتي ڪم آهي وڏي اميد کڻي آيو آهيان."

" ها حڪم ڪر" ۽ ڪمپائونڊر کي چانهن آڻڻ لاءِ چيو.

"ڊاڪٽر صاحب توهانجي مدد جي سخت ضرورت آهي، توهانجي مدد جي ڪري بہ حياتيون بچي سگهن ٿيون."

"هڪ ڊاڪٽر جو وڏو اعزاز هوندو آهي حياتيون بچائڻ ۽ جيڪڏهن منهنجي مدد جي ڪري بہ حياتيون بچن ٿيون تہ اهو منهنجي لاءِ وڏو اعزاز هوندو." ڊاڪٽر مرڪندي چيو

"ڊاڪٽر صاحب توهان کي ڊرامو ڪرڻو پوندو ۽ رول بہ نهايت اهم آهي" سرمد مسڪرائيندي چيو.

" ڊرامو ڪرڻو آهي؟ مونکي ڪجھ سمجھ ۾ نٿو اچي ڪجھ کلي ڳالھ ڪر."

" چڱو ڀلا ٻڌو." سرمد ڊاڪٽر کي سچي ڳالھ سمجهائڻ لڳو.

” سرمد، منهنجي هن پروفيشن جي ڪاميابي صرف ماڻهن جو مون تي اعتماد ۽ اعتقاد آهي ، مرڳوائين نہ ٿيئي جو نيڪي منهنجي گلي ۾ پئجي وڃي ، مون هيءَ ڪلينڪ وڏي محنت سان جمائي آهي .“ ڊاڪٽر ڳنڀير ٿيندي چيو.

” ڊاڪٽر صاحب، هي ڪم ڪنهن بہ غلط ارادي يا نيت سان نہ پيو ٿئي ، هن ۾ نيڪ نيتي شامل آهي ، هي ڪم بلڪل اسڪيم مطابق ٿيندو. توهان تي ڪنهن جو شڪ ئي نہ ٿيندو ، ڇو تہ هنن جو گهر توهانجي گهر پرسان آهي ۽ يقينن هو ايمرجنسيءَ ۾ توهان کي ئي گهرائيندا.“ سرمد ڊاڪٽر کي مطئمن ڪندي چيو.

” ٺيڪ آهي سرمد ، پوءِ سڀاڻي ئي هن اسڪيم تي عمل ٿا ڪيون ، واقعي مونکي ڏاڍي خوشي ٿيندي توهانجي مدد ڪري. ڪم ٿيڻ کانپوءِ مٺائي تہ کارائيندي ؟ “ ڊاڪٽر مرڪندي چيو.

” توهان مٺائي ٿا چئو ڊاڪٽر صاحب ، وڏي دعوت ڪبي ، شاديءَ جي دعوت .“ ٻئي کلن ٿا .

صبح جا ساڍا ست ٿيا هئا، مومل بظاهر اسڪول وڃڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ تياري ڪري رهي هئي، سندس پيءُ نوڪريءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿي ناشتو ڪري رهيو هو ماءُ بورچيخاني ۾ هئي، سندس ڀاجائي پنهنجي ٻارن کي اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ڪري رهي هئي، ڀاڻس نوڪريءَ تي وڃي چڪو هو. مومل موقعو سٺو ڏسي وٺي رڙ ڪئي ۽ لڇڻ ۽ ڦٿڪڻ لڳي، مومل جي رڙ ٻڌي ماڻس ۽ پڻس گهٻرائجي سندس ڪمري ۾ ڊوڙندا آيا.

”ڇا ٿيو مومل ، ڇاٿيو “ مومل جي ماءَ ۽ پيءَ ساڳي وقت هڪڙو ئي سوال ڪيو. مومل عجيب قسم جا آواز ڪڍي ۽ وار وکيري ڦيرائڻ لڳي ۽ مردانہ آواز بہ ڪڍي رهي هئي جيڪي سمجهہ ۾ نہ پئي آيا.

”هي منهجي ڌيءَ سان ڇا ٿيو؟ الله سائين رحم ڪر، مومل جا پيءَ وڃ ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏس “ مومل جي ماءُ روئيندي مڙس کي چيو.





” پر هن مهل صبح صبح ڪهڙو ڊاڪٽر وينو هوندو، ڪنهن جي اسپتال ڪليل هوندي .“ پڻس پريشان ٿيندي چيو

”ڊاڪٽر فهيم کي گهران سڏي اچ سامهون تہ رهي ٿو.“

” ڇگو وڃان ٿو وڃان ٿو، تون مومل جو خيال پيئي ڪرينس .“ ائين چئي مومل جو پيءُ ڪمري مان نڪري ويو، پريشاني هن جي مک مان صاف بکي پئي . مومل وٺي وڏي ڪيڪ ڪئي .

” مومل ، ڌيءَ، او راڻي ڇا ٿيو آهي توکي ” ماڻس پريشانيءَ ۾ وڃي ڪيس چنبڙي.

” ڪجهہ بہ نہ ” مومل اکيون کوليندي ۽ مسڪرائيندي چيو.

”پر هي ڇا؟ هيءُ وري ڪهڙو تڪسات آهي“ ماڻس حيرت ۾ چيو. هوءَ ڪجهہ بہ نہ سمجهي سگهي .

” ڪجهہ ناهي امان پلي ڊاڪٽر اچي ، تون چپ ڪري ويهي رهہ ، پاڻهي سڄي خبر پئجي ويندئي. او اها ڀاجائي پئي اچي .“ انهئين ڪري مومل وري اها ساڳي ائڪٽنگ ڪرڻ لڳي .

”مومل، مومل ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو مومل کي ڇاڇي؟ خير تہ آهي ؟ .“ سندس ڀاڄائيءَ ايندي سان بيچينيءَ مان پڇيو.

”بس امان ! الاهجي ڇا ٿي ويو اٿس، ڇوي ٿي تہ ڇڪر ٿا اچن ۽ مٿي ۾ سخت سور آهي گڦ بہ اچيس ٿي، الاهجي ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪري، هاڻي آئون ڇا ڪيان؟ منهنجي جواڻ جماڻ ڌيءَ کي الاهجي ڪنهنجي نظر لڳي ويئي آهي .“ ماڻس مومل تي نظر وجهندي چيو جيڪا اجان تائين عجيب عجيب آواز ڪڍي رهي هئي، ٿوري دير ۾ پڻس ڊاڪٽر فهيم کي وٺي آيو، جنهن چڱي طرح اسٽيٿسڪوپ سان تپاسيو بلڊ پريشر جو اوزار لڳائي رت جو دٻاءُ معلوم ڪيو ۽ هڪ سئي پري ٻانهن ۾ لڳائي ۽ ڪجهہ دوائين لکي پڻس کي ڏيندي چيو.

” سائين بہ منٺ اڪيلي ۾ توهان سان ڳالهائڻو اٿم .“

” مومل جي ڪمري مان نڪري ڊاڪٽر ۽ پٽس وڏي ڪمري ۾ وڃي ويٺا . “

” سائين مون مريضہ جي چڱي طرح تپاس ڪئي آهي . “

” ڊاڪٽر صاحب منهنجي نياڻي ٺيڪ تہ ٿي ويندي نہ ؟“ مومل جي پيءُ بيچينيءَ مان پڇيو.

”سائين توهان پڙهيل لکيل سلجهيل انسان آهيو توهانجي نياڻيءَ کي هستريا جي بيماري آهي. انهيءَ مرض جا دورا ايڏا خطرناڪ ٿيندا آهن جو مريض کي پاڳل بنائي ڇڏيندا آهن. هاڻي مون في الحال وقتي آرام لاءِ انجيڪشن هڻي ڇڏي آهي ۽ هي دوائون استور تان وٺي با قائدي استعمال ڪرائيندا. پر اهو سڀ ڪجهہ وقتي آهي .“ ڊاڪٽر وقتي تي زور ڏيندي چيو.

”ڊاڪٽر صاحب توهانکي پڪ آهي هيءُ هستريا ئي آهي ؟“ پٽس غير يقيني انداز ۾ پڇيو. سائين بلڪل هن مرض جو مونکي وسيع تجربو آهي ۽ هيءُ سبجيڪٽ منهنجو فيوريٽ رهيو آهي منهنجي هن مرض ۾ سٺي استڊي آهي. “ ڊاڪٽر سنجيده ٿيندي چيو.

” ڊاڪٽر صاحب پوءِ هن مرض جو ڪوئي علاج تہ هوندو ؟“

” ها آهي ضرور آهي . صرف ۽ صرف شادي .“

” شادي ؟ “ مومل جي پيءُ حيرت مان پڇيو

” جي ها شادي . انهيءَ مرض جو آخري ۽ ڪامياب علاج صرف ۽ صرف شادي . مون اڳي بہ عرض ڪيو تہ اوهين لکيل پڙهيل ۽ سلجهيل انسان آهيو . تنهنڪري توهان کي اهڙي صلاح ڏيان ٿو تہ مريض جي جيترو جلد شادي ڪرايو اوترو بهتر آهي نہ تہ پاڙوپتي آهي مت مائٽ آهن جيترا ماڻهو اوتريون ڳالهيون . سائين توهان منهنجي ڳالهہ سمجهو پيا نہ .“ ڊاڪٽر سنجيدي ٿيندي چيو.

” جي جي ها مان سمجهان ٿو “ پٽس هٻڪندي چيو.

”جيڪڏهن اهڙا بہ چار دورا پيا بہ پيا تہ ٿي سگهي ٿو مريض سڄيءَ زندگيءَ لاءِ پاڳل بہ ٿي سگهي ٿو.“ ڊاڪٽر پٽس کي ديڄاريندي چيو.





”ڊاڪٽر صاحب، ڀلا شاديءَ کان سواءِ ٻيو ڪو علاج ناهي ڇا؟ ميڊيڪل سائنس وڏي ترقي ڪئي آهي، ڪجهہ تہ علاج ڪيو هوندو.“

”نہ سائين توهان صحيح آهيو تہ ميڊيڪل سائنس وڏي ترقي ڪئي آهي، پر هن جو علاج خود ماڻهوءَ وٽ آهي ۽ اهو علاج صرف شادي آهي ۽ ٻيا علاج وقتي آهن ۽ ها! شادي بہ اها فائدو ڪندي جنهن ۾ مريض جي پسند شامل هجي ۽ جيڪڏهن پسند جي شادي نہ ٿي تہ فائدي بدران نقصان ٿيندو. اهو ان مرض ۾ اهم آهي، ڇو تہ مريضہ کي خوش رکڻو آهي، توهان ان ڳالهہ جو خاص خيال رکجو مريضہ هر حال ۾ خوش رهي، چڱو مان هاڻي هلان ٿو وري جي تڪليف ٿئي تہ مونکي سڏائي ونجو گهبرائڻ جي ڪا بہ ڳالهہ ناهي.“ ائين چئي ڊاڪٽر هليو ويو پر پٽس کي سوين سوچون ۽ وسوسا ڏيئي ويو. ڊاڪٽر جي وڃڻ کان پوءِ مومل جي ماءُ ڪمري ۾ داخل ٿي.

” مومل ڪيئن آهي“ مومل جي پيءُ بيچينيءَ مان پڇيو

” هاڻي ڪجهہ آرام اٿس . ڊاڪٽر ڇا چيو؟ “

” مومل جي ماءُ مومل کي هستريا جي بيماري آهي. ڊاڪٽر چيو آهي تہ جيترو جلدي ٿي سگهي مومل جي شادي ڪرايو . نہ تہ مومل چري ٿي سگهي ٿي ۽ چيائين شادي مومل جي پسند جي هجي“

”پوءِ سرمد وارن ڏانهن نياپو ڪيان تہ اچي ڳالهہ پڪي ڪري ڏينهن وٺي وڃن .“ مومل جي ماءُ مسڪرائيندي چيو

”پر ڪهڙي خبر مومل سرمد کي پسند ڪري بہ ٿي يا نہ؟ “

” مومل انهيءَ شاديءَ ۾ راضي آهي ۽ سرمد کي پسند بہ ڪري ٿي .“ مومل جي ماءُ مرڪندي مومل جي پيءُ کي حيرت ۾ ڏسندو ڇڏي مومل جي ڪمري طرف وڌي وڃي ٿي .........“

## ڪهاڻي

# پيلا گل پلاند ۾

حيدر  چوڪ پار ڪندي پويان سڏ ٿيو. آواز زنانو ۽ جاتل سڃاتل پڻ. آئون بيهي رهيس ۽ مڙي پوئتي نهاريو هڪ عورت مونڏانهن اچي رهي هئي. آئون هن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

”ڪون سڃاتئي ڇا؟ ويجهي ايندي چيائين.“

”اوه نسيم تون ! ......“ آئون حيرت ۾ پئجي ويس.

”شڪر آ سڃاتئي ته سهي. جيڪڏهن سڃاڻڻ کان انڪار ڪرين ها ته آئون ڇا ٿي ڪري سهگهيس.“

”اهڙي ته ڪا به ڳالهه ناهي“ چيم

”ٿورو وقت ڏيئي سگهندين؟“ چيائين.

”ها, هل پاسي واري چائينيز ۾ هلون.“

اسين هلندا چائينيز جون ڏاڪٽيون چڙهندا اچي هڪ ميز تي ويناسين. آسي پاسي صرف به جوڙا ويٺل هئا.

”ڇا هلندو ٿڌو يا گرم؟“

”جيڪو گهرائين.“

”نسيم توکي ياد هوندو توسان گڏ هوندي آئون ڪو به ڪم پنهنجي مرضيءَ سان نه ڪندو هئس.“

هوءَ مرڪي پيئي ”چانهن ۽ سينڊوچ گهراءِ“

مون بيري کي چانهن ۽ سينڊوچ جو آرڊر ڏنو ۽ هوءَ خاموش مونکي تڪي رهي هئي.

چيم ”زندگي ڪيئين پيئي گذري؟“

”بس جيان پيئي.“ نسيم ٿڌو ساهه پريندي چيو.





”ڇو مايوس پيئي لڳين؟ پهريان ته تون مايوسيءَ کي گناهه سمجهندي هئينءَ.“

”وقت انسان کي گهڻو ڪجهه  سيکاري ٿو ڇڏي, ماڻهوءَ کي هميشه وقت جي ڦيٽي سان گڏ ڦرڻ گهرجي.“

”پر انکي به تون منافقي سمجهندي هئينءَ“

ها ! آئون غلط هئس ، مون زندگيءَ ۾ سدائين غلط سوچيو آهي .

”احساس اٿئي؟“

بيرو چانهن ۽ سينڊوچز کڻي آيو ، نسيم چانهن ٺاهڻ لڳي, آئون نسيم کي چانهن ٺاهيندي ڏسي رهيو هئس, مونکي 15 سال پهرين جي شوخ ۽ شرير نسيم ياد آئي ، جيڪا ڳالهه يون ۽ شرارتون ڪندي ڪانه ڍاپندي هئي ، پر هيءَ نسيم خاموش ڪنڌ جهڪائي چانهن ٺاهي رهي هئي ۽ ڪجهه  سوچي به رهي هئي جڻ سندس دل تي ڪو بار هجي ، هيءَ نسيم هن نسيم کان گهڻو مختلف هئي .

” چانهن“ نسيم مونکي چانهن جو ڪپ ڏيندي چيو. مون ڪپ ورتو ۽ نسيم جو جائزو وٺڻ لڳس, اکين تي چشمو, ڪجهه بت به ڀرجي ويو هئس .

” مونڏانهن ڇا ڏسي رهيو آهين ؟“ مسڪرائيندي پڇيائين ، مون سينڊوچز جي پليٽ نسيم ڏانهن وڌائي ۽ چانهن جو سپ ڀريو.

” نسيم! ڏسي رهيو آهيان ته وقت سان گڏ تون به ڪيترو نه بدلجي ويئي آهين.“

”ها! لطيف آئون هاڻي پوڙهي ٿي ويئي آهيان ، ۽ تون ته صفا ناهين بدليو ساڳيو ئي جوان هينڊسم.“

” گهڻا ٻار اٿئي؟“ پڇو مانس

” ٻه, هڪ ڌيءَ آهي, پنجن سالن جي ۽ پٽ ٽن سالن جو“ ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنائين,

” ٻالا ڪهڙا رکيا اٿئي ؟ “

” ڏيءَ جو سحر آهي ۽ پٽ جو نالو جمشيد آهي ، پر پيار مان کيس جمي ڪوٺيندا آهيون.“

” اد اٿئي نسيم ، پاڻ ناداني ڪري پنهنجي ٽيندڙ ٻارن جا نالا اڳواٽ سوچي ڇڏيا هئا.“

” ها چڱيءَ طرح ياد اٿم پارس ۽ سرويچ.“ نسيم ڪنڌ هيٺ ڪري پٽڪو ڪيو، آئون خاموش ٿي ويس ۽ يادن جا ڪنڊر ڪوٽڻ لڳس ، پر مونکي انهن ڪنڊرن مان صرف پنهنجي ارمانن جا هڏاوان پڃرا ئي مليا.

” نسيم مڙس مان تہ خوش آهين؟“مون اوچتو سوال ڪيو

” آئون گهڻي دير کان وٺي انهيءَ سوال جي منتظر هئس.“

” ڇو“

” ڇو تہ ڪوبہ شخص پنهنجي وڇڙيل محبوبہ سان ملندو آهي تہ هن جي محبوبہ پنهنجي مڙس سان خوش نہ هوندي ، ۽ آئون ئي هن کي خوش رکي سگهان ٿو.“نسيم ڦڪي کل کلندي چيو.

” ها! تون صحيح ٿي چوين نسيم، اها انساني فطرت آهي ، پر مونکي لڳي ٿو تون واقعي خوش ناهين ” مون چيو

” ڪيئين ٿو چوين؟“

” تنهنجو چهرو پيو ٻڌائي .“

” منهنجي جدائيءَ کان پوءِ ڏاڍي شڪتي اچي ويئي اٿئي ، چهرو ڏسي دل جا راز بہ پڙهيو وٺين ،“ مون هن ڏانهن نهاريو، هوءَ رئي جو پلئہ آڱرين تي ويڙهي رهي هئي .

” لطيف ! هڪ ڳالهہ پڇان؟“

”پڇ“

” تو اجان تائين شادي ڇو نہ ڪئي آهي ، ڇا توکي ڪڏهن اڪيلائپ جو احساس نٿو ٿئي ؟“ نسيم ڪنڌ هيٺ ڪري پٽڪو ڪيو.





” نسيم مون توسان شاديءَ جو وچن ڪيو ڪيو هو تہ شادي ڪندس تہ توسان ڪندس ، نہ تہ سڄي عمر تنهنجي ياد جي سهاري گذاري ڇڏيندس، آئون پنهنجو وچن نڀائي رهيو آهيان ، مون تہ توسان لائون لهڻ جا سپنا ڏٺا هئا نسيم ۽ اهي سپنا ساڀيان نہ ٿيا.باقي تنهائيءَ جو احساس، تہ مون ڪڏهن بہ پاڻ کي تنها ناهي سمجهيو، مون سان گڏ تنهنجي ياد آهي، ڪتاب آهن جن مونکي ڪڏهن بہ تنهائيءَ جو احساس ناهي ڏياريو . ڪتاب منهنجا بهترين ساٿي آهن جيڪي ڪڏهن بہ ڪنهن کان تنگ نہ ٿين ، ڪڏهن بہ بي وفائي نہ ڪن ۽ نہ ڪڏهن ڪنهن تي الزام هڻن ۽ نہ ئي انتقام وٺن .“

” آئون بي وفا نہ آهيان ، مونتي بيوفائيءَ جو الزام نہ هڻ، آئون سمجهان پئي تہ تون مون تي طنز ڪري رهيو آهين ، پر تون وساري ڇڪو آهين تہ بيوفا آئون نہ پر تون آهين ، آئون تہ سماج جي هر ديوار ڪيرائي تو وٽ آئي هئس......پر .....پر تون بزدل نڪتين، ڊڄي ويئن ، تو پاڻ تي شرافت جو ڪوڙو خول چاڙهي ڇڏيو هو، آئون جن کي ٺڪرائي تو وٽ هلي آئي هئس ، تن جي اڳيان تو مونکي ٺڪرائي ڇڏيو ” هوءَ زاروقطار روئڻ لڳي .

” تون جذباتي آهين ڇري! مون پيار کي رسوا ڪرڻ نٿي چاهيو،“

” باقي مونکي رسوا ڪري ڇڏئي. “ پڙڪندي چيائين

” نسيم پاڻ هن سماج جا فرد آهيون ۽ رهڻو بہ هن سماج ۾ اٿئون ، مون نٿي چاهيو تہ توتي ڀاڄوڪڙ جو الزام لڳي ، تنهنجي اولاد کان صرف تنهنجي ڪري نفرت ڪئي وڃي ، مون پيار جي جي عظمت کي ڇيهو رسائڻ نٿي چاهيو ، پيار حاصل ڪرڻ جو نالو ناهي ، پر هن ۾ ڪجهہ وڃائڻو بہ پوندو آهي ، امر جليل هڪ هنڌ لکيو آهي تہ ؛ـ اذلي رشتن جو وڻ وڇوڙن ۾ وڌندو ۽ وڌو ٿيندو آهي ، قربت ڪاري ڪلر وانگر ازلي رشتن جي شجر کي ساڙي ڇڏيندي آهي، تنهنڪري لازمي آهي تہ اهي شخص اهي انسان جيڪي ازلي احڪامن مطابق هڪ ٻئي لاءِ

عالم وجود ۾ آيا آهن هڪٻئي کان جدا رهن جيئن محبت جو جو وڻ وڇوڙن ۾ وڌندو رهي“

” اهي سپ ڪتابي ڳالهہ يون آهن انهن جو حقيقت سان ڪو بہ واسطو ناهي ، پريڪٽيڪل لائيف ۽ افسانوي لائيف ۾ فرق آهي “ نسيم چيو

ادب ۾ انساني زندگيءَ جي اپٽار ئي ڪيل هوندي آهي ۽ حقيقتن کي نظر ۾ رکي افسانو لکيو ويندو آهي “

” هونئن اديب ئي بزدليءَ کي شرافت جو ويس پهرائيندا آهن ۽ تون بہ اديب آهين لطيف .“ نسيم طنز ڪندي چيو.

”بحرحال سمجهہ سمجهہ جو ڦير آهي، تون سماج جي معاملن کي نٽي سمجهي سگهين .“ مون اپاٽڪي لهجي ۾ چيو

” شايد تون ٺيڪ ٿو چوين ، پر مرد بہ اهو سمجهي نٽا سگهن تہ عورت پنهنجو پهريون پيار ڪڏهن بہ نٽي وساري سگهي ، هوءِ زندگي تہ ڪنهن سان بہ گهاري سگهي ٿي ، مگر پيار صرف هڪ کي ۽ صرف هڪ پيرو ڏيندي آهي .“ نسيم تشوءَ سان اکيون اگهندي چيو.

آئون خاموش هئس هوءَ بہ خاموش ٿي ويئي ماحول تي غم جي چادر وڇائجي وئي. آخر انهيءَ ڪيفيت کي ٽوڙيندي مون چيو.

” چاهت ۾ گهڻو ڪجهہ پوڳڻو پوندو آهي ، مون پوڳيو ،تو پوڳيو اهائي تہ زندگي آهي .“

”آئون گهڻو ڪجهہ پوڳي چڪي آهيان هاڻي مون ۾ وڌيڪ پوڳڻ جي طاقت ناهي ، آئون وري بہ تنهنجي اڳيان التجا ٿي ڪيان تہ تون منهنجو ساٿ ڏي پاڻ وري هڪ ٿي وڃون .“

” آئون تنهنجو مطلب نہ سمجهيس نسيم؟“ مون چرڪ پريو

” ها لطيف ! ارشاد هڪ نهايت ئي شڪي مزاج آهي ، هروقت مونکي تنهنجا طعنہ مهڻا ڏيندو رهندو آهي اڪثر ڪري شراب پي مونکي ماريندو ڪٽيندو





رهندو آهي ، هاڻي آئون هن سان زندگي نٽي گذاري سگهان ” نسيم چشمو لاهي اکيون اگهڻ لڳي. آئون پولارن پاتارن ۾ گم ٿي ويس .

” لطيف !“

”هون “

” چا پيو سوچين ؟“ نسيم پڇيو.

” سوچيان ٿو نسيم تون اهائي 15 سال اڳ جهڙي چري آهين ، تو اهو جيڪو سوچيو ان جي خطرناڪ اثرن کان واقف آهين .“ مون ٿڌو ساهہ کڻدي چيو.

” آئون هر خّطري کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيان .“

” پر آئون تيار ناهيان،“

” چو؟ “

” چو تہ آئون توسان پيار ٿو ڪيان .“

” چا مونکي توسان پيار ناهي .؟“

” پرپيار جا بہ ڪي اصول ٿيندا آهن ۽ انهن اصولن پٽاندڙ اها نهايت ڪريل ۽ ذليل حرڪت آهي ، تون ڪنهنجي زال آهين ، ڪنهنجي ماءُ آهين .... تون سوچ تو ڪيتري نہ غلط ڳالهہ ڪئي آهي .“

نسيم مشڪي پئي ” اهائي بزدلي ، اهو ئي شرافت جو ڍنگ ....“

” نسيم تون مونکي ذليل ڪندي پئي وڃين، تون اهو سوچين چو نٽي تہ تنهنجي ٻارن جو مستقبل اونداهو ٿي ويندو، تنهنجا ٻار توکان نفرت ڪندا، تنهنجي سحر کي بہ جوان ٿيڻو آهي، جڏهن هن جي شاديءَ جو مسئلو ايندو تہ اها ڳالهہ تنهنجي اڳيان ايندي، پوءِ تون پڇتائيندينءَ، پنهنجن ٻارن جي نفرت جي سامهون ٿي سگهندينءَ، تون اهو برداشت ڪندينءَ تہ تنهنجي ٻارن جو مستقبل صرف ۽ صرف تنهنجي ڪري خراب ٿئي .“ هوءَ خاموش هئي ۽ مون ڏانهن تڪي رهي هئي. خاموشي جڏهن اٽوٽندڙ لڳڻ لڳي تہ چيم.

” چا پئي سوچين .؟“

" تون نيڪ ٿو چوين لطيف، واقعي آئون اهو وساري وئي هئس ته آئون پن پارن جي ماءُ آهيان ۽ اسان هن سماج ۾ رهون ٿا ." نسيم ٿڌو ساه ڀريندي چيو.

" ۽ نسيم هاڻي توکي مونسان هڪ واعدو به ڪرڻو پوندو ته پاڻ وري نه ملون ، تنهنجي خوشگوار آئيندي لاءِ اهو نهايت ضروري آهي." من ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو.

" هي تون ڇا چئي رهيو آهين ؟ " نسيم هٻڪندي جواب ڏنو

ها نسيم ! منهنجي چري چاهت اهو فيصلو ڪيو آهي ته وري پاڻ اتفاق سان هڪٻئي سان ملون به ڪٿي ته هڪ اجنبيءَ جيان هڪ ٻئي جي پر مان لنگهي وڃون ۽ منهن تي شناسائيءَ جي هلڪي ڪا لهر به نه اچي، صرف تنهنجي آئيندي لاءِ , تون هڪ اهڙي مڙس جي زال آهين جيڪو انتهائي شڪي مزاج آهي , جيڪڏهن هن کي پنهنجن ملاقاتن جي خبر پئجي وڃي ته اجايو تنهنجو جيئڻ جنجال ڪري وجهي." مون وضاحت ڪئي .

" ته ڇا پنهنجي مقدر ۾ ڪي گهڙيون گڏ گذارڻ به منظور ناهي؟" نسيم اٻاڻڪي لهجي ۾ چيو

" شايد خدا کي اهو ئي منظور آهي " مون ٿڌو ساه ڀريندي چيو.

" نيڪ آهي آئون تنهنجون سڀ ڳالهيون مڃيندس پر توکي به منهنجي هڪ ڳالهه مڃڻي پوندي." نسيم مسڪرائيندي چيو

" ڪهڙي ڳالهه ؟"

" تون شادي ڪري ڇڏ ." نسيم ڪنڌ هيٺ ڪندي ٻڙڪو ڪيو.

" اهو تون پئي چوين؟ "

ها اها منهنجي خواهش آهي " نسيم هُجَ ۾ چيو

" سوچيندس،"

" نه ها يا نه ۾ جواب ڏي."

"هاڻي پوڙهپڻ ۾ شادي ڪرڻ ڪو نهي تو ڇا؟"

" ڪجهه به آهي توکي مونسان واعدو ڪرڻو پوندو."





" نيڪ آهي تنهنجو حڪم اکين تي ." مون مسڪرائيندي چيو ۽ بيري کي سڏ ڪري بل آڻڻ لاءِ چيو.

" منهنجي هڪڙي ٻي به خواهش آهي ." نسيم مسڪرائيندي چيو.

" تنهنجي هر جائز خواهش منهنجي لاءِ احترام جوڳي آهي ،"

" اڄ بل جي رقم آئون ڏيندس ، " .نيڪيءَ جي ڪم ۾ دير ڇاجي ؟" مون کلندي چيو.

نسيم بل ۽ ٽپ بيري کي ڏنو بيرو هليو ويو.

نسيم منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليندين" اڄ جي هيءَ ملاقات منهنجي زندگيءَ جو سرمايو آهي ۽ اهو عهد ڪري ٿا اٿون ته جيڪي هڪٻئي سان وچن ۽ واعدا ڪيا اٿئون نباهينداسين ."

"انشاالله" مون چيو ۽ اٿي نسيم سان گڏ هلڻ لڳس ، هوٽل جي ڏاڪڻ لهي هيٺ آياسين .

" ڇڱو لطيف الله جي امان" نسيم چشمو لاهي ڳوڙهن ڀريل اکين کي ٽشوءَ سان اگهندي چيو.

"الله حافظ " ۽ نسيم وڃڻ لڳي ۽ مون پاڻ کي پڃندو پرندو محسوس ڪيو......

### ڪهاڻي

# وحشي جذبن جو موت

اڄ سهي سنيري نڪتو آهيان گهران فوٽو ڪٽڻ. بي اي جي سپليمينٽري فارم پرائڻ لاءِ ڪالهہ فوٽو ڪڍايا هئا. ڪيسي ۾ پنجن سون جو نوٽ ۽ چاليهہ روپيا ڪلا اٿم. گول بلڊنگ تي لهي سوزوڪيءَ واري کي ڀاڙو ڏنو ۽ لجپت روڊ تان بمبئي فوٽو شاپ تان فوٽو کنيا ۽ هيٺ لهي آيس.

” هاڻي ڪيڏانهن وڃان؟ گهر ٿو وڃان. نہ يار گرمي ڏاڍي آهي واپس گهر وڃي ڇا ڪندس؟. ڪنهن ايئرڪنڊيشنڊ سيئنيما ۾ فلم ٿو ڏسان ! پر اڪيلو آهيان ۽ اڪيلو فلم ڏسڻ ۾ مزو ئي نہ ايندو اٿم . پوءِ ڇا ڪريان؟ ( سوچيان ٿو) حيدرآباد جي ئي ڪنهن دوست کي صلاح ٿو هڻان ...... نہ يار هڙ ۾ مرڳو آهن پنج سئو ۽ ماٺهن جي ٽڪيٽ بہ سئو ڏيڍ چانهن پاڻيءَ جو خرچ الڳ. وري دوست بہ اهڙا نياڳا جو ننڍي ڪلاس ۾ فلم ڏسڻ پسند ئي ڪون ڪندا. گهر ۾ پلي ويلا هجن. پر فلم ضرور گئيلريءَ ۾ ڏسندا. آخر اسٽينڊرڊ بہ رکڻو اٿن. اسٽينڊرڊ. اسٽينڊرڊ. بڪواس آهي پيو ڪجهہ بہ ناهي. رڳو پيٽ پرئي جو ڳالهيون آهن.“

”ڇا ڪريان؟ (سوچيان ٿو) فلم ڏسان؟ .... نہ نہ نٿو ڏسان اجايو اڪيلو بور ٿيندس (ويچاريان ٿو) پوءِ پلا ڪيڏانهن وڃان ؟ ڪا تفريح ڪجي. موڊ پيو ٿئي. پر ڪهڙي تفريح ڪجي؟ هن ملڪ ۾ تہ تفريح جي ڪابہ جاءِ ڪانهي سواءِ چڪلي جي. پينگيو ملڪ پيٽسان وڏن وڏن اميرن لاءِ تہ هزار تفريحون. پر اسان لوئر مڊل ڪلاس وارن لاءِ صرف چڪلو ۽ ان تي بہ پابندي. اسين صرف وائٽ ڪالر جو ڀرم رکڻ ۾ پورا آهيون“.(بيزاريءَ جو احساس)

” چڱو پلا چڪلي ٿو وڃان. ڪجهہ ديدار ئي ٿي وڃي. نہ نہ اتي ڪندس ڪجهہ بہ نہ..“





” وڃان ......( ٻڏ تر ۾) .... ها ... ها پوءِ ڇاهي ...... جيڪڏهن خيال ٿي پوي تہ؟...... (ويچاريان ٿو) پوءِ ڇاهي هليو وڃبو...( بت ۾ هلڪي ڏڪڻيءَ جو احساس) نہ نہ نٿو وڃان.(ڊپ جي لهر وجود ۾ ڊوڙي ٿي وڃي) چڱو پلا ريشم گليءَ ٿو وڃان ...“ (ويچاريان ٿو)

” ڇڏ ڪٽي ريشم گليءَ ۾ ڪهڙو مزو؟ . مزو تہ آهي اتي.؟

” ڪنهن ڏسي ورتو تہ؟ .....( ڊپ ٿو ٿئي ڪنهنجي ڏسي وٺڻ جو) اي نہ نہ هاڻي وري اڍائي وڳي ڏينهن ٽتي جو ڪير هوندو اتي؟ ٿي سگهي ٿو ڪو اوڙي پاڙي وارو خفتي جوان يا دوست واقفڪار ملي وڃي .( وري سوچيان ٿو) اهي وري ڪهڙا چڱا مڙس هوندا جيڪي مونکي اتي ڏسندا. نيڪ آهي چڱا مڙس تہ برابر ڪون هوندا پر جيڪي هنن جي دل م منهنجي عزت ۽ احترام آهي سو تہ .........تي چڙهي ويندو..... بس نيڪ آهي ريشم گلي ٿو وڃان. پيو نہ تہ ديدار بازي ئي ڪري وٺندس. ( سوچيان ٿو)

” چڱو پلا ريشم گليءَ مان ڦري شاهي بازار مان ٿيندو سري گهاٽ ويندس.“

آئون ريشم گليءَ جي چاڙهي چڙهي ريشم گليءَ ۾ پهتو آهيان . هاءِ هاءِ.... سبحان الله ريشم ئي ريشم پڪڙيو پيو آهي جيتوڻيڪ مهيني جون آخري تاريخون آهن پر خريداري اهائي چوٽ چڙهيل آهي. هر طرف نوجوان. سامايل. اڌسامايل. اڌڙوٽ. پوڙهيون. ڪاريون. پوريون. ڪٽڪ رنگيون ۽ مشڪي رنگ هاءِ هاءِ هر رنگ هر ورائيٽي هتي موجود آهي. مال مٽين لڳو پيو آهي. هڪ انگريز جوڙو اچي پرسان لنگهي ٿو مرد کي جين جي پئنٽ ۽ پلي بوائي شرٽ پهريل هئس. ۽ سندس مئڊم کي اڌ اگهاڙو اسڪرٽ ۽ انهيءَ اسڪرٽ مان هنجون اڌ اگهاڙيون اڇيون پريل رانون (هڪ ٿڌو ساهہ ڀري ويچاريان ٿو) هيءَ انگريزياڻي نہ هڪ رات لاءِ ملي وڃي تہ ڏاڍو مزو اچي وڃي..(بدن مان سيسراٽ نڪري ويس) هي وري پڙوو.....جهڙي رن .. هي زنانو وري هن جي بڪ ڪيئين متائيندوهوندو .... منهنجي ٻانهن ۾ اچي تہ پيڙهي ڇڏيانس وري پلجي بہ هن پولڙي جو خيال نہ اچيس. ( ٿڌو

ساه ڪٽي من ئي من ۾ مرڪان ٿو) پر يار اسانجي اهڙي قسمت ڪٿي ،( رقابت جو احساس محسوس ڪريان ٿو) هتي جون عورتون ۽ مرد ڪيئين نہ اڪيون ڦاڙي ولائتي جوڙي کي پيا ڏسن، عورتون انگريزياڻيءَ کي ڏسي ۽ مرد وري هن باندر جهڙي انگريز کي ڏسي رشڪ پيا ڪن، مرد ڪيئين نہ بڪايل بگهڙ جيان عورت جي لسين لسين رانن طرف ڏسي رهيا آهن، پر آئون چو پيو انهن کي ڏوهہ ڏيان، منهنجا خود تيڙ ٽيشن تي آهن.“

آئون ولائتي جوڙي جي پٺيان هلندو رهان ٿو، هو هڪ هينڊي ڪرافٽ جي دڪان تي چڙهي وڃن ٿا ۽ اتي سنڌي پرت سان چولا ۽ ٻيو شيون ڏسن ٿا ۽ خريد ڪن ٿا. آئون ٿوري دير بيهي رهان ٿو، جوڙي کي ڏسندي ڏسندي چڪلي ۾ وڃڻ واري خواهش جاڳي پوي ٿي. هو دير ڪن ٿا، آئون اڳتي نڪري وڃان ٿو.

” پلا پئسا گهٽا ونندي“( من ئي من ۾ سوچيان ٿو) ( سوچ جواب ڏي ٿي ) شايد ٻہ سئو روپيہ الاهجي. چون ٿا ڪير جا پئسا بہ وٺن ٿيون.........الائي چا جا ڪير جا پئسا؟ ڪمال آهي! طاقت بہ اسانجي خرچ ٿئي ۽ ڪير جا پئسا بہ پاڻ وٺن پر مون وٽ تہ آهن چار سئو روپيہ. ٽي سئو هن کي ڏيندس ۽ بس ( ويچاريان ٿو) جيڪڏهن ڪير جا پئسا گهري تہ؟ چوندس ڪونهن .... نہ يار متان بيعزتي نہ ڪري وجهي، پينسان رنڊيون تہ آهن ئي مرڳوئي ٿوري ڳالهہ جي ڪري بيعزتي نہ ڪري وجهن، ها ها نٿو وڃان ڪجهہ ڏينهن ترسان ٿو، بس هاڻي شادي بہ جلد ٿيڻ واري آهي ، پوءِ پيا لئي ڪنداسين، نہ ڪنهن جو ڊپ نہ چا، وري يڪدم ڪو خيال اچيس ٿو.

” اڙي يار رخسانہ جو گهر بہ ڪائي روڊ تي ئي آهي، ( رخسانہ جو خيال ايندي ئي رخسانہ ذهن تي سوار ٿي وڃي ٿي . رخسانہ جنهن سان منهنجي شادي ٿيڻ واري آهي، رخسانہ جيڪا مونسان بي انتها پيار ڪندي آهي، مونکي پنهنجي من مندر جو ديوتا چوندي آهي، جنهن صرف مون لاءِ ڪيئي امير رشتا ٺڪرائي ڇڏيا، جيڪڏهن هوءَ اهي رشتا نہ ٺڪرائي ها تہ اڄ ٻن ٽن ٻارن جي ماءُ هجي ها ۽ ٺٺ سان ڪنهن سهڻي بنگلي ۾ رهي ها. پر هوءَ ويچاري تہ انتظار ڪري رهي آهي مونسان لائون لهڻ جو ۽



سپ رنگ سانول : هاشم شورو

مونکي صبر ئي ڪونهي ...... چاهي يار الائي چاچا پيو سوچيان، نيڪ آهي شادي بہ پئي ٿيندي، ٿوري گهٽي لئي تہ ڪري وٺون پوءِ الائي نصيب ٿئي يا نہ. نہ يار ڪير ڏسي نہ وٺي ... رخسانہ جو پياءُ ، هن جو پيءُ يا ڪو هن جي ڪنهن عزيز. مرڳوئي ڦڏو نہ ٿي پوي، مس مس تہ شاديءَ لاءِ راضي ٿيا آهن . نهيل جڙيل ڪم خراب نہ ٿي پوي، ڪهڙو فائدو؟ هلندو ۽ سوچيندو پيو وڃان . سگريٽ جي ٻاڙ محسوس ٿئي ٿي . گولڊ ليف جو سگريٽ ورتو ۽ ڪئبن واري ڪان چالو ماچيس وٺي دکايو اٿم . گهرو ڪش هنيو اٿم .

”....... پاڻ کي ذهن ۽ ضمير جي بہ واٽي تي بيٺل محسوس ڪيو اٿم . وڃان ....نہ پلا نٿو وڃان .....پلا ڪٽي وڃان ٿو هتي پهچي وري پڄڻ پاڙيائي آهي ( وحشي پٽي جو احساس ٿيو اٿم) چڱو پلا وڃان ٿو (ذهن يڪدم فيصلو ڪري ورتو ۽ ضمير جي فيصلي کي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو ) آئون چڪلي طرف وڌي رهيو آهيان ضمير جي هر خيال کي سختيءَ سان چيپياٽيندو . هڪ خانگي اسپتال جي پاسي کان لنگهندي مونکي ڪنهن زناني آواز ۾ ”ادا“ ڪري سڏيو. مڙي پوئتي ڏٺم هڪ خوبصورت ڳوناڻي عورت عمر اٽڪل پنجويهہ چويهہ سال، هنج ۾ ڇهن، ستن مهينن جو خوبصورت ٻار جيڪو ماءُ جي هنج ۾ سڏڪي رهيو هو ۽ ڪنهن سخت تڪليف ۾ مبتلا ٿي ڏٺو ۽ ماءُ جي اکين ۾ التجا آهي، عورت مونکي مخاطب ٿيندي هڪ پرچي مون ڏانهن وڌائي ”ادا چاپ تان دوا وٺي ڏي“ مون نسخو ورتو ۽ پاسي واري ميڊيڪل اسٽور تان دوائون ورتيون ۽ ميڊيڪل اسٽور جي سيلزمين کان پئسا پڇيا ”پائي چار سئو ٽيس روپيہ“. مون مائيءَ کي مخاطب ٿيندي چيو ” ادي چار سئو ٽيهہ روپيہ دوا جا ٿيا سي ڏي“ مائيءَ مون ڏانهن نماڻن نيڻن سان ڏسندي ۽ روئيندي چيو ” ادا، جيڪي بہ پئسا هئا اهي تہ هن مئي ڏاڪٽر وٺي ڇڏيا، هاڻي تہ مون وٽ ٽڪو بہ ڪونهي، ڏاڪٽر منهنجي ٻچي کي تپاسي هيءَ پرچي ڏني اٿس ۽ چيائين تہ چاپ تان وڃي دوا وٺ مئي سڃا سارا چار سئو روپيہ وٺي ڇڏيا، شل ڪا ٽنگ پڇيس ۽ اهي پئسا بہ آئون پنهنجي ڏيرياڻي مٺان کان اڌارا وٺي آئي هئس، ادا هي چانديءَ جا ڪڙا اٿئي اهي وڪٽي پنهنجا دوا جا پئسا لاهجان “ مائي ٻانهن

جا ڪڙا لاهڻ لڳي ۽ زاروقطار روئڻ لڳي. مائيءَ کي چيم ” ادي ڪا ڳالهه ناهي، تون ڪڙا ٻانهن ۾ پائي ڇڏ، اهي تنهنجي ٻانهن ۾ ئي سونهن ٿا ”سيلز مين اسانکي گهوري رهيو هو ۽ نيٺ چئي ڏنائين ”پائي پئسي ديدو اور گهر جاڪر رونا.“ مونکي سيلزمين تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ مون هن کي پئسا ڏنا ۽ تڪڙو ميڊيڪل اسٽور تان ٻاهر نڪري گهر هليو آيس ۽ انسانيت تي سوچي سوچي پنهنجو دماغ خراب ڪرڻ لڳس.

ٻئي ڏينهن اخبار ڏٺم اخبار جي پهرين سرخي سياسي هئي ۽ ٻي سرخي هن ريت هئي.

ڪالهه بازار حسن تي پوليس جو ڇاپو، ويهه ڪان مٿي ويشائون ۽ تماشبين گرفتار.....







**ڪهاڻي**

# پرم پورا پورا

خيرن سان ملڪ ۾ اسلامي نظام لاڳو ٿيو، هر ماڻهو خوش هو ته ڀيلي هاڻي اسلامي نظام لاڳو ٿيو آهي، هن نظام ۾ ڪنهن سان به ظلم نه ٿيندو، ڪنهن سان به بي انصافي نه ٿيندي، هر ماڻهو اسلام جي سنهري اصولن مطابق پنهنجي زندگي سک ۽ سانت سان گذاريندو.

جنهن ڏينهن اسلامي نظام لاڳو ٿيو، تنهن ڏينهن کان شراب جا دڪان، نائيٽ ڪلب، جوا جا اڏا سيل ڪيا ويا، چڪلن تي پوليس ڪاهي پئي، موتي ٻائيءَ جي ڪوٺي کي به سيل ڪيو ويو جيتوڻيڪ اتي مجري جي محفل ٿيندي هئي، ۽ انجو لائيسنس پڻ موتي ٻائيءَ وٽ هو، پوليس اتي ويٺل تماشبينن کي ٻڌڻ لڳي، موتي ٻائي وڏي وجي ڊي ايس پي کي چيو ”اهو اسان تي سراسر ظلم آهي، انڌير آهي، اهو ڪٿي جو انصاف آهي، منٿليون به اسان کان وٺو ۽ ٻڌو به اسان کي؟ مون وٽ ته باقائدي لائيسنس آهي.“ ” بابا! هينئر نوڪري خطري ۾ آهي، ملڪ ۾ اسلامي نظام لاڳو ٿي چڪو آهي، تنهنڪري موتي ٻائي تنهنجي هن لائيسنس کي ڪير به نه پڇندو ” ڊي ايس پيءَ کتو جواب ڏنو.

موتي ٻائيءَ جا ته ڇيهه ئي ڇڇي پيا، هي وري ڇا؟ ڪلثوم جو ڇا ٿيندو؟ هن جي سمجهه ۾ ڪجهه به نه پئي آيو. هن جي ڪوٺي کي سيل ڪيو ويو ۽ هن کي اهو چتاءُ ڏئي ڇڏيو ويو ته جيڪڏهن وري هن انهي گندي ڪاروبار کي جاري رکيو ته سنگسار ٿي ويندي. هيءَ پنهنجي سدا ملوڪ ڌيءَ کي وٺي اچي شهر جي پوش علائقي ۾ اڳي ئي ٺهرايل بنگلي ۾ رهڻ لڳي. هن کي رهي رهي ڪلثوم جو خيال ستائيندو هو. ٿي ڏينهن پهرين ته سيٺ ڪريم ڪيس پنج لک ڪلثوم جي نٿ لهرائڻ جا ٿي ڏنا، پر هن انڪار ڪيو هو۽ هن ڏه لک گهريا هئا جيڪي سيٺ نه

ڏنا هئا، هن سوچيو هو تہ سيٺ هوئڻ ئي ڪلثوم تي گگ ڳاڙي وينو آهي . پاڻهي جيئڻ دير ٿيندس بک پڙڪي اٿندس پوءِپاڻهي پڪل ميوي جيان اچي ڦهڪو ڪندو. ڪلثوم هئي بہ تہ اهڙي . سندر مک تي بہ ڪٽاريون اکيون، موسميءَ جي ڦاڪ جيان سندس رس پريل چپ . چڻ امرت ڏارا اوتڻ لاءِ آتا هجن . ڏگهي ڳچي . جنهن ۾ سدائين اچن موتين جو هار پيل ۽ ڏيل جيان ٽلندڙچال ۽ وري ڪلڻ . مندرم وڄندڙگهنٽين سمان . پهرين نظر ۾ هر ڪنهن کي ديوانو بڻائي ڇڏيندي هئي . سڄيءَ بازار ۾ جهڙس ڪا ن هئي . ماڻس بي اي تائين پڙهايو هئس . ڇوريءَ کي شوق تہ فلمن ۾ هيروئن ٿيان . پر ماڻس ڪڏهن بہ سندس همت افزائي ڪانہ ڪئي هئي . ماڻس وٽ ڪي پارٽيون بہ آيون هيون . پر هن هر آڇ کي ٺڏي ڇڏيو.هن کي اهو ڊپ هوتہ متان فلم لائن ۾ وڃڻ ڪري ڪلثوم ڪيس اڪيلو ڇڏي نہ وڃي . موتي ٻائيءَکي افسوس ٿيو تہ ناحق سيٺ ڪريم کي انڪار ڪيم . اهي ڪجهہ پئسا بہ نڪري پون ها ،پر هاڻي ڇا ٿي ڪري سگهي . جي ٿي لڪ ڇپ ۾ ڪم هلائي تہ ڪوڙن ۾ سنگسار ٿيڻ جي ڊپ هٽي دل جي نندي ڪري ڇڏي هئس . روز اخبارن ۾ ٿي وي‌ءَ ٻڌائيندا هئا تہ اڄ فلاڻي کي ڪوڙا لڳا، اڄ فلاڻيءَ کي سنگسار ڪيائون . سندس ڪجهہ ساٿياڻيون لڪ ڇپ ۾ ڪم هلائينديون هيون . پر هيءَ ڊني ٿي . چڱن ڀلن ڪامورن ۽ سيٺين کيس صلاح ڏني تہ اسين تنهنجا واهرو وينا آهيون، تون ڌنڌو هلائي، پر هن سيني جا ٿورا مڃي انڪار ڪري ڇڏيو هو هن جون ڪجهہ جايون مسواڙ تي هليون پئي تن مان گذارو ڪرڻ لڳي، هاڻي ٺاٺ جو رهڻ تہ ڪون هو پر مڙئي زندگي پئي گذرندي هئي .

هاڻي ٽي ويءَ تي صرف اسلامي پروگرام اچڻ شروع ٿي ويا هئا، هي بہ گهر جي ڪم ڪار کان واندي ٿي رڳو ٽي ويءَ ڏسڻ ۾ گذاريندي هئي. ٽي ويءَ تي هر روز هڪڙو ڏاڙهي وارو ملان قدوس اچي اسلام بابت ڳالهہ يون ٻڌائيندو هو تہ مسلمان هڪ دفعو جيڪڏهن سچيءَ دل سان توبهہ ڪري تہ الله سائين هن جا سمورا گناهہ معاف ڪري ڇڏيندو آهي، موتي ٻائي هن ملان مان آهستي آهستي متاثر ٿيڻ لڳي





سوچيندي هئي هئي ملان کهڙو نہ شيرين زبان آهي، هن جي ڳالهہ ۾ ڪيترو نہ وزن آهي ۽ ڳالهہ ائڻ ۾ خوداعتمادي. ٽي ويءَ تي جڏهن بہ ننڍڙا ٻارڙا قران شريف پڙهندا هئا تہ هن کي پنهنجو ٻالڪپڻ جو دئورياد اچي ويندو هو. جڏهن هوءَ بہ انهن ننڍڙن پتڪڙن ٻارن جيان پتڪڙي هوندي هئيءِ مڪتب ۾ سيپارو پڙهڻ ويندي هئي . هن کي اهو ماڻهو بہ ياد آيو جنهن هن کي منائي ڪارائي هئيءِ وٺي ريلوي اسٽيشن تي آيو هو ۽ پوءِ هن شهر ۾ مشتري ٻائيءَ کي وڪڻي ويو. مشتري ٻائي هن کي پالي نپائي وڏو ڪيو. نچڻ ۽ ڳائڻ جي تربيت ڏني. ۽ جڏهن هوءَ جوان ٿي تہ سندس ڏيءَ جيان هن جو چرچوبہ پري پري تائين پکڙيل هئو. هن جي نٿ بہ هڪ شرابيءَ سيٺ 5 هزارن جي عيوض لاٿي، هوءَ ان ڏينهن ڏاڍو رني هئي سيٺ جي اڳيان نيزاريون ڪيون هئائين، پر سيٺ سندس هڪ بہ نہ ٻڌي ڇو تہ هن پئسا ڏنا هئا، هن کي الاهجي ڇو جنسي ميلاپ مان پاروٿي گوشت جي ڏپ ايندي هئي ۽ پوءِ هيءَ هر رات ڪنوار بڻجي صبح جو ڌاڳڻ بڻجي ويندي هئي، آخر هن جو جوڀن بہ لهندڙ سج جيان موڪلائي ويو ۽ پاڻ وري صبح جي روشن سج جيان ڪلثوم جي شڪل ۾ جوان هئي . هيءَ ڪلثوم کي رڳو مجرو ڪرائيندي هئي، ڪجهہ ڀيو ڇوڪريون بہ هئس جن مان چڱي ڪميشن ملي ويندي هئس، اهو سپ ڪجهہ سوچي هن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو.

”آئون پنهنجي ڌيءَ کي اها گندگي ٿاڦڻ ڪون ڏيندس، آئون هن جي شادي ڪنهن شريف ۽ لکيل پڙهيل نوجوان سان ڪرائيندس“ سندس مک تي عزم جي پختگي نمايان هئي .

ٻئي ڏينهن هن بازار مان سيپارو آندو ۽ هڪ ملان رکي سيپارو پڙهڻ لڳي . ملان روز اچي هن کي سبق ڏيندو هو ۽ کيس ديني ڳالهہ يون ٻڌايندو هو. هاڻي هوءَ پنج وقت نماز پڙهڻ لڳي هئي . روزا بہ رکندي هئي . خير خيراتون بہ جام ڪندي هئي ۽ سوچي ڇڏيو هئائين تہ ڪلثوم جي شادي ڪرائي پوءِ حج تي ويندي . ڪيتري نہ آس هئس حج تي وڃڻ جي، هن جي زندگي ئي بدلجي ويئي هئس، ڪيترو نہ سڪون ملندو

هئس نماز ۽ قران ۾ . اهو سڀ ان ڏاڙهيءَ واري ملان قدوس جون ڪرامتون هيون، جيڪو روز ٽي ويءَ تي اچي ديني ڳالهه يون ڪندو هئو جڏهن ٽي ويءَ تي ايندو هو ته هي سڀ ڪم ڪار ڇڏي اچي ٽي ويءَ جو پاسو جهليندي هئي، هن جي سمجهائڻ جو انداز ڏاڍو پيارو ۽ وڻندڙ هو. اڄ تقرير ڪندي چيائين ته ”جيڪڏهن عورت ڪنهن غيرمرد جي هڪ دفعومنهن پئجي وڃي ته هن جي لاءِ جنت حرام آهي، ٻي صورت ۾ اها عورت توبهه تائب ٿئي ته معافيءَ جي لائق سمجهي سگهجي ٿي.“ هي انهيءَ وقت سجدي ۾ ڪري پئي ۽ الله سائينءَ کان روئيندي پنهنجي گناهن جون معافيون وٺڻ لڳي ۽ سڄي رات الله کي ٻاڏائيندي رهي .

1. ملڪ ۾ اليڪشن هجي هن ٻڌو ته اهو ملو قدوس به اليڪشن ۾ بيٺو آهي، هيءَ ڏاڍو خوش ٿي . مولانه قدوس ۽ ان جماعت لاءِ ڏينهن رات دعائون گهرڻ لڳي، ”ياالله پنهنجي محبوب جي صدقي انهيءَ خدا ترس بزرگ جو حامي ٿجئين، هن ۽ هن جي جماعت اسلام جي وڏي خدمت ڪئي آهي ، منهنجا مولا انهيءَ بزرگ کي اليڪشن ۾ ڪامياب ڪر“ هيءَ هر نماز کان پوءِ ملي قدوس جي ڪاميابي دعا گهرڻ لڳي هئي . هن مولانه قدوس جي جماعت جو جهنڊو تمام مٿي ڪري پنهنجي گهرتي هٽي چڙيو هو. آخر اليڪشن به ٿي وئي، مولانه قدوس ۽ سندس جماعت وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿي ، هن جڏهن اها خوشخبري ٻڌي ته اوڏي مهل ٻه نفل شڪراني جا پڙهيائين هزار ربين جي مٺائي ورهائي ، هاڻي ته مولانه قدوس روز ٽي ويءَ تي پيگو بيٺو هوندو هو، سندس چهري تي نور وڏي ويو هو ۽ وڏيڪ اسلامي ڳالهه يون ڪرڻ لڳو هو. هر طرف امن هو، هر طرف شانتي هئي ، شينهن ۽ ٻڪري گڏ پاڻي پيئندا هئا.

هڪ رات هوءَ ستي پئي هئي ته ٻاهرين گيٽ تي گهنٽي وڳي، هن اٿي در کوليو، گيٽ تي باوردي ايس پي بيٺو هو هر

جنهن سندس ڪوئو سيل ڪيو هن ،

اندر اچڻ نه ڏينديئنءَ موتي بائي، موتي بائيءَ کيس رستو ڏنو. ”اچو اچو خير ته آهي“ موتي بائي ڊرائينگ روم کولڻ لڳي .





”ها سڀ خير آهي“ ايس پي صوفي تي ويهندي چيو.

”پر هينئر ايتري رات ۾.“ موتي بائي گهٻرائيندي چيو

” اسانجو تو ۾ ڪم آهي موتي بائي .“ ايس پي هٿ جي لڪڻ کي آڱرين تي گهمائيندي چيو.

” حڪم سرڪار.“

” تنهنجا پاڳ کليا آهن موتي بائي .“ ايس پيءَ سگريٽ دکائيندي چيو

” سرڪار توهين حڪم ته ڪريو ” موتي بائي منجهندي چيو

” موتي بائي اسان جي ملڪ ۾ اسانجو هڪ نهايت ئي دوست ۽ اسلامي ملڪ جو سربراه آيو آهي مونکي حڪم مليو ته آيل مهمان جي خاطر لاءِ ڪو هيرو پيش ڪريان، مونکي ڪلثوم بائيءَ کان وڌيڪ ڪو هيرو هن شهر ۾ سجهي ئي نٿو ، وري توسان منهنجي پراڻي عليڪ سليڪ به آهي ، ۽ مولانه قدوس جي خاص پارٽ آهي ته مهمان کي هر طرح خوش ڪرڻو آهي ، پئسن جو تون فڪر نه ڪر تنهنجي توقع کان وڌ ملندا توهانکي ..........“

هوءَ ڪجهه به ٻڌي نه رهي هئي هن جي دماغ ۾ ايٽم جا ڌماڪا ٿي رهيا هئا .



## ڪھاڻي

# ماسي ڏني

امرتا پريتم/ هاشم شورو

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن چانديءَجا اڇا روپيہ هوندا هئا ۽ ڳوٺ ۾ اٺيانيءَ کي آڌيوءَ چئن آنن کي پاولي چوندا هئا ۽ تڏهن ماسي ڏني چوندي هئي ’عورت کي تہ خدا شروع کان ئي آڌيو بڻايو آهي، رپيو تہ ڪا ڪا پاڳن واري ٿئي ٿي، جنهن کي پنهنجي مرضيءَ جو مڙس ملي ٿو پر اهڙي عورت تہ نہ ڪنهن ڏٺيءَ نہ ٻڌي، بس جتي ڏس اتي آڌيون ئي آڌيون بس رڳو ٻن ٽن پاولين کي جنم ڏنئون ۽ دنيا مان ڪڇي ويون‘.

’ڪيتري نہ وات جي ڪني آهي هيءَ ڏني‘ ڪا مائي هن جي پرپٺ برو چوندي پر ڳوٺ جون سڀ مايون ڏنيءَ جي اڳيان ڳنگيون ٻڻجي وينديون. سيني کي ياد هئو تہ هڪ دفعي شاهن جي بيبيءَ اهڙي ڪا ڳالهہ ڏنوءَ جي سامهون چئي هئي ۽ پوءِ جيڪا حالت ڏنيءَ ڪئي هئس تنهن کان توبهن پلي چيئن ’ تنهنجي وات مان تہ گلاب ٿو هارجي باقي ما ن وات جي ڪني آهيان ۽ خراب. آڌيو تہ تنهنجو بہ منهنجي پيڻ رات جو اهڙيءَ طرح کلو ٿيندوآهي، جيئن منهنجو! ’ ۽ پوءِ ڏني ڳوٺ جي هڪ هڪ عورت جا عيب آڱرين تي ڳڻي ٻڌايا هئا هي اسيڙو تہ منهنجي سامهون اچي تہ سهي. جنهنجي پوڙهي مڙس کان سندس آڌيو کليو نٿو ٿئي تڏهن پنهنجي جوان ڏير کان پنهنجوآڌيو کلو ڪرائيندي آهي ........۽ چيمونءَ جي بلونتي ڪيئن وسارينداس جيڪا ڏوليءَ مان الٿيون ڪري لٿي هئي ۽ ستين مهيني پٽ بہ جڻي ڏيکاريئن........۽ وڙائچن جي ڪرتار جنهن چئن سالن کان مڙس جي شڪل ڪا نہ ڏٺي هئي جيڪا روز ميٺي اوٻاري پئي پيئي.’ ڏنيءَ کي جن ماين جا عيب نہ ملي سگهيا تہ انهن جي ڪنوارين ڇوڪرين جا نالا ڳڻائي ڇڏيائين.’ آئي وڏي سياڻي! پنهنجي سگوءَ کي تہ سنڀال جيڪا





سنڌوئن جي جڳتار کان پنهنجو آڌيو کلي ڪرائڻ لاءِ بيچين لڳي پئي آهي....... ۽ تون الله جي بندي! پنهنجي اٺ جيڏي ڇوريءَ جي شادي ڇو نٿي ڪرائين، گودواري جي ڀاءُ سان ڪلها گسائيندي گهمي ........۽ ........۽ ڳوٺ جون مايون ٻڌي ڏڪي وينديون هيون ۽ پوءِ ڪنهن کي بہ ڏنيءَ جي منهن تي ڪجهہ چوڻ جي جرائت ڪا نہ ٿيندي هئي . هونءَ بہ ڏنيءَ ۾ هنن جو مطلب ڦاٿل هوندو هو جنهن گهر ۾ ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جو گلو سڄي پوندو هئو تہ هو بنفشي ۽ سونف سوپاري پياريندي،يون پر مهينن جا مهينا ٻارن جا گلا نيڪ نہ ٿيندا هئا ۽ ٻارن جي نڙيءَ مان گرهہ بہ نہ لهندو هو، ٻارن کي بخار چڙهي ويندو ۽ مائون بيزار ٿي آخر ٻارن جي آڱر جهلي ڏنيءَ جي دروازي تي پهچي وينديون.

پٺ ماسيءَ کي چئو تہ تنهنجي گلي جو ساٺ ڪري، ۽ ڏني گرم گيهہ ۾ پنهنجو آڱوٺو ۽ هڪ آڱر ٻوڙي جنهن ٻار جو ساٺ ڪندي تہ ٻئي ڏينهن اهو ٻار مڪمل تندرست ٿي ويندوهو.’ گلي جو ساٺ هميشہ مداڻا ڪندا آهن ’ ڏني جڏهن کلي اها ڳالهہ چوندي تہ خبر پوندي تہ ڏني کترين ۽ مداڻن جي خاندان سان تعلق ٿي رکي نہ تہ نہ ڪنهن هن جي ماءُ پيءُ کي ڏٺو هئو نہ ڪنهن مائٽ کي.

صرف اها روايت مشهورهئي ڏني ڪنهن سکئي گهر جي ڌيءَ هن تي بہ جواني آئي هئي ۽ ان عمر ۾ هن بہ ڪنهن سان نيڻ اڙايا هئا.

پر هن جي ماءُ پيءُ جي گهر مان ڪڏي اچڻ وارو پيشہ ور بد معاش هئو جيڪو ڏهين ويهن ڏينهن رهڻ کان پوءِ هن کي ڪٽي وڪٽي وڃڻ ٿي چاهيو تنهن تي ڏنيءَ رڙ ڪري چئي ڏنس ’پاند ۾ ٻڌل آڌئي کي کلو ڪرائي ئي جيڪڏهن پيٽ جو دوزخ پرڻو آهي تہ پوءِ ويندي ويندي تنهنجا ڪيسا ڇوپري وجان؟ ’ ۽ اهڙي طرح ڪيس پير مان ڪندي جيان ڪڍي ڦٽو ڪيائين اهڙيءَ طرح نہ هن سان جنم ڏيڻ وارا ئي رهيا ۽ نہ سنڀالڻ وارا.

۽پوءِچون ٿا تہ ڪنهن زميندار هن تي عاشق ٿي پنهنجي گهر ۾ اچي وهاريو هئس ، پر جڏهن زميندار جي پٽن گهر ۾ جهيڙو ڪري ڏنو تڏهن هن ڏنيءَ کي پٽن

ڪان چوري پري هن ڳوٺ ۾ ٻني وٺي هن جي نالي ڪري ڇڏي ۽ جيستائين جيئرو رهيو هن جي خيريت پيو پڇندو رهندو هو پر هاڻي ته هو ڪڏهن ڪو مري چڪو هو۽ ڏني پنهنجي ٻل تي جيئري رهي.

ائين ته ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ سان ايترو چئي ڏيندي هئي ته 'ڪنهن ڳالهه جو فڪر آهي! پاند ۾ آڏيو ٻڏل آهي ڪڏهن ڪا مشڪل گهڙي آئي ته کلو ڪرائي وٺندس.' پر هڪڙي ڏينهن جڏهن هڪ ڳڀرو جوان ڏنيءَ جي ٻانهن ۾ چهنڊڙي هڻندي چيو هئو'آڏيو ته ڏيکار سچو به آهي يا' ڏنيءَ هن جي ڳلي ۾ هٿ وجهندي چيو هو 'هل ته ڏيکارئين ماڻهين جي شلوار ۾ آهي ......' ۽ پوءِ ڳوٺ جي ڪنهن به مرد ۾ اها همٿ نه ٿيندي هئي ته هو ڏنيءَ طرف اک کڻي به ڏسي ۽ ڏني بيخوف جيئندي رهي.

هاڻي جيتوڻيڪ هن جي عمر موٽڻ لڳي هئي پي هن جي نڪ جي ڦلي هن جي مزاج جيان اڄ به نروار هئي ، سيني جي سامهون ٻنيءَ ۾ هر هلائيندي هئي ۽ ڪترياڻي هوندي جاٽن وانگر آڪڙي رهندي هئي.

هڪ دفعي هن کي مدي جو بخار اچي گهيريو. هونءَ ته بخار ايڪيهين ڏينهن ٽٽي ويو پر ڏنيءَ جو شايد پنهنجي زندگيءَ تان اعتبار کڄي ويوهئو. هوءَ هڪ ڏينهن هڪ ويجهي شهر ۾ ويئي ته پنهنجي زمين جا ڪاغذ به پاڻ سان گڏ کڻيو وئي، هتي اها ڳالهه عام ٿي وئي ته ڏنيءَ پنهنجي زمين جي وصيت لکي ڇڏي آهي.

'ائي ڪنهن جي نالي لکي آئي آهي؟.' ڳوٺ جي ماين پاڻ ۾ سس پس پئي ڪئي پر ڏنيءَ کان پڇڻ جو حوصلو ڪنهن ۾ به نه هئو.

هڪ ڏينهن ڳوٺ جي هڪ ڇوڪري سيمون کي ٿوري همٿ ٿي ڪجهه ڏينهن پهرين هڪ شام سيمون ٻنين مان واپس پئي آئي ته چوڌريءَ جي شرابي پٽ هن جو رستو روڪي بيهي رهيو ۽ ڪٿان ڏني به ڪٿان آئي پئي، سيمون هن کي ڏسي ڪيس مدد لاءِ سڏيو. ڏني به سينو تاڻي وچي پهتي ۽ ڇوڪري حفاظت سان وچي پنهنجي گهر پهتي.





سيمونءَ ان ڏينهن جي ڳالهه مان فائدو کڻندي هڪ ڏينهن ڏنيءَ کان پڇي ورتائين 'ائي ماسي ٻڌو اٿم تو پنهنجي زمين ڪنهن جي نالي ڪري ڇڏي آهي ؟' ڏنيءَ ڪاوڙ ۾ چيو' تنهنجي ناني مونکي پهنجي هٿن ۾ پاليو هو تڏنهن ته تنهنجي ماسي ٿي لڳان.' ۽ سيمون ڦڪي ٿيڻ لڳي 'ڪاوڙ ڇو ٿي ڪرين ماسي ماڻهون ٿا چون ته زمين گورواري جي نالي ڪري ڇڏي آهي، مون ته هوئين پئي پڇيو ڪيو ته تو نيڪ ڪم آهي '.........

ڏني اهو ٻڌي پڙڪي پئي ۽ چوڻ لڳي 'گوردواري جو پاءُ ته رنوڙ آهي، حلوو پوريون ٿو ڪارائي ۽ انهيءَ حلوي لاءِ توهان جون مائيون جو آهن، هيءَ تنهنجي ماسي اهڙا نيڪ ڪم ڪون ڪري.' سيمون پڇي جان ڇڏائي.۽ پوءِ ڏنيءَ کان ڪجهه پڇڻ جي همٿ نه ٿيس'.

لڳو ٿي ڏنيءَ پنهنجي قسمت جو لکيو پڙهي ڇڏيو آهي، شايد پنهنجي زندگيءَ جا باقي ڏينهن به پڙهي ويئي هئي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ کيس وري مدي جو بخار ٿيو هن دفعي سڄي ڳوٺ کي هن جي بچڻ جي اميد ڪان هئي.

هڪ ڏينهن ڳوٺ جي هڪ بزرگ مائي همٿ ڪئي ، ان مائيءَ کي ڳوٺ وارا جيوي پڳتي چوندا هئا،ننڍي عمر ۾ ئي رنوڙ ٿي وئي هئي، هن پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن نهايت عزت ۽ آبروءَ سان گذاريا هئا هن تي اڄان تائين ڪنهن آڱر به نه کنئي هئي.

جيوي پڳتي ڏنيءَ کي پڇڻ وئي ۽ نرم لهجي ۾ چيائين 'جيڪا گذري سا گذري ڏني! هاڻي آخري عمر ۾ ته توبهن ڪر ڪجهه به نه ٿينديئي چون ٿا جنهن ساري عمر رام جو نالو به نه ورتو هئو ته مرڻ وقت به انهن جي منهن مان ماڻهن توبهن ڪرائي ڇڏي '.

ڏني آخري پساهن ۾ هئي پر هوءَ کلي پئي ، چوڻ لڳي 'پڳتي! منهنجو فڪر ڇو ٿي ڪرين، پڳوان کي حساب ڏيڻو آ ڏيئي ڇڏيندس هي آڏيو جو پاند ۾ ٻڌل آهي پڳوان کي چوندس وٺ کلو ڪري پنهنجو حساب ڪتاب چڪتو ڪر.' ۽

جيوي ڪنن ۾ آڱريون وجهي اتان ڀڄي ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن ٻن پهرن جو ڏني مري ويئي .

ڏنيءَ جي چوٿين ڏينهن جڏهن ماڻهن هن جي صندوق کولي تہ ان مان وصيت جو ڪاغذ مليو ويو ڏنيءَ پنهنجي سڄي زمين ڳوٺ جي اسڪول کي ڏئي ڇڏي هئي ۽ لکيو هئو ’منهنجي هڪ ئي خواهش آهي تہ ڇوڪريون بہ چار اکر پڙهن تہ جيئن هنن جي زندگي خوار نہ ٿئي،‘

**روزانہ امن جي تاريخ 11جون 1981 جي ٿورن سان**







# آٽوگراف ڊائري



# ساڃاهه وندن کان مليل آٽوگراف (يادگيريون)



بتاريخ: 1979ع_09_06 تي انڊس
هوٽل حيدرآباد:
سائين محمد عثمان ڏيپلائي صاحب کان
سندن ادبي شام تي ورتل آٽوگراف





بتاريخ 1980ع_01_06 تي انڊس هوٽل حيدرآباد ۾
ڀيڻ ماهتاب محبوب جي ڪتاب "مني مراد" جي مهورت
جي موقعي تي محترم **تاج بلوچ** کان ورتل آٽوگراف









بتاريخ: 1979ع_09_06 تي انڊس
هوٽل حيدرآباد:
سائين **سليمان شيخ** کان محمد عثمان
ڏيپلائي سان ادبي شام تي ورتل آٽوگراف.
سکن واري سڏ متان ڪا مون سان ڪري،
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندين.(شاهه)





بتاريخ: 1987ع_07_29 تي آرٽس
ڪائونسل ڪراچي ۾ساٿي پارڙا سنگت پاران
منعقد ڪيل سيمينار جي موقعي تي سنڌ جي
ناميارِي شاعر **شيخ اياز** کان ورتل آٽوگراف.
اڙيا ڪن اُپاءُ، هٿيان هاڻُ جهلي ڪري،
وَري وَرندو واءُ، وَري ڦِرندا ڏينهڙا.





بتاريخ: 1979ع_09_06 تي انڊس
هوٽل حيدرآباد:
محترمہ سائڻ **عابده پروين** کان
محمد عثمان ڊيپلائي سان ادبي شام تي
ورتل آٽوگراف.

وري ورندو واءُ وري وسندا مينهن.
وڇوڙي جا ڏينهن رهي رهندا ڪيترا.(شاهہ)



بتاريخ: 2000ع_05_04 تي پيڻ **رخسانہ ابڙو** عيني جي دوست
کان ورتل آٽوگراف.
پيڻ جي دعا ياءُ لاءِ:

منزل ٿئي جي ڏور سجڻ،
پر ٿيندي تنهنجي پهچ،
دل گهريا ياءُ وچ وسين،
شل ورهين تائين.









بتاريخ: 1979ع_09_06 تي انڊس
هوٽل حيدرآباد ۾ سائين محمد عثمان
ڊيپلائيءَ سان ملهايل شام جي موقعي تي
سائين **محمد ابراهيم جويو** صاحب
کان ورتل آٽوگراف.





بتاريخ: 1987ع_07_29 تي سنڌ جي
ڏاهي، مزاحمتي ڪردار ۽ بيباڪ انسان سائين
**قمر شهباز** صاحب کان ورتل آٽوگراف.

نئون نياپو آيو آهي، ماضي هاري سونو ملندو.
جيڪي ٿيندو اڄ ئي ٿيندو اڄ ئي ٿيندو اڄ ئي ٿيندو.



بتاريخ: 1979ع_09_06 تي انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ سائين محمد عثمان ڏيپلائيءَ سان ملهايل شام جي موقعي تي سائين **ظفر حسن** صاحب کان ورتل آٽوگراف.

ڌرتيءَ جي پريت کان، وڌيڪ ٻي ڪا پريت ڪانهي.





بتاريخ: 1987ع_07_29 تي سنڌ جي ناميارِي ليکڪ محترم سائڻ **تنوير جوڻيجو** کان ورتل آٽوگراف.

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاھه، ڪانھي ويل وهڻ جي.









بتاريخ: 1979ع_09_06 تي انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ سائين محمد عثمان ڏيپلائيءَ سان ملهايل شام جي موقعي تي سائين **قاضي خادم** صاحب کان ورتل آٽوگراف.

خدا ڪري جلدي گرئجويٽ ٿيو.





بتاريخ: 1979ع_12_27 پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾ مس تنوير جوڻيجو سان ملهايل ادبي شام جي موقعي تي سنڌ جي ناميارِي ليکڪ سائين **عبدالقادر جوڻيجو** صاحب کان ورتل آٽوگراف.

آٽوگراف لکڻ نه ايندو اٿم. دُعا ڪرڻ ايندي اٿم.



جيڪو لکڻ چاهيان ٿي سو لکي نه ٿي سگهان- باقي آٽوگراف ڪنهن کان ٿو گهرين-

منهنجا منٺڙا ياءُ مون کي گذري ويل لمحن جي شڪست جو اعتراف آهي. سنڌ جي ناماري ليکڪ **خيرالنساءَ جعفري** کان ورتل آٽوگراف.





سنڌي ادبي سنگت برانچ ڪوٽڙي جي گڏجاڻي جي موقعي تي سنڌ جي ناماري ليکڪ محترم **علي بابا** کان ورتل آٽوگراف.

اٺو ڪٿو اٿئي چا جو آٽوگراف ٿو گهري سئين سڏي اٿي لٿي جي ڳالھ ڪر.







بتاريخ: 1980ع_01_06 انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ ماهتاب محبوب جي ڪتاب "مني مراد" جي مهورتي تقريب جي موقعي تي سنڌ جي ناماري ليکڪ **حميد سنڌيءَ** کان ورتل آٽوگراف.



بتاريخ: 1980ع_01_06 انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ ماهتاب محبوب جي ڪتاب "مني مراد" جي مهورتي تقريب جي موقعي تي سنڌ جي ناماري ليکڪ **ماهتاب محبوب** کان ورتل آٽوگراف.

تتيءَ تڏيءَ ڪاهه ناهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونڌاهه پير نه لهين پرين جو.



بتاريخ: 1980ع-01-06 انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ ماهتاب محبوب جي ڪتاب "مني مراد" جي مهورتي تقريب جي موقعي تي سنڌ جي نامياري آرٽسٽ/ ليکڪ **شرجيل** کان ورتل آٽوگراف.

پنهنجي ڌرتي- پنهنجا ماڻهو انهن لاءِ ئي جيون جو سڀ ڪجهه هئڻ گهرجي.



بتاريخ: 1980ع-01-06 انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ ماهتاب محبوب جي ڪتاب "مني مراد" جي مهورتي تقريب جي موقعي تي سنڌ جي نامياري ليکڪ **طارق اشرف** کان ورتل آٽوگراف.





سپ رنگ سانول : هاشم شورو

بتاريخ: 1980ع-01-06 انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ ماهتاب محبوب جي ڪتاب "مني مراد" جي مهورتي تقريب جي موقعي تي سنڌ جي نامياري ليکڪ سائين **عبدالڪريم بلوچ** کان ورتل آٽوگراف.



بتاريخ: 1980ع-01-06 انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ ماهتاب محبوب جي ڪتاب "مني مراد" جي مهورتي تقريب جي موقعي تي سنڌ جي نامياري راڳي **قمر سومرو** کان ورتل آٽوگراف.

مُوسيقي روح جي غذا آهي، سُر زندگي آهي.



بتاريخ: 1980ع_01_06 انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ ماهتاب محبوب جي ڪتاب ”مني مراد“ جي مهورتي تقريب جي موقعي تي سنڌ جي ناماري ليکڪ **رشيد ڀٽي** کان ورتل آٽوگراف.




بتاريخ: 1980ع_01_06 انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ ماهتاب محبوب جي ڪتاب ”مني مراد“ جي مهورتي تقريب جي موقعي تي سنڌ جي ناماري شاعر **سرفراز راڄڙ** کان ورتل آٽوگراف.

کهڙي منجهه حساب هڻ منهنجو هوت ريءَ (شاهه)






سپ رنگ سانول : هاشم شورو

بتاريخ: 1980ع_01_06 انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ ماهتاب محبوب جي ڪتاب ”مني مراد“ جي مهورتي تقريب جي موقعي تي سنڌ جي ناماري ليکڪ **پروانو ڀٽي** کان ورتل آٽوگراف.

آءُ اکين وارن لاءِ عبرت آهيان.



بتاريخ: 1980ع_04_09 نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾ نورالهدي شاهه جي ڪتاب ”جلا وطن“ جي مهورتي تقريب جي موقعي تي پيٽ **نورالهديٰ شاهه** کان ورتل آٽوگراف.

دُعائن سان.



بتاريخ: 1980ع_04_09 نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾ نورالهديٰ شاهہ جي ڪتاب "جلا وطن" جي مهورتي تقريب جي موقعي تي ڀيڻ **فهميده حسين** کان ورتل آٽوگراف.

اُهو ڪي نہ چئو جيڪو ٻڌي نہ سگهو.



بتاريخ: 1980ع_04_09 نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾ نورالهديٰ شاهہ جي ڪتاب "جلا وطن" جي مهورتي تقريب جي موقعي تي **ڀيڻ نورالهديٰ شاهہ** کان ورتل آٽوگراف.

تنهنجو ديش منهنجو ديش،
جيئي سنڌوديش، جيئي سنڌوديش.







بتاريخ 1980ع_11_04 تي سنڌ ۽ هند جي ناميارِي ليکڪ **لڇمڻ ڪومل** کان ورتل آٽوگراف.

پياري ڀاءُ هاشم شوري جي سڪ ڀريءَ سوغات کي مان هميشہ ساهہ سان سانڍيو رکندس.




بتاريخ: 1983ع_01_07 تي ماهتاب محبوب جي ڪتاب "جيءَ جهروڪا" جي مهورتي تقريب جيڪا هوٽل فتاز حيدرآباد ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ ناميارِي فلم اسٽار مشهور فنڪار **مصطفيٰ قريشيءَ** کان ورتل آٽوگراف.



بتاريخ: 1983ع_01_07 تي ماهتاب محبوب جي ڪتاب "جيءَ جهروڪا" جي مهورتي تقريب جيڪا هوٽل فتاز حيدرآباد ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ هندستان کان آيل سنڌي مهمان نامياري ليکڪ **گردواس واڌواڻيءَ** کان ورتل آٽوگراف.



بتاريخ: 1983ع_01_07 تي ماهتاب محبوب جي ڪتاب "جيءَ جهروڪا" جي مهورتي تقريب جيڪا هوٽل فتاز حيدرآباد ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ نامياري ليکڪ سائين محترم **علي احمد بروهيءَ** کان ورتل آٽوگراف.

اڇي پڳ پس اندر مڙوئي اگڙيون.







بتاريخ: 1983ع_01_07 تي ماهتاب محبوب جي ڪتاب "جيءَ جهروڪا" جي مهورتي تقريب جيڪا هوٽل فتاز حيدرآباد ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ ڀيڻ **روبينه قريشي** کان ورتل آٽوگراف.



سنڌ جي مزاحمتي ۽ برک شاعر سائين **محمد خان مجيديءَ** کان ورتل آٽوگراف.

قومن آڏو شاهه جُهڪن ٿا، تومون تن جا ڪنڌ مٿي،

شاهه سفر ۾ ٽڪجي ويهن، قومن تن جا پنڌ مٿي.



بتاريخ: 1983ع_01_07 تي ماهتاب محبوب جي ڪتاب "جيءَ جهروڪا" جي مهورتي تقريب جيڪا هوٽل فتاز حيدرآباد

## بيت

تون سنڌي تون، سرواڻ تون نہ موت ميار،
آهي چو عار، توکي سر ڏيڻ ۾.

تون سنڌي، سنڌي پاڻ سڏاءِ
سنڌي ٻولي پنهنجي ٻوليءَ کي ٻہ پڏاءِ
خدا در ٻاڏاءِ تہ سنڌڙيءَ ۾ سک ٿئي.

سنڌڙيءَ ۾ سک ٿئي اٿم اها دعا
جي وطن لاءِ مئا سي سدّا جنت ۾.

اهڙو سڄڻ سنڌ سان ڏِٺُوّ انڌوڪار
پنهنجو پنهنجي قوم کان ٿيو آ غدار
اهڙو ڪو بدڪار، ماءُ نہ ڄڻي ڪو سنڌ ۾.

ناري ڏسي ناز مان، نهوڙي وئي من
ڪيئي گهايا تو گهور سان، ٿيا سپ سن
اهڙي تهڙي زن، ڪڏهن نہ ڪئي مون اک ۾.

محبت جي ميدان ۾ ڪئي سين مڙسي يار
ڪري پياسين ڪڏ ۾ اهڙي ڪاڏيسين مار
اچي ويهہ مون پار تہ دور سڙايئين دل جا.





## غزل

سوچن تي چو پهرا آهن؟
پيلا سپ چو چهرا آهن؟

توسان وڙهبو مور نہ جهڪبو
زخم توڙي سپ گهرا آهن

رڻ مان رڙ اچي ٿي اڄان!
ماڻهو ٿيا سپ ڇا ٻهرا آهن؟

ماريءَ کي ٻہ سمجهن ٿا پنهنجو
الا ماڻهون ڏاڍا ٿيا ڳهرا آهن.

ڏرتيءَ سان لائون لڏيون جن
ڳائبا هميشہ تن تي سهرا آهن.

## غزل

هاءِ ايڏو ڪلاپ
جنهنجو ناهي جواب

ايم بي جي ڊگري
پر ملينٿي ڪا جاب

ڏرتيءَ سان ناتو نہ ڇنبو
سهي ويندس تنهنجا عتاب

اها زندگي ئي گهوري
ڏيئي نہ سگهي جيڪا لاپ

جيون منهنجو سچو ڪسارو
ڏين ٿي جڏهن تون عذاب

چپ تہ تنهنجا اهڙا آهن
آهن ڄڻ لال گلاب

سنڌ الاجي جي ڊائريڪٽر
خبر اٿئي هئي مهتاب.





## غزل

ماري محبت ۾ ڪا ڪهل تہ ڪر،
ڏسي ناز منجهان ڪا مهل تہ ڪر.

آهيان ازل ڪان مان بدنصيب مٺا،
اچي عاشق جي ڪا ٿهل تہ ڪر.

آهي منهنجي حياتي وڻ ٿوهر جو،
اچي اڱڻ حياتي سهل تہ ڪر.

تنهنجي عام ٻڌيسين فراخدلي،
پيارا پيار سندي ڪا پهل تہ ڪر.

مان تہ بن ۾ مٺا پٿڪندو ئي رهان،
توکان ٻيو نہ پڇي منهنجي اهل تہ ڪر.

اهو ڊپ آ مٺا مٿان هيئن چوين،
هاڻ ماٺ بہ رهہ ايڏي گهل نہ ڪر.

## قطعه

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان
تون بہ سنڌ آهين مان بہ سنڌ
پوءِ بہ اهڙي قهري وقت ۾
رکيو وينو آهين هڪ جنڊ.

سنڌ ۽ پيتائي
مڙئي ڳالهه هڪڙي
رهندس ڪون جدا
هڪ امڙ هڪ جنڊڙي





## ٽيڙو

انبن بہ جهليو آ ٻور،
سوچي پئي سهاڳڻ
ڪانڊ آهي چوڌ ور.

رابيل ڪئي آ دير،
ماڻس من وسوسا
الله ڪري خير.

ڪجري پئي نچي،
وڏيري جي جوان زال
دل ۾ پئي پچي.

ڪري هار سينگار،
بيٺي آهي در تي
ويچارن ۾ ويڙهيل نار.

تارن پريل رات
محبوب جي ملڻ جي
آهيس نہ ڪيڏي تات.

رڻ سجو رت ڦڙا
قوم پرست جو آواز
پيچي چڏيو نيئر ۽ ڪڙا.



# ڪـــــافـــــر

ماڻ ڀ ڪافر
تون ڀ ڪافر
گلن جي خوشبو ڀ ڪافر
لفظن جو جادو ڀ ڪافر
هيءُ ڀ ڪافر، هو ڀ ڪافر
فيض ۽ منٽو ڀ ڪافر
نورجهان جو گانو ڪافر
مئڪڊولين جو ڪاڏو ڪافر
برگر ڪافر، ڪوڪ ڀ ڪافر
ڪلڻ بدعت، جوڪ ڀ ڪافر
طبلو ڪافر، دهل ڀ ڪافر
پيار پريا ڀ ٻول ڀ ڪافر
سر ڀ ڪافر، تال ڀ ڪافر
پينگهو ۽ ڏمال ڀ ڪافر
مُگرمان ۽ جمالو ڀ ڪافر
ڏاڏرو پيروي نمري ڀ ڪافر
ڪافي ۽ خيال ڀ ڪافر
شاهه لطيف جي مارئي ڀ ڪافر
سسئي ۽ سهڻي ڀ ڪافر
چاهت جي زنجير ڀ ڪافر
زنده مرده پير ڀ ڪافر
نذر نياز جو کير ڀ ڪافر
پُٺ جي ڪتابن جو ٿيلهو ڀ ڪافر

ڏيءَ جي ڳڏي ڀ ڪافر
ڪلڻ، روئڻ ڪفر جو سودو
غم ڪافر خوشيون ڀ ڪافر
جينز ۽ گٽار ڀ ڪافر
پيڏيءَ ڪان هيٺ پنهنجي شلوار ڀ ڪافر
فن ۽ فنڪار سپ ڪافر
جيڪي منهنجون ڏمڪيون نہ ڇاپين
سي سپ اخبارون ڀ ڪافر
يونيورسٽي سڄي ڪافر
ڊارون جو پولو ڪافر
فرائڊ پڙهائڻ وارا ڪافر
مارڪس جا سپ متوالا ڪافر
ميلا ملاڪڙا ڪفر جو ڏنڏو
ڳائڻ وڄائڻ سارو ڦندو
مندر ۾ تون بت هجين ٿو
مسجدن جو ڀ حال برو آ
ڪجهہ مسجد جي ٻاهر ڪافر
ڪجهہ مسجد جي اندر ڪافر
مسلم ملڪ ۾ اڪثر ڪافر
ڪافر ڪافر مان ڀ ڪافر
ڪافر ڪافر تون ڀ ڪافر
جيڪو مڃي اهو ڀ ڪافر
جيڪو نہ مڃي اهو ڀ ڪافر





# آزاد نظم

ماڻهو ٿا چون
ڳالهہ ڳالهہ تي ڇو؟
تنهنجي اکين ۾ ڏنڏ ڇائنجي وڃي ٿو!
ڳالهہ ڳالهہ تي ڇو؟
تنهنجي مک تي سرءُ جي موسم جهڙي اداسي ڇائنجي وڃي ٿي.
ڳالهہ ڳالهہ تي ڇو؟
تنهنجا چپ ڪنهن اڻچاتل افساني کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڏڪڻ لڳن ٿا.
ڳالهہ ڳالهہ تي ڇو؟
تنهنجن پنبڻين تي تارا چمڪڻ لڳن ٿا!
ماڻهو ڇا ڄاڻن جانان، ڳالهہ ڳالهہ تي تون جو ايڏو ياد اچين ٿي.



## نظم

پيٽ ۾ ٻک،
اسون ۽ جهولا،
پوءِ ٻه،
مرڪي ويني.
پيٽ پريل،
ايرڪنڊيشنڊ بنگلي ۾،
پوءِ ٻه ڪرڪي ويني.





## نثري نظم

منهنجي مرڻ جي سالن پڄاڻان،
جيڪڏهن ڪٿي،
منهنجو ذڪر ٿئي
۽
تنهنجي نيڻن ۾ آلاڻ اچي
ته پڪ ڄاڻجان،
توکي ٻه مونسان پيار هو....

## آزاد نظم

ماڻهون ٿا چون،
ڳالهه ڳالهه تي چو؟
تنهنجي اکين ۾ ويرانيون نظر اچن ٿيون!
ڳالهه ڳالهه تي چو؟
تنهنجي مک تي سرءُ جي موسم جهڙي اداسي ڇانئجي ويجي ٿي،
ڳالهه ڳالهه تي چو؟
تنهنجا چپ ڪنهن اڻ چيل افساني کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڏڪڻ
لڳن ٿا!
ڳالهه ڳالهه تي چو؟
تنهنجين پنبڻين تي تارا چمڪڻ لڳن ٿا،
ماڻهون ڇا ڄاڻن ڄاڻان،
ڳالهه ڳالهه تي تون جوايڏو ياد اچين ٿي.



سپ رنگ سانول : هاشم شورو

## تاثرات: هاشم شورو جي لاءِ

هاشم شورو ڪوٽڙي جو هڪ سينئر اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار فنڪار توڙي سماجي حلقن ۾ سڃاڻ دوست ۽ خاص ڪري شهر جي ادبي سرگرمين ۾ تہ هميشه اڳڀرو نظر ايندو آهي. جنهن جي لکڻين ۾ بہ پختگي، نواڻ ۽ وسعت خيالي نمايان نظر اچي ٿي... سندس ڪتاب بعنوان " سپ رنگ سانول " ۾ شايع ٿيل ڪهاڻيون، شاعري، شخصيون، انٽرويوءِ ڊائري تي مشتمل مواد ادبي شعبي ۾ هڪ واڌارو آهي ۽ ڪين ان تي مبارڪون ڏجن ٿيون.

**غلام رسول غرق**